

11
سنڌ ۾ مارڪسزم-ليننزم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
جون ، جولاءِ 2013ء
ويھين صديءَ ۾ گنيءَ بسائو
جي سامراج مخالف آزاديءَ
جي تحريڪ جو عظيم اڳواڻ
ڪامريڊ ايملڪار ڪيبرال
اليڪشن 2013 جي نتيجن جو سرسري جائزو

سنڌ ۾ مارڪسزم – لیننزم جو پرچارڪ
ٽه ماهي
سماجواد
حيدرآباد
(ڏهين ڪڙي) جون / جولاءِ 2013ع

قيمت: 50/=

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
فليٽ نمبر 310- 311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

توانائي جو بحران ۽ مسلم ليگ ن جا اعلان

اليڪشن 2013 جي فتحياب ٿيندڙ مسلم ليگ (ن) چونڊ نتيجن کان سُتت ئي پوءِ پنهنجي اليڪشن مهم ۾ اُٿاريل سڀ کان اهم مسئلي (توانائيءَ جي بُحران" کي جلد از جلد ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سويلين سرمائيدار (نوازشريف) جو انهي اشو کي اهميت ڏيڻ سمجهه ۾ اچڻ گهرجي. انهيءَ جا ڪجهه خاص سبب هي آهن ته توانائي جي بحران، 16 کان 18 ڪلاڪن جي لوڊ شيڊنگ، نه صرف عام شهرين جو جيئڻ جنجال ڪيو آهي پر پاڪستان جي صنعت کي ڪاپاري ڌڪ رسائي (ڪجهه انگ اکرن مطابق بجلي جو بحران پڻين ڪجهه سالن ۾ جي ڊي پي جو 4 سيڪڙو هضم ڪري چڪو آهي)، پهرين کان موجود بيروزگاريءَ منجهه رڪارڊ اضافو ڪيو آهي ۽ ٻيو اهو ته انهيءَ بحران تي پنجاب حڪومت، مرڪز جي پي پي خلاف سياست ڪندي آئي آهي. هاڻي جڏهن ن ليگ کي ايترو مينڊيٽ به مليل آهي ۽ مرڪز توڙي ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي پنجاب ۾ سندن نهايت ئي مضبوط حڪومت پڻ ٺهي چُڪي آهي، تڏهن پنهنجي اعلانن تي عملدرآمد ڪانسواءِ وٽن ٻيو ڪو ڏگ ڪونهي ۽ پوءِ ناڪامي جي صورت ۾ سمورا ڏگ ڪلندا ته صرف مجموعي تباهي لاءِ. بقول هڪ ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ جي ته توانائي جو بحران نه صرف ن ليگ جي سياست پر هاڻي هن رياست ۽ نظام جي زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي چڪو آهي. آخر اهو بحران آهي ڇا؟ . 2001 ۾پاڪستان اندر 4000 ميگا واٽ بجلي واڌوهئي پر هاڻي صورتحال انهيءَ جي ابتڙ ۽ انهي کان بدتر آهي. پاڪستان هن وقت 8000 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري ٿو پر ڪيس ضرورت 15000 ميگا واٽ جي آهي. اهڙي ريت بجلي جي ضرورت ۽ رسد ۾ 7000 ميگا واٽ جو فرق موجود آهي. پاڪستان بزنس ڪائونسل مطابق ملڪ جو توانائي وارو شعبو 23000 ميگا واٽ بجلي تيار ڪري سگهي ٿو. پر هڪ پاسي معاشي بحران، ٻي پاسي توانائي جو ذيان، ٽين پاسي توانائي جي ڪجهه خاص ذريعن تي تمام گهڻي آڌارسبب بحران ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندو ٿو وڃي. پاڪستان ۾ بجلي جي پيداوار جو 81 سيڪڙو گيس ۽ تيل جهڙين توانائي جي ذريعن تي آڌاريل آهي. جنهن سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن منجهه اضافي جو سڌون سڌو اثر

اهو ٿو پئي ملڪ جي مختلف برآمدگين جو 50 سيڪڙو انهيءَ جي نظر ٿي وڃي ٿو. بجلي جو شعبو 5 بلين آمريڪي ڊالر جو قرضي آهي. اهڙي صورت ۾ توانائي جي ٻين ذريعن (جهڙوڪ سولر ۽ ونڊ انرجي) کي استعمال ۾ آڻڻ جون ڳالهيون پنهنجي جڳهه تي پر هڪ ته انهن جو استعمال شروعاتي طور تي تمام وڏي سيڙپڪاري ۽ تمام گهڻي وقت جي گهرجائو آهي ۽ ٻيو اهو ته عالمي مالياتي ادارا ۽ انهن جو اسٽرڪچرل ايڊجسٽمينٽ پروگرام (SAP) ٽين دنيا جي ملڪن کي ايترو آزاد ۽ پاڻ پرو ڇڏيندو ئي ڪونهي جو هو پنهنجي وسيلن کي پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ استعمال ڪري سگهن. ٻين لفظن ۾ ڪانوَ مري ويا آهن ڇا جو لولا حج تي ويندا؟ اهڙي ريت پاڪستان جي بحران جو تڪڙو ۽ عملي حل توانائي جي شعبي ۾ ڪيش رپين جي انجيڪشنن جو ڊوزآهي. نه صرف ڏيهي پاور پلانٽ کي هلائڻ لاءِ پر ايران سان پائيپ لائين واري منصوبي لاءِ به سرمائي جي ضرورت آهي. پاڪ، ايران گيس پائيپ لائين معاهدي منجهه به اهو ئي مسئلو آخر ۾ نروار ٿئي ٿو.. روس کانپوءِ ايران دنيا جو ٻيون نمبر وڏيڪ گيس پيدا ڪندڙ(روزانو 600 ايم سي ايم) ملڪ آهي. سندس وڏو خريدار (روزانو 30 ملين ڪيوبڪ ميٽر) ترڪي آهي.انهيءَ منصوبي مطابق 1881 ڪلوميٽر ڊگهي گيس پائيپ لائين ذريعي، روزانو 21.5 ملين ڪيوبڪ ميٽر گيس پاڪستان پهچندي. ايران جي پاسي کان ڪم تقريبا مڪمل آهي. پر پاڪستان فنڊ ۽ سرمايو نه هجڻ ڪري ڪم اڃا شروع نه ڪري سگهيو آهي. ايندڙ وقت ۾ فنڊ ۽ سرمائي جي انهيءَ کوٽ کي مسلم ليگ ن جي حڪومت وڌائي چڙهائي اڳيان ڪري پنهنجا ۽ سامراجي گهڻ قومي ڪمپنين جا طبقاتي مفاد پورا ڪندي. جنهن جي گهڻي حد تائين اظهار هُو پنهنجي هيل تائين جي معاشي پاليسين منجهه پڻ ڪري چُڪي آهي، جهڙوڪ پگهارن منجهه علامتي اضافو. ترقياتي بجيٽ ۾ گهٽتائي. ٽيڪس نظام منجهه تبديليون. بجلي سميت ٻين شين تي سبسڊي جي خاتمو ۽ عوام کي ڪو ٻيو ريليف نه ڏيڻ جهڙا عوام دشمن فيصلا وغيره. جڏهن ته سندن جا اڻ اعلانيل اعلان به عوام کي سجهن ٿا. نجڪاري منجهه اظافو ڪيو ويندو. سنڌ ۽ بلوچستان جي وسيلن جي ڦرلٽ ۾ اڃا تيزي آندي ويندي. سگهارا امڪان آهن ته سنڌ جي ڪوئلي تي به هٿ ڦيريو وڃي ۽ ڪالا باغ ڊيم يا ان جهڙي ڪنهن ٻي وڏي ميگا ڊيم جو جن وري جياريووجي. اهڙي ريت خزاني کي ڀرڻ جي قيمت عوام کان ورتي ويندي ۽ هڪ شعبي جي بحران کي ٻين شعبن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڏيهي توڙي عالمي ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون

ويندين. اهو ئي ن ليگ جي وس آهي اهو ئي توانائي جي بحران جو سرمائيداراڻو حل آهي. ٻين لفظن ۾ جن سببن بحران پيدا ڪيو آهي هن نظام ۾ انهن جي حل لاءِ به ساڳيا سبب اڳيان ڪيا ويندا آهن. پاڪستان اندر توانائي جو بحران سرمائيداري جي انارڪي واري ۽ غير منصوبابند فطرت جو ڪلاسيڪل مثال آهي ۽ هڪ هٿين واري اڇوڪي سامراجي دنيا ۾ جيڪا رياست جنهن قدر بورجوا جهموريت کان پري آهي اتي اهو ڪلاسيڪل مثال انهيءَ شدت سان اظهارجي ٿو. ڇاڪاڻ ته آخري نتيجي ۾ هر بحران بشمولِ توانائي جي بحران جي، مجموعي سياسي ، معاشي بحران جو هڪ حصو آهي. ٻين لفظن ۾ عالمي مالياتي ادارا، سول، ملٽري ڪاموراشاهي، جيڪڏهن موجوده سياسي، معاشي بحران جا ڪارڻ آهن ته انهيءَ جي حل لاءِ به اهي قوتون هزارين اعلانن سان اڳيان اچن ٿيون. اهڙي صورتحال ۾ نتيجو اسان توهان سڀني جي سامهون بلڪل واضع هجڻ گهرجي.

نوٽ: پڙهندڙن ساٿيو! تمام گهٽي وقت کان اسان کي مختلف دوستن صلاحيو پئي ته سماجواد مئگزين کي پراڻي آدرش واري ڪتابي سائيز ۾ ڇاپيو وڃي، سندن خيال هو ته انهيءَ سان مئگزين کي محفوظ ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ڪنهن قدر آسان ٿئي ٿو، ان ۽ ڪجهه ٻين سبب جي ڪري اسين هن شماري کان سماجواد کي بڪ سائيز ۾ ڇاپي رهيا آهيون. اميد ته اها

اليڪشن 2013 جي نتيجن جو سرسري جائزو

بخشل ٿلهو

اربين رپين ۽ 130 ماڻهن جي قرباني سان اليڪشن 2013 مڪمل ٿي. سويلين حڪمرانن نيٺ اها بازي به هٽي ورتي. پهريون دفعو هڪ حڪومت آئيني مدو پورو ڪري، اقتدار ڪنهن سولين حڪومت کي منتقل ڪري چُڪي. هڪڙي انتها پسند نقطي مطابق پاڪستان هاڻي هڪ نئين طرف ڏانهن وڌي پيو. هڪ پيو انتها پسند موقف ته ڪجهه به نه پيو بدلجي. بهرحال شيون بدلجن ته پيون پر دهلي دور است وارو مامرو لڳو پيو آهي.. چونڊن جا نتيجا اسانجي سامهون آهن. مرڪز ۽ پنجاب ن ليگ حوالي (جيڪڏهن ۽ نه لکجي ها تڏهن به خير هو). پختونخواهه ڪلين شيو طالبان جي هٿ ، سنڌ ساڳين سان ۽ بلوچستان هر دفعي وانگي پاڻ وڏن حوالي. هن دفعي ٽرن آئوٽ به 60 سيڪڙو ٻڌايو ويو، پر اليڪشن ڪميشن انهيءَ جو ڪو بريڪ اپ ناهي ڏنو ته ڪهڙي صوبي ۾ ڪيترو ٽرن آئوٽ رهيو. تنهنڪري ڪجهه نجي ادارن جي مدد سان پاڻ اهو مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ته خبر پوندي ته بلوچستان اندر ٽرن آئوٽ بمشڪل سراسري 6.5 سيڪڙو تائين پهتو. انهي جو مطلب اهو ٿيو ته پين صوبن ۾ ٽرن آئوٽ 80 سيڪڙو کان مٿي ٿيو هوندو تڏهن ته بلوچستان ملائي ڪري 60 سيڪڙو تائين سراسري انگ پهتو. پر اسان کي خبر آهي ته پختونخواهه ۽ سنڌ ته رهي پري جي ڳالهه پر پنجاب ۾ به ٽرن آئوٽ 80 سيڪڙو ڪونه هيو. تنهنڪري اليڪشن ڪميشن طرفان ٽرن آئوٽ بابت جيڪو سچ ڳالهايو ويو آهي، ساڳيوئي سچ اليڪشن جي صاف شفاف هجڻ بابت به ڳالهايو ويو. جيڪو نه صرف ڪراچي حيدرآباد پر هاڻي ته ڪوڙ سارين جڳهين تان پڌرو ٿي چڪو آهي. حڪمرانن کي چڱي ريت خبر آهي ته صاف شفاف چونڊن جي قيمت ڇا آهي؟ 70 واريون چونڊون ڪنهن قدر صاف شفاف هيون ته ملڪ به اڌ ٿي ويو. توڻي جو هن اليڪشن ۾ ساچي ڌر جو مقابلو ساچي ڌر سان ئي هو پر تڏهن به پاڪستان ۾ شفافيت کان چونڊون ائين پڄنديون آهن. جيئن ڪانوَ، گُليلي کان. ائين ڪونهي ته ڏانڌليون صرف

پاڪستان اندر ٿينديون آهن پر ڏانڌلين جو سرمائيداري نظام سان اُهو رشتو آهي. جيڪو مناڻ جو منائي سان هوندو آهي. هر علائقي جي منائي جو سواد ۽ منهن مهاندو پنهنجو ٿو ٿئي. ڪا منائي ڪنهن ٻي منائي ڪان گهٽ يا وڌ مني ٿي سگهي ٿي پر مناڻ سبب ئي اُهي منايون سڏبيون آهن. تنهن ڪري پاڪستان اندر عام چونڊن جي سرشتي ۾ تازو آيل سڌارا به اڪين تي پر اهو سرمايي جي هڪ هٽي کي ٽوڙين اهو ممڪن ڪونهي. (ساڳي حقيقيت ميڊيا ۽ عدليه جي آزادي جي حوالي سان به رکي سگهجي ٿي). تنهن ڪري ته ڏاهن چيو آهي ته جيڪڏهن اليڪشن عوام جا سمورا مسئلا حل ڪري سگهي ها ته حڪمران ڪڏهوڪو انهي تي پابندي هٽي چُڪا هجن ها. انهي جو مطلب اهو ڪونهي ته ڪو اليڪشنون فضول آهن يا اهو ته ڪو چونڊون حڪمرانن طرفان پيدا ڪيل ڪو ڊرامو هونديون آهن پر عام چونڊون به ٽريڊ يونين وانگي عوامي جدوجهد جو نتيجو آهن جيڪي ردِ انقلابي دور منجهه عوام نه پر عوام دشمنن جي هٿ ۾ سندن حڪمراني کي قانوني بنائڻ جو ڪم ڏينديون آهن. اها حقيقت انهن سماجن ۾ اجا واضح ٿي وڃي ٿي جتي جديد رياست جي جوڙجڪ ۾ عوامي مزاحمتن کان وڌيڪ ڪردار عالمي سرمايو ۽ سامراج ادا ڪندو آهي. بهرحال اڃو ته جزوي طور تي صوبائي (قومي) نتيجن تي غور ڪريون ته جيئن هر هنڌ جي الڳ الڳ حالتن ۽ انهن محرڪن جو مختصر خاڪو تيار ٿي سگهي جن چونڊ نتيجن کي متاثرڪيو ۽ آخر ۾ مرڪز جي حڪومت ۽ سندن اعلانن جو به جائزو وٺون.

پنجاب

پنجاب جي چونڊ نتيجن ۾ ن ليگ قطعي اڪثريت سان اڀيان آئي آهي. سندس پٺيان تحريڪِ انصاف آهي. باقي پي پي کي سرائيڪي وسندين منجهان سواءِ هڪ ٻن سيٽن جي ٻيو ڪجهه ڪونه ڦٻيو. زرداري ٽنڪ ٽينڪ سمجهيوپئي ته شهري مڊل ڪلاس تي آڌاريندڙ تحريڪِ انصاف جو اڀار پي پي جا نه پر ن ليگ جا ووٽ ٽوڙيندو پر نتيجا انهي جي ابتڙ آيا. مان سمجهان ٿو پي پي جي هارائڻ جا هيٺيان سبب آهن. پنجاب ۾ ماضي جي سمورن پي پي دشمنن کي اهم تنظيمي عهدا ڏئي صرف جوڙ توڙ جي سياست تي زور ڏيڻ، پنجاب اندر لوڊ شيڊنگ جي اشو تي صوبائي حڪومت جي پي پي خلاف منظم ۽ مستقل پروپيگنڊا،

ن ليگ جي صوبائي حڪومت جا نسبتن بهتر ترقياتي ڪم. باقي تحريڪِ انصاف جي عمران خان ته پاڻ کي اُهو پيڊ پائپر ثابت ڪيو آهي جنهن ثوري گهٽي فرق سان پر پوري ملڪ اندر ان مڊل ڪلاس نوجوانن کي متاثر ڪيو آهي جنهن پنهنجي ساڃهہ ۾ ڪا وڏي سياسي اٿل پٿل ڪونه ڏٺي آهي. ملڪ جي گادي واري هنڌ تان جاويد هاشمي جو ايڏي وڏي فرق سان کٽڻ، جيڪا سندس روايتي سيٽ به ڪونه هئي، اهو گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿو.

پختونخواهه

توقع جي ابتڙ سڀ کان حيرت انگيز نتيجا خيبر پختونخواهه منجهان آيا. جتي پوئين دور ۾ حڪومت ڪندڙ قومپرست ڏر اين اي پي بلڪل ڏوپجي وئي. انهيءَ منجهه طالبان طرفان مسلسل حملن جو عنصر به موجود آهي جنهن اي اين پي قيادت کي گهران نڪرڻ ئي نه ڏنو پر اهو اهم عنصر ڪونهي. پختون عوام هڪ پاسي طالبان ته ٻي پاسي ڊرون حملن ته ٽين پاسي پاڪستان آرمي جي آپريشنن جي وچ ۾ ڦاٿل رهيو. تحريڪ انصاف انهيءَ مونجهاري منجهان عوام کي ڪڍڻ جي اميد ڏياري پوءِ پلي انهيءَ لاءِ ڪين طالبان سان ڳالهيون ئي ڇو نه ڪرڻيون پون. (طالبان سان ڳالهيون ته پوئين حڪومت به ڪيون هيون ۽ انهيءَ جا نتيجا به عوام جي سامهون آهن). بحرحال آمريڪا ۽ ڊرون حملن خلاف پڙڪبازي، ۽ پاڻ وڏن جو آشيرواد ڪم ڪري ويو. ۽ پختونخواهه جا نتيجا پاڪستان جي ڳجهن ادارن لاءِ ويلڪمنگ ٿي ظاهر ٿيا. چاڪاڻ ته هِن اليڪشن تي پاڪستان جي داخلي محرڪن کان وڌيڪ خارجي محرڪ اثرانداز ٿيٽا هئا ۽ ٿيا.

بلوچستان

ڪراچي اندر جتي اڪثر جاين تي پولنگ جو ڪارو ونهوار ڪجهه ڇاتل سڃاتل سببن جي ڪري دير سان شروع ٿيو اتي لڪين ووٽ نه صرف پئجي به ويا پر ڳڻجي به ويا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي نتيجا به اچڻ شروع ٿي ويا. پر بلوچستان جي انهن جاين تي جتي اليڪشن ممڪن ٿي سگهي ۽ جتي هزار اندر ووٽن تي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جو فيصلوپئي ٿيو، اتان نتيجا ٻي ڏينهن تائين به نه پهتا ۽ جڏهن پهتا تڏهن بي اين پي (مينگل) ميدان کان ٻاهر هئي. اختر حسين جي هارائڻ ۾ اهي سبب به سچ آهن ته نيشنل پارٽي ڪين ڇڏي، مذهبي ڌرين سان اتحاد ڪيو ۽ ٻيو اهو ته اختر حسين پاران اليڪشن کان ٿورو اڳ تائين به چونڊ وڙهڻ نه وڙهڻ جي

مونجهاري به پنهنجو ڪردار نڀايو. پر واڳ ڏٽين جي منشا ڪي به امڪان ڪان خارج نه ڪرڻ گهرجي. اسان پهريون به لکي چڪا آهيون ته هن اليڪشن منجهه داخلي محرڪن نه پر خارجي محرڪن تمام وڏو ڪردار نڀايو آهي. 2014 ۾ افغانستان منجهان آمريڪا جو نڪرڻ ۽ بعد جي امڪاني صورتحال ئي واحد اهو وڏو عنصر آهي جنهن پختونخواهه ۽ بلوچستان منجهه چونڊ نتيجن کي گهڻومتاثر ڪيو.

سنڌ

حسب توقع ، سنڌ ۾ وري پي پي، حڪومت ٺاهڻ جوميندبيٺ حاصل ڪري حڪومت جوڙي چڪي آهي. ٻين صوبن جي اُبتڙ سنڌ جي نتيجن منجهه ڪا خاص تبديلي ڪونهي. پي پي مخالف ڏهه جماعتي اتحاد به ڪو ڀوٿو نه ٻاري سگهيو. ڪراچي ۽ حيدرآباد اندر پنهنجي روايتي معجزاٽن طريقن سان ايم ڪيو ايم اڳيان رهي. پي ٽي آءِ جو جادو سنڌ ۾ ڪو وڏو ڪم ته نه ڪري سگهيو پر سنڌ جي شهري آباديءَ جي هڪ حصي کي ضرور متحرڪ ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن جي سيٽ ۽ تين تلوار وٺ مزاحمت جو مثال پنهنجي جڳهه تي پر پي ايس 47 ۾ بنا ڪنهن خاص ورڪ جي، ”بيٺ“ 8000 ووٽ ڪٽي وئي. جڏهن ته انهي ساڳي تڪ تي تمام گهڻي محنت ۽ تياري ڪانپوءِ به اياز لطيف 16000 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. جيستائين سوال آهي اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ قومپرستن جي ناڪامي جو ته انهي جا ڪجهه ڪارڻ هيٺيان ٿي سگهن ٿا. 1. اليڪشني سياست جو گهٽ تجربو. 2. ڪمزور عوامي بنياد. 3. پي پي مخالفت ۾ مذهبي ڌرين سان اتحاد. 4. وسيلن جي گهٽتائي.5. سنڌ جو نسبتن جامد سماجي معاشي تاجي پيٽو. قطع نظر انهيءَ سچ جي ته سنڌ ۾ پي پي حڪومت بدانتظامي، ڪرپشن ۽ سنڌ دشمن فيصلن ۾ پويان رڪارڊ ٽوڙيا آهن ۽ پوئين چونڊن جي ابتڙ پي پي هيل نه صرف ڌانڌلين پر اربين رپين جي سيڙپڪاري ڪري پنهنجي ڪرنڌڙ ساک، سنڌ ۾ بچائي آهي. پر اهو به سچ آهي ته ماڻهن پي پي مخالفن کي به رد ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن پي پي هڪ عوام دشمن پارٽي آهي ته فنڪشنل ليگ، جماعتِ اسلامي، سني تحريڪ، جي يو آئي، سان گڏ شيرازين ۽ اربابن جو سچ به عوام سامهون آهي. سنڌ اندراليڪشن ۾ حصو وٺندڙ ڪجهه قومپرست ڌرين پي پي

دشمنيءَ ۾ انهيءَ انتها پسند ساڃي ڌر سان گڏجي نه صرف پنهنجي ماضي جي سيڪيولر سياست جي نفي ڪئي آهي پر انهيءَ جا آئينده جي سياست تي به اثر لازمي پوڻا آهن. انهيءَ بنياد تي نتيجا اچڻ ڪانپوءِ سنڌ جي سورن منجهه ڳري پاهه ٿيندڙ مڊل ڪلاس به حسبِ روايت سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي سنڌ جي عوام جي سمجهه، شعور ۽ اوليتن تي آڳر کڻي چوهه چنبڻ ۾ ڪائي ڪسر ڪانه ڇڏي! ٻين لفظن ۾ اهو پرت ذاتي ڪچهرين ۾ پوري قوم کي پادرن لائق قرار ڏيڻ ۾ به دير نه ٿو ڪري. جيڪڏهن ڪو ڊڪٽيٽر سنڌي قوم کي جاهل سڏي ته ٿي توهين پر جيڪڏهن ڪو پاڻ کي قومپرست ۽ سنڌ دوست ڪارڪن توڙي اڳواڻ سمجهندڙ به قوم کي جاهل سڏي ته ٿيو تجزيو. سنڌ جي مڊل ڪلاس جي انهيءَ رويي کي غور سان جانچڻ جي ضرورت آهي. جيڪو پنهنجي تڪڙي تبديل ٿيندڙ معاشي بيهڪ سبب تڪڙا نتيجا حاصل ڪرڻ گهري ٿو. پر مستقل مزاجي ۽ سخت سياسي محنت کان ڀڄي ٿو ۽ سوشلزم،قومي آزادي ۽ جمهوريت حاصل ڪرڻ لاءِ شارٽ ڪٽ ڳولهيندو ٿو رهي. انهي تڪڙ سبب هي پرت جيترو جلد پُراميد ٿيندو آهي اوترو جلد ئي مايوس ٿي ٻي دور ۾ موقعي پرستي جي بيماري جو شڪار ٿيندو آهي. انهي تڪڙ ۾ هو ويساري ٿو ويهي ته سياسي شعور، مظلوم طبقن ۽ قومن منجهه پاڻمرادو پيدا ناهي ٿيندو پر اهو ڪم مظلوم طبقن ۽ قومن جي نمائندگيءَ جي دعواي ڪندڙ سياسي قوتون ڪنديون آهن. تنهن ڪري تنقيد عوام تي نه پر پاڻ تي ٿيڻ گهرجي. نه ويسارڻ گهرجي ته حڪمران، عوام کي وڏي عرصي تائين غلام رکي نٿا سگهن، جيستائين مادي غلامي جي چوڌاري فڪري ۽ روحاني غلامي جو غلاف چڙهيل نه ٿو هجي. جنهن کي هٽائڻ جو ڪم ئي انقلابي ۽ عوامي قوتن جو بنيادي ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين مظلوم ۽ محڪوم پرت، طبقا ۽ قومون پنهنجي انقلابي فڪر کان وانجهيل رهنديون تيستائين انهن جو حڪمرانن جي ئي فڪر ۽ سوچ ۾سوچڻ ۽ انهن جي ئي مفادن لاءِ استعمال ٿيڻ ڪو اتفاق نه پر قانون ٿي وڃي ٿو. اهو انقلابي فڪر جو ڪارنامو آهي ته اهو مظلومن کي پنهنجو موضوع پاڻ بڻائي ٿو. تنهن ڪانپوءِ مظلوم ۽ محڪوم ڪنهن ٻي لاءِ نه پر پنهنجي لاءِ مرڻ ۽ جيئڻ سکن ٿا. جيستائين ائين نه ٿو

ٿئي مظلوم ۽ محڪوم پاڻ کي به حڪمرانن جي اک سان ڏسندا آهن ۽ انسان کي خبر آهي ته حڪمران قوتون، عوام کي صرف اليڪشن جي اشتهارن ۾ ئي باشعور لکڻ تي مجبور ٿينديون آهن.

مرڪزي حڪومت ۽ اڳواٽ اعلانن جي حقيقت

مرڪز ۾ ن ليگ حڪومت ٺاهي چُڪي آهي. جنهن لوڊ شيڊنگ جي خاتمي کي پهرين ايجنڊا تي رکي ڇڏيو آهي. جيڪو تمام گهڻو اهم آهي پر توانائي جو بحران، سياسي بحران کان الڳ ڪونهي. پاڪستان اندر انهي سياسي بحران کي حل ڪرڻ جي اهليت درحقيقت، ن ليگ سميت ڪنهن به بورجوا تنظيم منجهه ڪونهي. سنڌن لاءِ ايران گيس پائيپ لائين واري فيصلي تي عمل ڪرڻ ڪو ايڏو سولو ڪونه هوندو. ن ليگ جي وس اهو آهي ته هو پهرين جي پيٽ ۾ سعودي ۽ چين جي مفادن جو خيال رکن. پر آمريڪا ۽ هندستان سان تعلق بهتر ڪرڻ به پاڪستان جي سولين سرمائيدار جي مجبوري آهي. غربت جي خاتمي جون ڳالهيون ته آهن پر نجڪاري وڌائي ڏيهي ۽ عالمي سرمائي کي وڌيڪ تحفظ ڏيڻ سان پهرين کان موجود انتهائي غربت تي ڪهڙا اثر پوندا سا هرڪنهن کي خبر آهي. طالبان سان ڳالهين جي ڳالهه هلي پئي پر ڇا طالبان ڪا هڪ منظم ۽ مسلح قوت آهي جنهن جي قيادت سان ڳالهائبو؟ ن ليگ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ قومپرستن سان ناتا اجا بهتر ڪرڻ جو سوچي پئي. هاڻي ڳجهن ادارن طرفان قومپرست ڪارڪنن جي اغوائن ۽ پوءِ سندن جا گولين سان پروٽيل لاش ملڻ ۾ جا گهٽتائي ايندي سا سڀ ڏسنداسين پر ڇا ن ليگ پاڪستان کي صرف آئيني طور هڪ گهڻ قومي رياست قرار ڏيڻ جو ئي ڪشٽ ڪري سگهي ٿي؟ اهي ۽ ٻيا ڪوڙسارا سوال آهن جيڪي پاڪستان جي سياسي بحران جي شدت کي اظهارين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ عوام ۽ عوامي قوتن کي صرف اهو ئي چئي سگهجي ٿو ”آپٽي گهوٽ ته نشا ٿي وئي.“

عالمي سياسي صورتحال

افغانستان: انتهاپسندن جو اکاڙو

سڌارٿ ڪولهي

هاڻوڪي عالمي سياسي وايومنڊل ۾ افغانستان کي مرڪزي حيثيت مليل آهي. افغانستان جي سياسي صورتحال هن پوري خطي جي سياست ۽ استحڪام کي هڪ حد تائين طئي ڪري ٿي. افغانستان تاريخي طور هڪ قبائلي سماج رهيو آهي، پر افغانستان جي جاگرافيائي بيهڪ هميشه عالمي طاقتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي ۽ ائين افغانستان هن خطي جي يعني وچ ايشيا، (Central Asia) ڏکڻ ايشيا، چين ۽ وچ اوڀر جي سياست تي گهرو اثر وڌو آهي.



آمريڪي صدر براڪ اوباما جي 2011ع واري پاليسي بيان مطابق آمريڪي ۽ ناٽو فوجون جولاءِ 2011ع کان افغانستان اندر پنهنجو مشن پورو ڪري، واپسي جو ۽ دفاعي ۽ سولين ذميواريون افغان حڪومت، فوج ۽ سول انتظاميه کي ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪنديون، جيڪو 2014ع جي آخر تائين هلندو. اڄ يعني جون 2013ع ۾ اهو سلسلو جاري آهي. تقريباً 50 هزار کان مٿي آمريڪي فوج افغانستان ۾ موجود آهي، جيڪا آهستي آهستي، علائقن جون ذميواريون افغان فوج (جيڪا آمريڪا ۽ ناٽو جي ٺهيل آهي) کي ڏئي رهي آهي. ٻئي پاسي افغان صدر حامد ڪرزئي ۽ صدر اوباما جي وچ ۾ ٿيل معاهدي (Strategic Partnership Agreement May 2012) مطابق 2014ع کانپوءِ به آمريڪا افغانستان جي معاشي ۽ عسڪري مدد ڪندو رهندو. واشنگٽن ۾ هلندڙ ڳالهين مان اِهو ظاهر ٿيو آهي ته 2014ع کانپوءِ آمريڪا ۽ ناٽو جي ڪاررِوائي اعلانيا طور ختم ٿي ويندي، پر آمريڪي فوج جي اهلڪارن جي ڪنهن حد تائين موجودگي

رهندي، جنهن ۾ افغان فوج ۽ پوليس اهلڪارن جي رهنمائي ۽ تربيت ڪندڙ آمريڪي ۽ ناٽو اهلڪار، اسپيشل آپريشن فورسز ۽ ڪائونٽر ٽيررزم فورسز يعني فوج ۽ سي آئي اي جا اُهي اهلڪار ۽ ڪماندوز جيڪي افغانستان ۽ پاڪستان جي قبائلي علائقن ۾ خاص دهشتگرد ٺڪاڻن تي زميني يا فضائي طاقت سان ڪارروائي ڪري سگهن. آمريڪي ۽ عالمي فوجن جو 2014ع ڪانپوءِ ڪيترو تعداد هوندو، اهو اڃا واشنگٽن، برسلز ۽ ڪابل ۾ طئي ٿيڻو آهي. گارجين اخبار ۽ روسي ٽي وي (Russian T.V News) مطابق آمريڪا 9 مستقل فوجي اڏا (Military Bases) 2014ع ڪانپوءِ افغانستان ۾ رکڻ چاهي ٿو، جنهن تي ڪابل ۽ واشنگٽن ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن. 13 مئي تي حامد ڪرزئي ڪابل يونيورسٽي ۾ تقرير ڪندي چيو ته ”افغانستان آمريڪا ۽ ان جي اتحادين کي فوجي اڏا قائم ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار آهي.“ ان سڄي پيش رفت مان ظاهر آهي ته آمريڪي ۽ ناٽو فوجن جي 2014ع ڪانپوءِ موجودگي رهندي، جيتوڻيڪ 9 فوجي اڏن جي باري ۾ اڃا پڪ نه آهي.

ان کان علاوه قطر (Qatar) ۾ طالبان جي نمائندن سان مختلف ملڪن جي نمائندن جون ڳالهيون هلي رهيون آهن، جنهن جو مقصد طالبان کي ڪرزئي سان مخلوط حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. طالبان، جيڪي افغانستان جي 50 سيڪڙو کان مٿي علائقن تي ڪنٽرول رکن ٿا، ڪنهن قسم جي مفاهمت لاءِ تيار نظر نٿا اچن. طالبان ڪرزئي حڪومت جي نمائندن سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ آمريڪي فوج جي نيڪالي چاهين ٿا. اِهي انهن جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ شرط آهن. جيتوڻيڪ انفرادي حيثيت ۾ ڪنهن ماڻهو جو طالبان هائي ڪمانڊ کان ٽٽي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ ممڪن آهي، پر طالبان قوت جو مجموعي طور ڪرزئي حڪومت يا مخلوط حڪومت ۾ شامل ٿيڻ ڪنهن قدر ڏکيو لڳي ٿو. ان سڄي پيش رفت هڪ غير يقيني واري صورتحال پيدا ڪئي آهي ۽ 2014ع ڪانپوءِ هڪ خطرناڪ صورتحال ۽ خطي ۾ هڪ شورش اڀرڻ جا امڪان پيدا ڪيا آهن. بئي پاسي بيجنگ، ماسڪو، تهران، دهلي ۽ اسلام آباد به 2014ع کان پوءِ ٺهندڙ صورتحال لاءِ تياري وٺي رهيا آهن.

ايڪيهين صديءَ جي ”سنئي“ سامراجيت

آمريڪي رياست، ڪجهه آمريڪي دانشورن ۽ ٿين دنيا

جي ”پُراميد“ سياسي ۽ سماجي لبرل ڌرين مطابق آمريڪا ٽين دنيا جي ٽٽل ۽ غلام قومن جي تعمير ۽ جوڙجڪ ۽ آزادي جو علمبردار آهي، ايڪيهين صدي ۾ آمريڪا بنياد پرستي جي خاتمي لاءِ جنگ وڙهي رهيو آهي. يعني آمريڪا هڪ ”سٺو“ سامراج آهي، جيڪو ملڪن ۾ مداخلت انهن جي معاشي ۽ سياسي ادارن جي تعمير لاءِ ڪندو آهي. آمريڪي دانشور فرانس فوڪوياما پنهنجي ڪتاب (Nation-building: beyond Iraq and Afghanistan) ۾ ڪجهه اهڙي قسم جي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ان صاحب مطابق ٻين عالمي جنگ کانپوءِ آمريڪا جي پاليسي قومن کي جوڙڻ جي رهي آهي، اڄ جي دور ۾ پوئتي پيل رياستن مان عالمي ”تهذيب“ کي تمام گهڻو خطرو آهي. ان ڪري آمريڪا جي ذميواري آهي ته اهڙن رياستن جي جوڙجڪ ڪري، ٻين لفظن ۾ آمريڪا افغانستان اندر به ڪجهه اهڙين ئي نيتن سان آيو هو، اِها ايڪيهين صديءَ جي سامراجيت جي وصف آهي، جيڪا اسان جي ڏيهي سياست ۾ پڻ جڳهه پڪڙي رهي آهي.

اهڙن نيڪ نيتن جو اظهار صدر بش ۽ سموري عالمي ڪميونٽي آڪٽوبر 2001ع کان پهرين يعني افغانستان اندر فوجي جارحيت کان پهرين ڪري چڪا آهن. صدر بش 9/11 کانپوءِ دهشتگردي خلاف ۽ تهذيب جي بچاءُ لاءِ عالمي سطح جي جنگ جو اعلان ڪيو، جنهن جو پهريون نشانو افغانستان هو. برطانيه جي



وزيراعظم اعلان ڪيو ته افغانستان تي فوجي حملو ”منشيات خلاف جنگ آهي“. جڏهن ته لارا بش ۽ چيري بليئر دنيا کي ٻڌايو ته هي جنگ ”عورتن جي آزاديءَ جي به جنگ آهي“ ائين چيو ويو ته 2001ع کان سامراجيت جي شڪل تبديل ٿي وئي۽ سامراج اندر هڪ ”معياري تبديلي“ اچي وئي. هاڻ اسريل سرمائيدار ملڪ

قومن مٿان جنگيون انهن جي آزادي ۽ تعمير لاءِ مڙهين ٿا نه ڪي ڦرلٽ لاءِ. اِهائي ايڪيهين صديءَ جي ”سٺي“ سامراجيت آهي، پر افغانستان جي موجوده حالت بابت ڪي انگ اکر ڪجهه ٻيو ٻڌائن ٿا. دنيا جي نوي (90) سيڪڙو منشيات افغانستان مان پيدا ٿي ۽ پوءِ سمگل ٿئي ٿي، ان ڪاروبار تي گهڻو اثر تاجڪ ۽ ازبڪ سردارن جو آهي، جيڪي آمريڪا جي ٺاهيل ”جمهوري“ حڪومت جو حصو آهن، طالبان جي حڪومت جي خاتمي کان پهرين افغانستان ۾ هيروئن جي پوک تمام گهٽ هئي. گڏيل قومن جي اداري جي رپورٽ مطابق گذريل 7 سالن ۾ هيروئن جي پيداوار چوٽي تي پهتي آهي. حامد ڪرزئيءَ جو ڀاءُ احمد ولي ڪرزئي جنهن کي 2011ع ۾ پنهنجي گارڊ گولي هڻي ماريو، هيروئن جي وڏي سمگلرن مان هڪ هو. برطانيه جي ايجنسي MI6 سان تعلق رکندڙ رٽائرڊ اهلڪار ايني ميڪن (ANNIE MACHAN) مطابق سي آئي اي ۽ ايم آئي سڪس اربين ڊالر حامد ڪرزئي ۽ انهن جي ساٿين کي افغانستان اندر پنهنجي حمايت وڌائڻ ۽ مخالفن کي خريد ڪرڻ لاءِ ڏنا، جيڪي منشيات جي پوک تي خرچ ٿيا. اِن ڳالهه جي روسي صدر پيوٽن به مذمت ڪئي آهي. جيڪڏهن بنياد پرستي ۽ دهشتگردي جي ڳالهه ڪجي ته سامراج نه صرف طالبان جي مقابلي ۾ رشيد دوست، اسماعيل خان ۽ احمد شاهه مسعود جي پوئلگن کي حڪومت ۾ ويهاري هڪ بنياد پرستي جي مقابلي ۾ ٻي بنياد پرستي پيدا ڪئي آهي ۽ ان کي هٿي ڏني آهي، پر سرداري نظام کي جيئن جو تيئن رکي ۽ هڪ بيٺڪتي نوعيت جي بدعنوان حڪومت ٺاهي طالبان جي حمايت وڌڻ جا مادي بنياد پيدا ڪيا آهن. آڪسفيم (OXFAM) جي هڪ سروي مطابق 83 سيڪڙو افغاني بک، بدحالي ۽ دهشتگردي جو ڪارڻ آمريڪي ۽ ناٽو جارحيت کي سمجهن ٿا، جنهن ملڪ ۾ تقريباً اڌ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندي هجي ۽ 71 سيڪڙو ماڻهو لکڻ پڙهڻ کان قاصر هجن، ان ملڪ ۾ جيڪڏهن ان نظام خلاف مزاحمت بنياد پرست ئي ڪندا هجن ته عوام جون همدرديون ۽ حمايت ان طرف ضرور وينديون، انهن انگ اکرن مان اِها ضرور خبر پئي ٿي ته آمريڪا ۽ يورپي ملڪن جي افغانستان ۾ جارحيت قومي جوڙجڪ ۽ جديديت لاءِ نه هئي (۽ نه ٿي سگهي ٿي) پر ڪجهه خاص سببن جي ڪري هئي، چاڪاڻ ته برطانيه به

هندستان تي قبضو بظاهر هندستانين کي ”مهذب“ ڪرڻ لاءِ ڪيو هو، آمريڪي ۽ يورپي سامراج جا افغانستان ۾ مفاد ڪهڙا هئا ۽ آهن، ان سوال تي ڳالهائڻ کان پهريان افغانستان جي تاريخي جاگرافيائي ۽ سماجي بيهڪ ۽ افغانستان جي معاشي ڍانچي کي پوئتي رکڻ ۾ سامراج جي تاريخي ڪردار کي ڏسڻ ضروري آهي.



افغانستان جي جاگريافي ۽ تاريخ تي هڪ نظر، جديديت ۽ بنياد پرستي جو ٽڪراءُ

موجوده افغانستان جون سرحدون تمام اهم ملڪن سان لڳن ٿيون، جنهن جي ڪري افغانستان ايشيا جو مرڪز يا دل چيو ويندو آهي. ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ افغانستان جي وڏي ۾ وڏي سرحد ڊيورنڊ لائين آهي، جيڪا افغانستان کي پاڪستان جي خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان جي علائقن سان ملائي ٿي. افغانستان جي اتر ۾ تاجڪستان، ازبڪستان، ترڪمانستان ۽ چين موجود آهي. افغانستان جي اولهه ۾ ايران سان سرحد ملي ٿي. افغانستان جي مجموعي آبادي ۾ تقريباً 54 سيڪڙو پشتون آهن، باقي 27 سيڪڙو تاجڪ، 8 سيڪڙو ازبڪ ۽ 7 سيڪڙو هزارا آهن، جنهن ۾ اڪثريت اهلِ تشيع فرقي سان تعلق رکندڙن جي آهي. افغانستان ته اوڻوهين صديءَ ۾ موجوده شڪل ورتي آهي، پر تاريخي طور هي خطو، جتي اڄ افغانستان، پاڪستان ۽ وچ ايشيا جون رياستون آهن، وڏن طاقتن ۾ حملا آورن لاءِ هندستان ۽ ٻين خطن ڏانهن رستي يا دروازي جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ موجوده افغانستان اڄ به ٻين خطن يا ملڪن تائين رسائي لاءِ اهو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جيتوڻيڪ جديد سامراجي دور ۾ صرف فوجي رسائي لاءِ نه پر سرمائي جي رسائي ۽ تيل جي برآمد لاءِ به!

سماجي ڍانچي جي ڳالهه ڪجي ته افغانستان هڪ

قبائلي سماج رهيو آهي. قبائلي سردارن جي نيم آزاد حيثيت جي ڪري افغانستان ۾ مضبوط مرڪزي حڪومت نه رهي آهي. اوڻويهين صديءَ ۾ جڏهن هندستان تي برطانيه جو قبضو هو، ته برطانوي سلطنت وچ ايشيا (CENTRAL) تي پنهنجي اثر وڌائڻ لاءِ ۽ زار روس جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ افغانستان تي به حملا ڪيا، جيڪي ڪامياب نه ٿي سگهيا، زار روس به هندستان تائين پهچڻ لاءِ افغانستان کي استعمال ڪندو رهيو. ائين افغانستان برطانيه ۽ زار روس جي وچ ۾ هڪ بفرياست رهيو. انهن ٻن طاقتن جي وچ ۾ هلندڙ پراڪسي (PROXY) جنگ ۽ اثر رسوخ وڌائڻ لاءِ هلندڙ ڇڪتاڻ کي پهرين گريٽ گيم (GREAT GAME) چيو ويندو آهي. اُن دور ۾ افغانستان جي زمين ۽ سياسي قوت قبائلي سردارن، بادشاهه ۽ اشرافيه جي هٿ ۾ هئي، افغانستان جا مختلف علائقه نيم آزاد قبائلي سردارن ۾ ورهايل هئا، جڏهن ته مرڪز ۾ ويٺل بادشاهه افغان اتحاد جي علامت هو. آبادي جي اڪثريت زراعت سان واڳيل هئي يا مال متاع پاليندي هئي، جڏهن ته تاجر، دستڪار ٿوري تعداد ۾ ڪابل، هرات، قنڌار ۽ غزني ۾ آباد هئا.

برطانيه جي افغانستان جي قبضي جي ڪوشش جي ناڪامي جو سبب خودمختيار قبائلي سرشتو هو، جنهن جي ڪري مرڪزي حڪومت جي ذريعي قبضو هڪ حد تائين ناممڪن هو، جيتوڻيڪ ٿوري عرصي تائين مرڪزي حڪومت برطانيه جي هٿ ۾ رهي هئي. 1893ع ۾ برطانيه جي افغانستان ۾ فوجي مهم جي ناڪامي ڪانپوءِ برطانيه سلطنت افعانستان جي ڏکڻ ۽ اوڀر جي پهاڙن جي وچ ۾ ڊيورنڊ لائين جي صورت ۾ ليڪ ڪڍي ڇڏي جيڪا افغانستان جي سرحد ٿي وئي. ائين برطانوي راڄ پشتون آبادي کي ورهائي ڇڏيو ۽ سرحد (موجوده خيبرپختونخواهه) کي هڪ فوجي اڏو ٺاهي ڇڏيو. ان جو مقصد پشتون آبادي کي ڪمزور ڪري پنهنجي اثر کي وڌائڻ ۽ هندستان ۾ پنهنجي سلطنت کي مضبوط ڪرڻ هو. ان ڊيورنڊ لائين کي طالبان کان اڳ ڪنهن به افغان حڪومت تسليم ناهي ڪيو ۽ نه ئي خان غفار خان جهڙن قوم پرستن. ان سرحد جي مدت سؤ سال هئي، جيڪا پوري ٿي چڪي آهي، پر اڃان عملاً موجود آهي.

ويهين صديءَ جي ٻين ڏهاڪي ۾ ڪمالسٽ ۽ (ڪمال اتاتُرڪ جو حامي) روسي انقلاب جو اثر وڌندڙ سامراج مخالف

بادشاهه امان الله افغانستان اندر اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امان الله افغانستان اندر آئين تشڪيل ڏنو ۽ پارليامينٽ ٺاهي، ان سان گڏ عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو ويو. امان الله جو مقصد افغانستان کي جديديت ڏانهن وٺي وڃڻ هو. لينن انهن بنيادن تي امان الله جي حمايت ڪئي هئي، پر هڪ دفعو ٻيهر برطانوي سامراج افغانستان جي سماجي ڍانچي کي تبديل ٿيڻ نه ڏنو. برطانيه قبائلي قدامت پرست سردارن کي بغاوت ڪرڻ تي همٿايو ۽ ائين 1929ع ۾ امان الله جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. برطانيه افغانستان جي ملڪه جيڪا عورتن جي حقن جي حامي هئي، جون جعلي فحش تصويرون شايع ڪيون، جيئن قدامت پرست بغاوت کي همٿائي سگهجي. ان ڪانپوءِ افغانستان اندر جديديت لاءِ ڪو خاص قدم نه کنيو ويو. 1929ع ڪانپوءِ افغان بادشاهه ظاهر شاهه ڪنهن حد تائين قوم پرست ۽ برطانيه مخالف هو، پر افغان ترقي لاءِ ان ڪجهه خاص پوٿو نه پاريو. ظاهر شاهه هٽلر ۽ مسولني سان ويجهو هو. 1973ع ۾ ظاهر شاهه کي پنهنجي سوٽ دائود بادشاهت تان هٽائي ڇڏيو ۽ جمهوريه جو اعلان ڪيو. دائود جا تعلق سويت يونين ۽ هندستان سان هئا. ان ڪري قبائلي سردارن کي دائود حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ جون ڪوششون ذوالفقار ڀٽي جي دور ۾ ئي جاري هيون. 1965ع ۾ ٺهيل افغانستان جي ڪميونسٽ پارٽي پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي افغانستان (PDPA) به دائود جي حمايت ڪئي هئي. پي ڊي پي اي جا اهم ماڻهو فوج جي اهم عهدن تي فائض هئا. ٿوري عرصي ۾ دائود جو ايراني بادشاهه ڏانهن جهڪاءُ وڌندو ويو ۽ پنهنجي ڪميونسٽ حمايتن تي به ڪڙڪڻ شروع ڪيائين. ايران جي بادشاهه رضا شاهه پهلوي کي افغانستان ۾ اشتراڪيت جو خطرو محسوس ٿيو ۽ آمريڪا جي اتحادي جي حيثيت ۾ دائود کي اشتراڪين تي سخت تشدد ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ پنهنجي بدنام زمانا ساواڪ ايجنسي جي مدد جي به آڇ ڪئي. ايران ۽ آمريڪا دائود کي ٽن ارب ڊالرن جي امداد جي پيش ڪش ڪئي ۽ ڊيورڊ لائين کي تسليم ڪرڻ لاءِ به چيو. 1978ع ۾ اڪبر خيبر جي قتل ۽ پي ڊي پي اي جي اڳواڻن نور محمد ترڪئي ۽ ببرڪ ڪارمل جي گرفتاري ڪانپوءِ فوج ۾ ويٺل ڪميونسٽن جوابي حملو ڪري 28 اپريل 1978ع تي فوجي بغاوت ڪئي ۽ دائود جي حڪومت ختم

ڪري ”ثور انقلاب“ برپا ڪري ڇڏيو. افغانستان جو نالو ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ رکيو ويو ۽ سوشلزم جا مادي بنياد پيدا ڪرڻ لاءِ جمهوري اصلاح ڪرڻ شروع ڪيا. امان الله ڪانپوءِ افغانستان کي جديديت ڏانهن وٺي وڃڻ جي اِها پهرين ڪوشش هئي. جيڪڏهن پي ڊي پي اي جي جمهوري سڌارن تي نظر وجهجي ته خبر پوندي ته اِها هڪ سنجيده ڪوشش هئي. پي ڊي پي اي افغانستان جي قبائلي ڍانچي کي تبديل ڪرڻ لاءِ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو. تقريباً ويهه لک بي زمين هارين کي زمين ملي، جيتوڻيڪ قبائلي سردارن جو تمام گهڻو سياسي ۽ نفسياتي غلبو افغان عوام تي موجود هو. افغان حڪومت مذهب کي رياست کان الڳ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان کي قانوني شڪل ڏني. عورتن لاءِ تعليم کي لازمي قرار ڏنو ويو ۽ زبردستي شادين ۽ ڇوڪرين کي وڪڻڻ جهڙين سرداري روايتن جي خلاف قانون سازي ڪئي وئي. انهن قانونن کي عملي شڪل ڏيڻ ۽ عوام کي آگاهي ڏيڻ لاءِ رياستي مهم هلائي وئي. رياستي اسڪول ۽ اسپتالون ٺاهيون ويون. 1978-81ع تائين رياستي اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا پنج هزار کان وڌي ڇهه لک تائين پهتي. اوڻهين هزار استادن کي تربيت ڏئي افغانستان جي مختلف علائقن ۾ موڪليو ويو. افغان حڪومت جي افغانستان جي جديد قومي تشڪيل لاءِ سڀ کان وڏي ڪوشش سرداري نظام جي مخالفت ۾ زرعي سڌارا ڪرڻ، هارين تان قرض معاف ڪرڻ ۽ بنياد پرستي جي خاتمي لاءِ مذهب کي رياست کان الڳ ڪرڻ ۽ تعليم جي مهم هلائڻ آهي. سماج ۾ مٿان کان آيل انقلاب جون ڪجهه پنهنجون حدون هجن ٿيون ۽ ان تبديلي کي هيٺ سماج ۾ پاڙون پڪڙڻ لاءِ وقت جي ضرورت هجي ٿي. پر سامراج ۽ ان جي پاڙيتو رياستن کي خطي جي اهم ملڪ افغانستان ۾ اشتراڪي حڪومت قبول نه پئي ٿي سگهي ۽ هن دفعي آمريڪي سامراج ترقي جي رستا روڪ ڪرڻ لاءِ جنگي سردارن ۽ مذهبي بنياد پرستي کي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ائين موجوده مذهبي انتهاپسندي جو بنياد اُن دور ۾ پيو. 1979ع ۾ ايراني انقلاب ڪانپوءِ خطي ۾ ڪابه اهڙي رياست موجود نه هئي، جيڪا افغانستان ۾ آمريڪي سامراج جي مفادن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڏي، سواءِ پاڪستاني رياست جي ۽ خاص طور تي پاڪستاني

فوج جي جنهن جو سربراهه مجاهد اسلام جنرل ضياالحق هو. ضياالحق ۽ پاڪستاني فوج آمريڪي سامراج جي مفادن کي پورو ڪرڻ سان پنهنجي اقتدار ۽ طاقت ۾ اضافو ڏسي رهيا هئا. آمريڪي سامراج ضياالحق جي فوجي، سياسي ۽ معاشي مدد سان گڏ پاڪستان جي ايٽمي پروگرام ڏانهن به اکيون ٻوٽيون. ضياالحق جي گناهن کي عالمي ميڊيا جي ذريعي ڍڪتو ويو. جنرل ضياءَ به پنهنجي ڊيوٽي کي سمجهي پيو، تنهن ڪري ضياءَ آئي ايس آئي جي سربراهه جنرل عبدالرحمان کي چيو ”افغانستان ۾ پاڻي مناسب درجي حرارت تي اٻرندو رهي.“

(THE DUEL: PAKISTAN ON THE FLIGHT PATH OF AMERICAN POWER, BY TARIQ ALI)

جنرل اختر عبدالرحمان آئي ايس آئي جي افغان بيورو ٿاهي سي آئي اي سان گڏ ڪم ڪيو، جنهن ڪانپوءِ آئي ايس آئي کي وڏي تعداد ۾ پئسو ۽ هٿيار ڏنو ويو، ان مهم جو مقصد اهو هو ته افغان انقلابي حڪومت کي ڪيرائڻ لاءِ بنياد پرست قوتن ۽ سردارن کي استعمال ڪيو وڃي. رشيد دوستم، احمد شاهه مسعود، اسماعيل خان، حڪمت يار ۽ ٻين بنياد پرست سردارن جو اتحاد ٺاهي اشتراڪي حڪومت کي ڪيرائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو.



27 ڊسمبر 1979ع تي سويت فوجي دستا ازبڪستان جي سرحد پار ڪري افغانستان ۾ پي ڊي پي اي جي درخواست تي اُن حڪومت جي بچاءُ لاءِ داخل ٿيا. آمريڪي قومي سلامتي جي مشير برزنسڪي مطابق پي ڊي پي اي حڪومت جي خلاف اشتراڪي مخالف قوتن کي استعمال ڪرڻ جو مقصد سويت روس کي افغانستان ۾ آڙٿو هو، اهو هڪ چار ٿاهيو پئي ويو ته، جنهن ۾ سويت يونين کي ڦاسائجي. آمريڪي سامراج اشتراڪي حڪومت ۽ سويت يونين کي شڪست ڏيڻ لاءِ مذهبي انتهاپسندي کي بهترين هٿيار سمجهيو ٿي. سعادت حسن منٽو 1954ع ۾ انڪل سام

آمريڪا جي نالي هڪ تنظيه خط ۾ ان ڳالهه جي سني اڳ ڪٿي ڪئي هئي.

”ڪجهه ڏينهن اڳ مان توهان (چاچا سام) جي خدمت ۾ هڪ خط لکيو هو، هاڻ هي ٻيو لکي رهيو آهيان. ڳالهه هي آهي ته جيئن جيئن توهان جي پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جي ڳالهه پڪي ٿي رهي آهي، منهنجي عقيدت ۽ سعادت مندي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. منهنجي دل ته چئي ٿي، ته مان توهان کي روزانو خط لکان.

هندستان لک اعتراض ڪري پر توهان پاڪستان سان فوجي امداد جو معاهدو ضرور ڪيو، ڇاڪاڻ ته توهان کي هن دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي سلطنت جي استحڪام جي تمام گهڻي پريشاني آهي ۽ ڇو نه هجي جو هتان جو مُلو روس جي ڪميونزم جو بهترين ٽوڙ آهي. فوجي امداد جو مقصد جيستائين مان سمجهان ٿو ته انهن مُلن کي مسلح ڪرڻ آهي. مان توهان جو پاڪستاني ڀائٽيو آهيان، پر توهان جون سڀ رمزون سمجهان ٿو، پر عقل جي اِها اُڏار توهان جي ئي سياسيات جي عطا ڪيل آهي.“

آمريڪي سامراج 1979ع ۾ به ڪجهه اهڙو ئي ڪيو، ضياءَ جي وچايل مدرسن جي چار مان تيار ٿيل مجاهدن کي افغانستان جهاد لاءِ موڪليو ويو، نه صرف پاڪستان پر مصر، يمن ۽ وچ اوڀر جي ٻين جهادين کي سعودي رياست سميت پشاور جي ذريعي افغانستان پهچايو ويو. مصر جو وڏو جهادي ڊاڪٽر ايمن الزواهري (جيڪو القائده جو اڳواڻ آهي) ۽ سعودي عرب جو مجاهد اسامه بن لادن به اُن دور ۾ ثواب ڪٽڻ افغانستان پهتا. پاڪستان اندر جهادين جي فوجي تربيت لاءِ ڪيمپون تيار ڪيون ويون. عالمي ڪميونٽي توڙي ميڊيا ان دور ۾ به اِن جنگ کي آزادي ۽ تهذيب جي بچاءُ جي جنگ پئي سڏيو، جنهن جو وڏو سرواڻ ضياء الحق پاڪستان جو صدر هو. پاڪستاني فوج کي مليل هٿيار جنهن ۾ اسٽنگر ميزائل به شامل آهن. مجاهدن تائين پهچڻ سان گڏ نجي ڊيلرن تائين به پهتو، جنهنجي ڪري پاڪستان خاص طور تي ڪراچي اندر هٿيار ڪلچر پيدا ٿيو. سي آئي اي، آئي ايس آئي ۽ ٻين ڪجهن ادارن هيروئن جي پيداوار کي هٿي ڏني، سمگلنگ جو پئسو ”ثواب“ لاءِ به استعمال ٿي پيو. پاڪستان ۾ 1989ع تائين ويهه

لک کان وڌيڪ هيروئن جا عادي پيدا ٿي چڪا هئا. ان کان علاوه، روشن خيالي ۽ تهذيب جي علمبردار سرمائيدار دنيا اندر جهادي لٽريچر ڇپڻ لڳو، جيڪو خاص مجاهدين جي ايمان کي پڪو ڪرڻ لاءِ هو ۽ اُن ۾ وڏو نالو آمريڪا جي نيبراسڪا يونيورسٽي جو آهي.

(The ABCs of Jihad in Afghanistan by Joe stiphens and David B Ottaway)

ائين خطي جي حالت کي وڏي عرصي لاءِ تبديل ڪيو ويو ۽ مذهبي انتهاپسندي جي اهڙي وبا هن خطي کي ڏني وئي، جنهن مان اڄ تائين هتان جو عوام جان ناهي ڇڏائي سگهيو، ياد رهي ته جنرل ضياء جي اسلاميزيشن جو سبب صرف خطي جي سياست جي پيرائي ۾ نه هو، پر ان جا سبب جمهوري حڪومت کي ڪيرائڻ کان پوءِ فوجي آمريت جو جواز پيدا ڪرڻ، جمهوري تحريڪن ۽ ترقي پسند سياست کي ملڪ اندر ڪچلڻ به هو. پيو پاڪستاني ملٽري بورجوازي آسي واري ڏهاڪي ۾ مدرسن مان پيدا ٿيل جهادين کي ڪشمير ۾ استعمال ڪرڻ پڻ شروع ڪيو. ان ڪري آسي واري ڏهاڪي ۾ ڪشمير اندر وڏي پيماني تي تشدد ۽ مذهبي شڪل ۾ بغاوت جي لهر پيدا ٿي.

1985ع ۾ ميخائل گورباچوف ڪميونسٽ پارٽي سويت يونين جو سيڪريٽري جنرل ٿي آيو. ٿوڙي عرصي کانپوءِ سويت يونين افغانستان مان بنا ڪنهن شرط جي فوج واپس موٽائڻ جو فيصلو ڪيو. اڪثر اِها ڏندڪٿا عام طور تي ٻڌائي ويندي آهي ته سويت فوج جهادن جي هٿان شڪست کائڻ کانپوءِ افغانستان مان نڪرڻ جو اعلان ڪيو پر حقيقت ان کان ٿوري مختلف آهي. راجر ڪيران ۽ ٿومس ڪيني پنهنجي ڪتاب "سوشلزم سان غداري" (Socialism Betrayed) ۾ لکن ٿا ته گورباچوف ۽ رد انقلابي ڌڙي جي سويت يونين اندر مٿي اچڻ کانپوءِ ۽ مڪمل گرفت حاصل ڪرڻ کانپوءِ سويت ميڊيا اندر اِها پروپيگنڊا ڪئي وئي ته سويت يونين افغانستان ۾ جنگ هارائي رهيو آهي ۽ سويت فوج کي تمام گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي، جيئن افغانستان ۾ سويت يونين اندر جنگ جي حمايت کي ختم ڪيو وڃي. اِها حقيقت آهي ته جهادي آمريڪي سامراج جي ڏنل پئسي ۽ هٿيار جي ڪري مضبوط هئا ۽ سويت فوج کي ڪافي نقصان به پهچايو هئون، پر هڪ لک سويت جديد فوج جي موجودگيءَ ۾ جهادين لاءِ اِهو ممڪن نه هو ته هُو فتح ماڻي سگهن. پيو اُن دور جي سويت پاليسي تي

نظر رکجي ۽ کجهه زميني حقيقتن کي ڏسجي ته اِهو ظاهر ٿيندو ته افغانستان مان سويت فوج جي واپسي جو اعلان گورباچوف جي سامراج سان مفاهمت جو نتيجو هو. هڪ ته سويت فوج جيستائين موجود هئي ته افغانستان ۾ سويت مدد سان ترقي لاءِ 142 مختلف پراجيڪٽ ٺاهيا ويا ۽ سويت جيولاجسٽ افغانستان ۾ معدنيات جا ذخيره به دريافت ڪيا، پر بعد ۾ گورباچوف بنا ڪنهن شرط جي ۽ نجيب الله جي حڪومت جي تحفظ لاءِ ڳالهه ٻولهه کان بغير سويت فوج جي جٿن جي واپسي جو اعلان ڪيو. جڏهن ته هڪ لک فوج جي واپسي، طاقت جي توازن هوندي، بنا ڪنهن شرط ۽ ڳالهه ٻولهه جي ٿي ڪري سگهجي. ٻيو ته گورباچوف جي دور ۾ سويت يونين ڪيوبا، ڏکڻ آفريڪا ۽ مشرقي يورپ ۾ به پنهنجي ساٿين جي مدد بند ڪري ڇڏي هئي. ٽيون ته 1989ع ۾ سويت يونين جي آخري فوجي جٿن جي واپسي کانپوءِ به 1992ع تائين نجيب الله جي حڪومت، ڪمزور ۽ ٻين گروپن سان مفاهمت ۾ ئي سهي، پر لڙندي رهي. ان جو مطلب افغانستان ۾ حالت ائين نه هئي ته جهادي فتح جي قريب هئا ۽ سويت فوج پڇي نڪتي. انهن حقيقتن مان ظاهر آهي ته سويت يونين جهادين هٿان شڪست کائڻ کانپوءِ واپس نه موٽي پر رد انقلابي قوتن جي سامراج سان مفاهمت ان واپسي جو ڪارڻ هو، سويت يونين جي فوج افغانستان مان واپسي ۽ 91 کانپوءِ سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ افغان جهاد جو هڪ ڏاکو پنهنجي اختتام تي پهتو، پر ان کانپوءِ ڪابل، افغانستان ۾ منشيات جي ڪاروبار تي ڪنٽرول لاءِ جهادي ۽ جنگي سردار پنهنجي پاڻ ۾ جنگ ڪرڻ لڳا ۽ ائين افغانستان گهرو ويڙهه جو شڪار ٿيو، جنهن جي ڪري ماضي جون پوريون حاصلاتون ۽ انفرا اسٽرڪچر تباهه ۽ برباد ٿي ويو. ڪابل تي ته 92 کانپوءِ برهان دين رباني ۽ احمد شاهه مسعود (مسعود رباني جي جماعت اسلامي جي ملٽري ونگ جو سربراهه ۽ تاجڪ حصي جو جنگي سردار هو) جو قبضو ٿيو، پر پوري ملڪ



اندر خانه جنگي هئي. ان خانه جنگي دوران پشتون علائقي قنڌار مان تيرهين صديءَ جي انگلستاني چور رابن هوڊ جي طرز تي هڪ گروهه اڀريو، جنهن جو سربراهه ملا عمر ۽ ان جو ڪيڊر پشتون مهاجر ڪيمپن ۽ مدرس مان پرتي ٿيل هو. ان گروهه جو ظاهر مقصد رابن هوڊ وانگي لاقانونيت ۾ امن ۽ استحڪام ۽ قانون پيدا ڪرڻ هو. اِن گروهه جو نالو طالبان هو، حقيقت اِها آهي ته پشتون جنگي مجاهد ۽ آئي ايس آئي جي اثاثي ۽ حزبِ اسلامي جي سربراهه گلبدين حڪمت يار جي ناڪامي ڪانپوءِ بينظير جي حڪومت ۾ آئي ايس آئي طالبان کي مسلح ڪري ڪابل جي فتح لاءِ موڪليو ۽ ائين 1996ع ۾ طالبان ڪابل فتح ڪري حڪومت ٺاهي. آمريڪي سامراج جو آشيرواد ۽ سعودي ريال پئي طالبان کي ڏنا ويا. طالبان حڪومت ۾ اچي افغانستان ۽ پي ڊي پي اي جي آخري اشتراڪي اڳواڻ نجيب کي گڏيل قومن جي افغان هيڊڪوارٽر مان ڪڍي ان تي تشدد ڪيو، سندس جنسي عضون کي ڪٽيو، ٽرڪ سان ٻڌي ڪابل جي گهٽين ۾ گهليو ويو ۽ پوءِ ڦاسي ڏني وئي، پر افسوس! عالمي قانون ۽ انساني حقن جا ادارا خاموش رهيا! دراصل اِها خاموشي، عالمي سامراج کي ڏنل NOC سرٽيفڪيٽ آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ ڪانسواءِ ئي عالمي سامراج، آلندي، پيٽرس لمبا، نجيب ۽ قذافي جهڙن سوين قوم دوست ۽ عوام دوست اڳواڻن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪندو آيو آهي.


افغانستان ۾ خطي جي سياست- بنياد پرستن جو ٽڪراءُ

سرد جنگ ڪانپوءِ سامراج ”وچ ايشيا (Central Asia) ۽ ڪيسپين خطو تمام گهٽي تيل ۽ گيس جي دولت سان مالا مال آهي، اِن دولت جو آمريڪي ڪمرشل مفادن ۽ خارجا پاليسي تي چڱو اثر آهي. يونوڪال (Unocal) ۽ ٻيون آمريڪي ڪمپنيون اِن ذميواري (تيل ۽ گئس کي

عالمي منڊي تائين پهچائڻ) کي کٽڻ لاءِ ۽ وچ ايشيا کي دنيا جي چوواٽي (Crossroad) ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تيار آهن.“ (جون جي ماريسڪا يونوڪال ڪمپني جي اڳواڻ جو آمريڪي ڪانگريس جي پينل کي خطاب 1998ع)

(Afghanistan and the struggle against on Imperialism John Beacham)

”اسان جو مقصد افغانستان کي مستحڪم ڪرڻ آهي، جيئن افغانستان وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا جي وچ ۾ اهڙو لنگهه ۽ مرڪز ٿي وڃي، جتان توانائي جا ذريعا ڏکڻ طرف وڃي سگهن ۽ جيئن وچ ايشيا جا ملڪ چين ۽ روس جهڙن وڏن طاقتن تائين محدود نه رهن، پر اُهي ڏکڻ، اتر، اوڀر ۽ مغرب (عالمي منڊي) جي لاءِ تيل ۽ گئس جي فراهمي جا ذخيره ٿي سگهن“. (رچرڊ بائوچر، اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ يعني نائب وزير خارجا)

(Sept 2007, Afghanistan and the struggle against Imperialism by John Beacham)

سرد جنگ کانپوءِ عالمي سياست ۽ معاشيات ۾ گهڻي تبديلي رونما ٿي، سويت يونين جي انهدام کانپوءِ آمريڪي سامراج سڀ کان وڏي عالمي طاقت ٿي اڀريو ۽ هاڻ آمريڪي ۽ يورپي سرمائيدار وڏيڪ منافي ۽ هڪ هٿي لاءِ اوڀر يورپ ۽وچ ايشيا جي ملڪن، جيڪي اڳ ۾ اشتراڪي ملڪ هئا، ڏانهن ڏسي رهيا هئا. روسي ۽ چيني سرمائي جي اثر کي روڪڻ لاءِ يوگو سلاويا جي بالڪنائيزيشن (يعني قومن کي جاگرافيائي طور ٽوڙڻ) ڪئي ويئي، جنهن ۾ لکين ماڻهن جو قتل عام ٿيو. وچ ايشيا جي ملڪن اندر آمريڪا سامراج جا فوجي اڏا قائم ڪرڻ، نسلي وڳوڙ ڪرائڻ، افغانستان اندر فوجي حملو ڪري ۽ پوءِ پشتونن خلاف ازبڪ، تاجڪ ۽ هزارا قبيلن کي بيهارڻ، ڪراچي اندر نسل پرست گروهه جي حمايت ڪري سنڌ جي سياسي بالڪنائيزيشن ڪرڻ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا مثال سرمائي جي چٽاپيٽي جو نتيجو آهن. برشنسڪي، جيڪو صدر جمي ڪارٽر جي حڪومت ۾ آمرياڪ جو قومي سلامتي جو مشير هو ۽ افغان جهاد منصوبي جي جوڙيندڙن مان هڪ هو، پنهنجي ڪتاب ”دي گرانڊ جيس بورڊ“ (The Grand Class board American Primary and its geostrategic comperatives ۾ يورپ ۽ ايشيا کي عالمي اوليت لاءِ مرڪزي نقطو قرار ڏي ٿو ۽ ايشيا جي خاص علائقن جهڙوڪ وچ ايشيا، وچ اوڀر، افغانستان، پاڪستان وغيره کي آتش فشان (Volcanic) خطو قرار ڏي ٿو. چاڪاڻ ته ليکڪ مطابق، آمرڪا کي پنهنجي عالمي مقام کي بچائڻ لاءِ اِن خطي تي هڪ هٿي

حاصل ڪرڻ ضروري آهي، جڏهن ته اِن خطي ۾ چين، ايران ۽ روس جو اثر، آمريڪا مخالف غير رياستي قوتون ۽ ٻيا تمام گهڻا تضاد موجود آهن. ان ڪري ان خطي ۾ آمريڪا لاءِ هڪ هنئي قائم ڪرڻ ڏکي ٿيندي. ليڪ مطابق ”اِهو وڏو خطو..... گهڻو ڪري اهم ميدانِ جنگ ٿيندو، قومي رياستن جي وچ ۾ جنگن لاءِ نسلي ۽ مذهبي تشدد لاءِ .... آمريڪا ۽ عالمي ڪميونٽي کي هتي اهڙو چيلنج منهن ۾ اچي سگهي ٿو، جنهن جي آڏو هاٽوڪو ”يوگوسلاويا“ جو بحران ننڍو نظر ايندو.“

”هن دنيا ۾ طاقت جو مرڪز اوڀر منتقل ٿي رهيو آهي. ايشيا پيسفڪ خطو دنيا ۾ متحرڪ ۽مثبت اضافن جو باعث بڻبو آهي، پر اُتي ايندڙ برق رفتار تبديلي نه ته مستحڪم ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي ڪنهن مستحڪم اداري جي شڪل ورتي آهي. جيستائين اِهو نٿو ٿئي، يورپ ۽ آمريڪا وارن ۽ انهن جي تعمير ڪيل ادارن (Nato, IMF, WB) جي اسٽريٽجڪ ذميواري آهي ته هُو رستو ڏيکارن.“ (Big World, Big Future, Big Nato”, by Tulian Lindley)

جيڪڏهن سرد جنگ کانپوءِ ۽ طالبان جي حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ افغانستان جي صورتحال کي ڏسجي ته مٿي ٿيل تجزيي کي نوس شڪل ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ 2001ع ۾ آمريڪي ۽ ناٽو جارحيت جي ڪارڻ ۽ 2014ع کانپوءِ نهندڙ صورتحال کي به سمجهي سگهجي ٿو.

96ع ۾ طالبان جي حڪومت ٺهڻ کانپوءِ آمريڪا ۽ يورپي ملڪن (سواءِ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي) ان حڪومت کي باضابطه يا عالمي سطح تي تسليم نه ڪيو هو، پر طالبان حڪومت افغانستان اندر هڪ حد تائين، خانه جنگي کانپوءِ، استحڪام پيدا ڪيو، ان ڪري آمريڪا پنهنجي مستقل مفادن کي طالبان حڪومت جي ذريعي پورو ٿيندي ڏسي پئي. ائين آمريڪا طالبان حڪومت سان سفارتي تعلق به جوڙيا ۽ طالبان جي حڪومت ۾ اچڻ لاءِ ڪلنٽن حڪومت جو آشيرواد موجود هو.

90 جي دور ۾ اولهه جي (آمريڪا ۽ يورپ) يارنهن تيل ڪمپنين جو ڪيسويب خطي ۾ سيڙپڪاري هئي، جنهن ۾ يونوڪال (UNOCAL)، آموڪو (Amoco)، ايٽلانٽڪ رچ فيلڊ (Atlantic Richfield)، پينضائل (Pennzoil)، ٽيڪساڪو (Texaco) وغيره اهم آهن. انهن سڀني ڪمپنين لاءِ تيل کي عالمي منڊي، يورپ ۽ آمريڪا تائين پهچائڻ جو

رستو ترڪي واري پاسي کان آهي، جڏهن ته آمريڪي سرمائيدار مرڪزي ايشيا ۽ ڪيسپين خطي کي چوواٽي ۾ تبديل ڪرڻ چاهي پيو ۽ وچ ۽ ڏکڻ ايشيا جي منڊي تي هڪ هٿي قائم ڪرڻ چاهي پيو، ان ڪري يونوڪال (آمريڪي تيل ڪمپني) 96 ۾ ترڪمانستان کان افغانستان ذريعي پاڪستاني ساموندي علائقن تائين گيس پائپ لائن وڇائڻ جو فيصلو ڪيو، جيئن عربي سمنڊ ذريعي توانائي کي عالمي منڊي ۾ وڪڻي سگهجي. ڊسمبر 1997ع ۾ طالبان نمائنده ملا محمد گاس جي سربراهي ۾ ٽيڪساس پهتا، جتي انهن کي شهر جي بهترين سپر مارڪيٽ ۾ شاپنگ ڪرائي وئي. ناسا (NASA) سپيس سينٽر گهمايو ويو ۽ يونوڪل جي نائب صدر مارٽي ملر (Marty Miller) سان ڊنر به ڪرايو ويو. (“Oil Barens Court Taliban in Texas” Guardian 1997) ان ڪانپوءِ يونوڪال قنڌار ۾ آفيس کولي ۽ طالبان حڪومت کي ساليانو پائپ لائن جو ڪرايو ڏيڍ سان گڏ مالي امداد، انفرا سٽرڪچر جي جوڙجڪ جو واعدو ڪيو ويو. آمريڪا ان ڊيل جي عيوض طالبان حڪومت کي تسليم ڪرڻ جو خفيه واعدو به ڪيو هو. پائپ لائن جو اِهو پراجيڪٽ 95ع ۾ برهان الدين رباني ۽ احمد شاهه مسعود جي حڪومت سان ۽ ترڪمانستان جي صدر نياضوف سان ارجنٽينا جي ڪمپني برداس جو طئي ٿيل هو، پر آئي ايس آئي ۽ سي آئي اي جي مدد سان طالبان جو حڪومت تي چڙهي اچڻ، نياضوف تي آمريڪي پريشر ۽ برداس وٽ مالياتي سرمائي جي کوٽ جي ڪري اِها ڪمپني پوئتي رهجي وئي. 1998ع ۾ طالبان ۽ آمريڪا جي تعلق ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي. 98 ۽ 99 القاعده، جنهن جا اڏا افغانستان ۾ طالبان جي پناهه ۾ هئا، عالمي جهاد جو اعلان ڪيو ۽ تنزانيا (TANZANIA) ۽ ڪينيا اندر آمريڪي سفارتخانن تي بم ڌماڪا ڪيا. (ياد رهي ته القاعده ۽ طالبان ۾ فرق هو ۽ آهي، جنهن تي مضمون ۾ اڳتي ڳالهائبو) ٻئي پاسي طالبان طرفان يونوڪال کان وڌيڪ مراعتن ۽ حصو پتي جي گهر ڪئي وئي. ان کان علاوه، طالبان جي اڪثر انتهاپسند رياست خلاف عالمي سطح تي مخالفت موجود هئي. ائين اُن زماني ۾ صدر ڪلنٽن جي حڪومت القاعده جي افغانستان ۾ موجود اڏن تي ڪروز ميزائل حملا ڪيا (جنهن ۾ پاڪستان ڪلنٽن سان گڏ هو ۽ ملا عمر کي آٿت به ڏئي پيو ته ميزائل طالبان تي نه پر القاعده تي ڪيرايا پيا وڃن). ائين يونوڪال جي ڊيل اڌ ۾ رهجي ويئي ۽ ان ڪمپني هڪ اهڙي حڪومت جو

مطالبو ڪيو جيڪا عالمي ڪميونٽي کي تسليم هجي، ڇاڪاڻ ته طالبان سامراج کي ناراض ڪري، پوري دنيا ۾ پاڻ کي اڪيلو ڪيو. گڏيل قومن طالبان تي پابنديون هنيون. طالبان دنيا نه ڏٺي هئي، انهن کي اِها شايد خبرنه هئي ته ڪڏهن به پنهنجي پيدا ڪندڙ پيءُ کي ناراض نه ڪجي. ناراضگي جو سبب القاعده کان وڌيڪ يونوڪال هئي، پر پلا پيءُ پٽ ڪيستائين ناراض رهندا؟

صدر بش 2000ع ۾ چونڊجڻ ڪانپوءِ طالبان سان تعلق جوڙيا، جيڪي ڪلنٽن جي آخري دور ۾ ڪشيده ٿي ويا هئا. بش حڪومت طالبان کي افغانستان ۾ استحڪام ۽ آمريڪي مفادن جي پورائي جو ذريعو سمجهي پئي. افغانستان اندر طالبان جهڙي مرڪزي حڪومت جي ذريعي تيل ۽ گئس جي پائپ لائين جو چار وڇائي سگهجي پيو. ان ڳالهه کي خطي جي هاٽوڪي حالتن ثابت ڪيو آهي. بش حڪومت طالبان حڪومت کي تسليم ڪرڻ جي عيوض القاعده رهنما اسامه بن لادن کي آمريڪا حوالي ڪرڻ ۽ ٻيا شرط رکيا، پر طالبان اهڙن شرطن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. اڪثر جهادن کي اِهو ياد ناهي



رهندو ته هُو ڪافرن جي پيداوار آهن! سيپٽمبر 11، 2001ع تي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي ٻن جاڙن مينارن ۽ پينٽاگون جي بلڊنگ سان جهاز ٽڪرايا. ان واقعي آمريڪي سامراج کي اِهو موقعو ڏنو ته هُو جارحيت ذريعي پنهنجي مفادن آهر دنيا کي جوڙي سگهي. بش-چيني پنهنجي خارجه پاليسي جو بنيادي نقطو هي ٺاهيو "توهان اسان سان گڏ آهيو يا دهشتگردي ڪرڻ لاءِ اسان جي خلاف." سامراج جو پهريون ٽارگيٽ افغانستان هو، جتي مقصد طالبان جي حڪومت کي ختم ڪري اهڙي حڪومت قائم ڪرڻ هئي، جيڪا آمريڪي ڪمپنين جا رهيل مفاد پورا ڪري سگهي، جتي ايران، چين ۽ وچ ايشيا، ڏکڻ ايشيا جي سياست کي مستقل طور طئه ڪرڻ لاءِ چين، ايران، پاڪستان ۽ مرڪزي ايشيا جي درن

يعني افغانستان اندر آمريڪي فوج جي گهٽي عرصي تائين موجودگي ۽ جتي آمريڪا مخالف بنياد پرست قوتن کي ختم ڪري سگهجي، جيئن سامراج سان آئنده ڪير به تضاد ۾ نه اچي. هن خطي ۾ پيهر اهڙي ڪابه رياست نه هئي، جيڪا مڪمل طور سامراجي مفادن جي پاسداري ڪري سواءِ پاڪستان ۽ ان دور ۾ موجود هڪ ٻيو فوجي آمر جنرل مشرف، پر هن دفعي پاڪستاني ملٽري بورجوازي ٻڏتر ۾ هئي ۽ سمجهي پئي ته سامراج جي سڌي حمايت رياست کي هڪ وڏي بحران ۾ وجهندي (جنهن تي اڳيان تجزيو ٿيل آهي) پر ڪلائينٽ رياست ”پٿر جي دنيا“ ۾ وڃڻ کان بچڻ لاءِ سامراج جي حمايت ڪئي ۽ آمريڪا کي پنهنجي زمين تان افغانستان تي حملي جي اجازت ڏيڻي پئي. آڪٽوبر کان ڊسمبر 2001ع تائين طالبان ۽ القاعده جي قيادت ڪابل کان پري پاڪستاني قبائلي علائقن ۾ پهتي. دنيا جي طاقتور فضائي قوت ذريعي افغانستان کي ملبي ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ طالبان جو هيئيون ڪيڊر ماريو ويو. لکين افغانين پاڪستان خاص طور تي سرحد ۽ سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. عالمي بورجوا ميڊيا مطابق ”افغانستان آزاد ڪرايو ويو آهي.“

چا واقعي آمريڪا ۽ ناٽو مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ بنياد پرستي جي خلاف وڙهڻ لاءِ افغانستان ۾ آيا؟ ان سوال جو جواب هڪ حد تائين مضمون ۾ ٻڌايل سامراجي حملي جي سببن تي غور ڪرڻ سان، ملي وڃي ٿو، پر سامراجيت ۽ هن خطي خاص ڪري افغانستان ۽پاڪستان ۾ موجود مذهبي بنياد پرستيءَ جو تعلق ايترو سادو نه آهي، ان تعلق کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته 2001ع کان 2013ع تائين آمريڪا جي افغانستان اندر پاليسيءَ کي سمجهجي ۽ پوءِ طالبان ۽ القاعده جي وڌڻ جي سببن تي ڳالهائجي.

جيئن اسان چئي آياسين ته آمريڪا ۽ ناٽو جو مقصد طالبان جي جڳهه تي اهڙي حڪومت قائم ڪرڻ هئي، جيڪا سامراج جي معاشي، سياسي ۽ فوجي مفادن کي پورو ڪري سگهجي. آمريڪا جو مقصد اُن قوت کي به ختم ڪرڻ هو، جنهن عالمي جهاد جو اعلان ڪري خطي ۾ سامراج لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪئي هئي، ٻين لفظن ۾ سامراج مذهبي بنياد پرستي جي هڪ شڪل جيڪا اُن جي مفادن ۾ هڪ حد تائين رڪاوٽ آهي، سان

صرور فوجي طور وڙهي ٿو، پر ان جي مقابلي ۾ افغانستان اندر جن قوتن کي آمريڪا حڪومت ۾ ويهاريو، اُهي به تمام گهڻيون بنياد پرست آهن. اهڙن قوتن کي طاقت ڏئي، ڪرپٽ حڪومتن کي ويهاري ۽ نيو لبرل معيشت جي ذريعي سامراج جيڪا تباهي ڦهلائي آهي، اُن تباهي مذهبي انتهاپسندي کي تيل ڏنو آهي. ائين سامراج ۽ مذهبي انتهاپسندن جو ٽڪراءُ بنياد پرستين جو ٽڪراءُ آهي. اهو ٽڪراءُ هن خطي ۾ موجود قومن جي ترقي ۾ نه صرف رڪاوٽ آهي، پر اِهو ٽڪراءُ وڌيڪ تباهي ڏانهن ڪٺي وڃي رهيو آهي، پر سامراج ۽ مذهبي انتهاپسندي جي خاص شڪل يا گروه جو ٽڪراءُ جوهري نه آهي، تنهن ڪري اِهو مفاهمت ۾ به تبديل ٿي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ هن خطي ۾ اهڙا امڪان نظر نٿا اچن. پر انجو اظهار اسان لبيا ۽ شام منجهه ڏسي رهيا آهيون. طالبان يا القاعده ۽ آمريڪي حمايت يافته قوتن جي وچ ۾ ڪشيدگي بنيادي طور تي عالمي سرمائي جي داخلي تضاد جو نتيجو آهي، جيڪو هن خطي کي مختلف بنياد پرست گروهن ۾ ورهائي ويٺو آهي.

افغانستان جي رياستي تشڪيل، پاڪستاني رياست ۽ طالبان/القائده مزاحمت: بنياد پرستن جي هيڪڙائي:

اڄ آمريڪي ۽ ناٽو فوج جڏهن افغانستان مان نڪري رهي آهي ته طالبان پنجاهه سيڪڙو کان به مٿي علائقن تي ڪنٽرول رکن ٿا. جڏهن ته افغان فوج ۽ انتظاميه آمريڪي واپسي ڪانپوءِ استحڪام رکڻ جي گهٽي صلاحيت نٿي رکي. ان ڪري آمريڪا طالبان سان ڳالهه ٻولهه ڪري طالبان کي ڪرزئي سان گڏ حڪومت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اهڙن "سٺن" طالبان کي اهم عهده ۽ پئسا ڏنا ويندا، جڏهن ته "خراب" طالبان جيڪي ڪرزئي حڪومت کي نٿامجن ۽ آمريڪا جي نيڪالي ۽ مڪمل حڪومت چاهين ٿا، انهن لاءِ اسپيشل فورز ۽ سي آئي اي ڊرونز 2014ع ڪانپوءِ به ڪريا ويندا، پر في الحال اڪثر طالبان "خراب" ٿا نظر اچن ۽ جيئن سامراج چاهي ٿو شايد ائين نه ٿي! هتي هڪڙو سوال اڀري ٿو ته آمريڪي سامراج جي افغانستان موجودگي جي باوجود طالبان ۽ انتهاپسند قوتون ڪيئن مٿي اچي ويو آهن؟ ڇا اِها آمريڪا جي شڪست نه آهي ته هُو انهن ئي طالبان کي گڏ ڪٺي هلن جي ڳالهه ٿو ڪري جنهن

سان هُو وڙهڻ آيو هو؟ اِنهن سوالن جي جواب لاءِ ته هڪ الڳ مضمون جي ضرورت آهي، پر مختصرن افغان رياست جي تشڪيل ۾ پاڪستان اندر انتهاپسند نيٽ ورڪ جي واڌ ويجهه تي نظر وجهڻ سان نه صرف انهن سوالن جو جواب ڏئي سگهجي ٿو، پر بنياد پرستن جي باهمي تعلق کي به سمجهي سگهجي ٿو.

2001ع ۾ طالبان حڪومت جي خاتمي کانپوءِ آمريڪا ۽ اتحادي ملڪن افغانستان جي رياست جي تشڪيل شروع ڪئي، جنهن کي ”قومي تعمير يا جوڙجڪ“ چيو پيو وڃي. 2001ع کان پهرين ”اتر اتحاد“ يعني تاجڪ ۽ ازبڪ علائقن جي بنياد پرست جنگي سردارن رشيد دوستم ۽ احمد شاهه مسعود (جنهن کي افغان جهاد ۾ آمريڪا ۽ سعودي عرب جي حمايت هئي ۽ سويت جٿن تي حملن جي ڪري اولهه ۾ ڪميونسٽ مخالف چي گويرا سڏيو ويندو هو) پنهنجي نيم خودمختياري طالبان حڪومت دوران قائم رکي هئي ۽ روس جي حمايت سان طالبان سان وڙهندو به رهيو هو.

2001ع کانپوءِ آمريڪا مسعود جي پوئلڳن (چاڪاڻ ته مسعود 11 سيپٽمبر کان په ڏينهن اڳ ماريو ويو هو) کي ويهاريو. هزاره ۾ شيعا قدامت پرست سردار اسماعيل خان، جنهن کي افغان جهاد دوران ايران جي حمايت هئي ۽ طالبان هٿان شڪست کانپوءِ ايران هليو ويو هو، کي پڻ ناٽو جي تحفظ ۾ ڪابل آندو ويو ۽ حڪومت ۾ ويهاريو ويو. حذب اسلامي جي سربراهه گلبدين حڪمت يار کي به اتحاد ۾ آندو ويو پر بعد ۾ هُو طالبان سان ملي ويو، ان حڪومت سازي جو ٺيڪو يونوڪال جي ماڻهو ۽ صلاحڪار ضلعي خليلزاد کي ڏنو ويو. اِها سڄي حڪومت سازي نه صرف طالبان مخالف هئي پر پشتون مخالف هئي. اڄ به حڪومت ۾ ازبڪ، تاجڪ ۽ هزاره سردار آهن ۽ فوج ۽ پوليس ۾ به اڪثريت انهن آبادين جي آهي. سامراج قومي جوڙجڪ جي نالي ۾ پراڻي سرداري سرشتي کي برقرار رکيو آهي ۽ افغانستان کي مختلف نسلن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، صرف پشتون حامد ڪرزئي کي ٻاهران گهرائي سربراهه ٺاهيوويو، چاڪاڻ ته ڪرزئي پڻ يونوڪال ڪمپني جو صلاحڪار هو. (ڏنو وڃي ته آمريڪي رياست ۾ به اهم عهده ڪمپنين جي ماڻهن کي هوندا آهن، جهڙوڪ صدر بش اينرون (Inron) سان تعلق رکندو هو، نائب صدر ڊڪ چيني هالي برٽن

(Haliburton) جو سي اي او هو، ڪونڊوليزا رائيس شيوران (Chevron) ڪمپني سان تعلق رکندي هئي، رچرڊ آرميٽيج يونوڪال سان ۽ هينري ڪسينجر يونوڪال سان ۽ برٽنسڪي آموڪو (Amoco) سان تعلق رکندا هئا ۽ آهن) سامراج اهڙي حڪومت ٺاهي، جيڪا ٻاهرين امداد پنهنجي محل ٺاهڻ تي خرچ ڪري جڏهن ته صحت ۽ تعليم اين جي اوز جي هٿ ۾ آهي، ان محنت ۽ تعليم جو اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا ۽ ڪجهه انگ اکر اسان مضمون جي شروعات ۾ ڏئي چڪا آهيون. جنگي سردار جيڪي سامراج جي حمايت ۾ آهن، اُهي هيروئن جي ڪاروبار ۾ مصروف آهن، اهڙي پوليس ۽ فوج ٺاهي وئي آهي، جنهن جو ڪم پنهنجي ماڻهن کي قابو ڪرڻو آهي. ان سڄي صورتحال ۾ عام عوام خاص ڪري پشتون آبادي ۾، جيڪا اڪثريت ۾ آهي، آمريڪا خلاف نفرت پيدا ڪئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن طالبان آمريڪا مخالفت کي استعمال ڪري حمايت حاصل ڪن ته ڪا عجيب ڳالهه نه آهي. طالبان جي قوت جي وڌڻ جو هڪ سبب افغانستان جو رجعتي سماجي ڍانچو آهي. (اهڙا واقعا ٿيا آهن، جنهن ۾ افغان فوج جي سپاهي ناٽو يا آمريڪي اهلڪار کي ماريو آهي)، پر آمريڪا ۽ اتحادين افغانستان کي جديد رياست ٺاهڻ جي ڪوشش ڇو نه ڪئي؟ اسان مضمون ۾ پهريان لکي آيا آهيون ته افغانستان ۾ آمريڪا ۽ اتحادين جو اچڻ مرڪزي ايشيا جي تيل ۽ گئس جي دولت کي ڦٻائڻ ۽ چيني ۽ روسي اثر کي گهٽ ڪرڻ لاءِ نه صرف سرمائيڪاري ڪرڻ پر پنهنجي فوج کي به خطي ۾ رکڻ هو ۽ سامراج جو مقصد ان کان پيو ڪجهه ٿي به نٿو سگهي. ناٽو جي جنرل سيڪريٽري جاپ شيفر مطابق ”فوجي موجودگي ۽ ممڪنه طور تي ايٽمي ميزائل هڪ اهڙي ملڪ ۾ نصب ڪرڻ جو سونهري موقعو، جيڪو چين، ايران، وچ ايشيا جو پاڙيسري هجي، وڃائي نه پيو سگهجي.“ اهڙن مفادن کي پورو ڪرڻ لاءِ بيٺڪيتي نوعيت جي بدعنوان رياست ۽ جنگي سردارن جي ضرورت آهي، جيڪي سامراج تي مڪمل آڌاريل هجن نه ڪي جديد خودمختيار رياست جي، پر هڪ جبر کي ٻيو جبر ختم نٿو ڪري سگهي. هڪ بنياد پرستيءَ کي ٻي بنياد پرستي نٿي ختم ڪري سگهي. سامراج افغانستان جي سماجي ڍانچي کي جيئن جو تيئن رکي ۽ بدعنوان رياست ٺاهي طالبانن جي واڌ ويجهه جا مادي بنياد پيدا ڪيا آهن. مضبوط مرڪزي پڪڙ نه هجڻ ڪري سامراج 13

سالن ۾ پنهنجا معاشي مفاد اُن حد تائين پورا ناهي ڪري سگهيو، جنهن حد تائين متوقع هو، جيڪڏهن سندس وس پڇي ها ته آمريڪا مرڪز ۾ سهارتو يا ضياء ويهاري ڇڏي ها پر افغان سماج ۾ اِهو ممڪن ناهي.

طالبان ڪا پاپولر يا عوامي نمائنده قوت نه، پر هڪڙي مذهبي انتهاپسند ۽ بنياد پرست قوت آهي، پراڻي سماجي ڍانچي، آمريڪا مخالف جذبن ۽ مٿان وري ڪوبه متبادل نه هجڻ جي ڪري طالبان کي وڌڻ جو موقعو مليو آهي ۽ انهن کي نوجوانن مان وڏي تعداد ۾ ڪيڊر ملي رهيو آهي، پر طالبان جي قوت وڌڻ جو صرف اِهو سبب نه آهي، ان جو ٻيو سبب پاڪستان به آهي.

پاڪستاني رياست ۽ مذبي انتهاپسنديءَ جو تعلق به سڌو ۽ بلڪل سادو نه آهي. اڪثر اِهو سمجهيو ويندو آهي، ته پاڪستان اندر ۽ افغانستان ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ کي هيءَ رياست سڌي طرح حمايت ۽ هٿي ڏئي رهي آهي. ان جو مطلب ته پاڪستاني رياست سامراج جي ٺهيل پاليسي سان سڌي تضاد ۾ آهي، جيڪو ممڪن ناهي، اڪثر ماڻهو اهڙو تجزيو ڪري سامراج مان مذهبي بنياد پرستيءَ جي خاتمي ۽پاڪستان کي ٽوڙڻ جون اُميدون رکندا اچن پيا. سوال اِهو آهي ته جيڪڏهن پاڪستاني رياست جو انتهاپسنديءَ سان سڌو تعلق آهي ته پوءِ مهراڻ فضائي اڏي تي حملن ۽ وزيرستان اندر پاڪستان جي آئين کي نه مڃيندڙ حڪيم الله محسود جي اسلامي رياست کي ڪيئن سمجهجي؟ مذهبي انتهاپسندي ۽ پاڪستاني رياست ٻئي جيڪڏهن هڪ ئي پچ تي آهن ۽ ٻئي اهڙي اتحاد ۾ آهن، جنهن ۾ ڪو تضاد نه آهي، پوءِ ان جو مطلب ته پاڪستاني رياست هڪ ڪٽر مذهبي رياست آهي، جنهن جو مقصد عالمي جهاد آهي؟ هن مضمون جو موضوع پاڪستاني رياست ته نه آهي پر خطي ۾ مذهبي انتهاپسند مزاحمت وڌڻ جي سببن کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه تاريخي ۽ نظرياتي نقطن کي سمجهڻ ضروري آهي.

پاڪستاني رياست نئين بيئڪيتي سرمائيداراڻي رياست آهي. جنهن تاريخي طور مالياتي سرمائي ۽ هِن خطي ۾ سامراج جي مفادن کي پورو ڪيو آهي، جنهن جو احوال مضمون ۾ ڏئي آيا آهيون. ساڳئي وقت پاڪستان جي حاڪم طبقي محڪوم قومن ۽ طبقن جي خلاف پاڪستاني وحدت کي بچائڻ لاءِ ۽فوجي

بورجوازي جي حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ هندستان دشمني، ڪشمير جهاد ۽ اسلامي شعور کي به هٿي ڏني آهي. پاڪستاني رياست جو اسلام جي نالي کي استعمال ڪرڻ مان مراد اِها نه آهي ته هي رياست مذهبي آهي. هِن رياست جاگيردار طبقي کي به سگهارو ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته اِهو ئي طبقو آهي، جنهن تاريخي طور هن رياست خاص ڪري فوجي بورجوازي جي حاڪميت کي سياسي جواز ڏنو آهي. اِن سڄي 65 سالن جي تاريخ ۾ سامراج جو هن رياست تي آشيرواد رهيو آهي. اِها ئي نئين بيٺڪيتي سرمائيداراڻي رياست آهي، جيڪا عالمي سرمائيدار جي سڌي قبضي ۾ ناهي هوندي، پر آخري نتيجي ۾ عالمي سرمائي جي مفادن کي پورو ڪري ٿي ۽ ان رياست جو حڪمران طبقو پنهنجا مفاد رکندي اِها ڪوشش ڪري ٿو ته اُهي عالمي سرمائي جي ٽڪراءُ ۾ نه اچي.

ضياءَ جي دور ۾ پهريون ڀيرو وڏي پيماني تي رياستي ادارن اندر ۽ سماج ۾ اسلامائيزيشن ڪئي وئي. اِهو عمل ضياء الحق کان پهريان جي دور ۾ هندستان دشمني جي پروپيگنڊا ۽ نالي ماتر اسلامي آئين ٺاهڻ کان مختلف هو. ان عمل کي اُن دور ۾ سامراج جي خطي جي پاليسي ۽ ڪجهه داخلي معاملا طئي ڪري رهيا هئا، ”سلافزم“ يا ڪٽر وهابي اسلام جو معاشي پاسو ۽ نيو لبرل معيشت ۾ ڪو فرق ڪونهي. ضياء جي دور ۾ بينڪن ۽ڪارخانن جي نج ڪاري ڪئي وئي، جيڪي ڀٽي دور ۾ قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا هئا. 90 جي دور ۾ پاڪستاني ڳجهن ادارن نه صرف افغانستان اندر طالبان کي ٺاهيو پر ضياءَ جي دور جي پوڪيل ٻج کي ڪشمير ۾ به استععمال ڪيو ويو. اهو سڀ ”اسٽريٽجڪ ڊيپٿ“ جي نالي ۾ ڪيو ويو، پر جهادن کي ٻڌايو ويو ته افغانستان کانپوءِ ڪشمير ۽ هندستان کي فتح ڪرڻو آهي. معاشي طور تي هتان جو سرمائيدار نيو لبرل معيشت جي نقطن مطابق وڏي پيماني تي نج ڪاري ڪري رهيو هو، پر ساڳئي وقت هڪ بنياد پرست شعور کي سامراجي آشيرواد سان انهن علائقن ۾ استعمال به ڪري رهيو هو. 2000 کانپوءِ خطي جي سياست سامراج جي افغانستان ۾ مداخلت ۽ طالبان ۽ خاص شڪل جي مذهبي انتهاپسندي سان ٽڪراءُ جي ڪري تبديل ٿي وئي. جيئن اسان چئي آياسون ته نئين بيٺڪيتي

رياست جو حڪمران طبقو اِهو نه چاهيندو ته هُو مستقل طور سامراج سان ٽڪراءُ ۾ اچي يا ان جي مفادن کي پورو نه ڪري، سو پاڪستان، آمريڪا ۽ اتحادين جي افغانستان ۾ مدد ڪئي. پاڪستاني ڳجهن ادارن ڪشمير ۾ لشڪر طيبه جي آپريشنز کي به بند ڪيو ۽ القائده جي ليڊرن جهڙوڪ خالد شيخ محمد کي پڪڙي آمريڪا جي حوالي ڪيو. پاڪستان پنهنجي جهادي ساٿين سان غداري ڪئي، جيتوڻيڪ سليم شهزاد پنهنجي ڪتاب (Inside Al-Qaida and Taliban) ۾ لکي ٿو ته جنرل مشرف مختلف مذهبي پارٽين کي دلاسو ڏنو هو ته آمريڪا صرف پنج سال افغانستان ۾ رهندو، جنهن ڪانپوءِ پاڪستان پنهنجي ساڳي پاليسي اختيار ڪندو ۽ پاڪستاني ڳجهن ادارن ملا عمر کان اسامه بن لادن جي گهر ڪئي هئي، جيئن آمريڪا جي حوالي ڪري طالبان حڪومت کي ڪِرڻ کان بچائجي. مشرف جي ان ”غداري“ پاڪستان ۾ موجود مذهبي انتهاپسندن جي نيٽ ورڪ ۽ رياستي ادارن اندر ضاء جي پوڪيل ڪيپ کي تمام گهڻو ناراض ڪيو.

2001ع جي آمريڪي حملي ڪانپوءِ افغان طالبان ۽ القائده قيادت پاڪستاني قبائلي علائقن ۾ ۽ وزيرستان جي پهاڙن ۾ پناهه ورتي. 2001ع کان 2005ع تائين افغانستان اندر طالبان جي مزاحمت ڪمزور هئي، جيڪا 2006ع کان گهڻو زور پڪڙڻ لڳي. بنيادي طور تي 2001ع کان 2005ع تائين القائده ۽ پاڪستان ۾ موجود مذهبي انتهاپسند نيٽ ورڪ جو تعلق جُڙڻ جو سلسلو جاري هو، جيڪو 2005ع ۾ مڪمل طور ٺهي چڪو هو، ان ڪري 2005ع ڪانپوءِ وڏي پيماني تي افغان طالبان کي پاڪستان مان نوجوان ڪيڊر ۽ پيا وسيلا ملڻ لڳا، 2003ع ڪانپوءِ پاڪستان اندر وڏي پيماني تي بم ڌماڪا ٿيڻ لڳا، جنهن مان به ڌماڪا جنرل مشرف تي به ٿيا.

جيتوڻيڪ پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ افغان طالبان کي هندستان جي مقابلي ۾ افغانستان ۾ هڪ حد تائين حمايت ڪري پئي (2003ع ڪانپوءِ هندستان ڪرزئي جي مالياتي مدد ڪرڻ شروع ڪئي) پر آمريڪا جي دٻاءُ تي پاڪستاني فوج قبائلي علائقن ۾ القائده تي آپريشن ڪرڻ شروع ڪيا ۽ مشرف تي ڌماڪن ڪانپوءِ جهادي تنظيمن تي هڪ حد تائين ڪريڪ ڊائون ڪيو، جنهن ڪانپوءِ القائده، پاڪستان اندر جهادي نيٽ ورڪ ۽ رياستي ادارن اندر جهاد حمايتي ماڻهن پاڪستاني طالبان تحريڪ ٺاهي، جنهن

2005ع کانپوءِ پاڪستان ۾ جهاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اڄ حڪيم الله محسود جو جيڪو تحريڪ طالبان پاڪستان جو سربراه آهي، وزيرستان ۽ مختلف علائقن تي قبضو آهي ۽ اتي اسلامي نظام نافظ آهي. سليم شهزاد مطابق ملا عمر پاڪستاني طالبان ۽ القائده کي پاڪستاني فوجن تي حملا ڪرڻ کان روڪيندو رهيو آهي، پر ملا عمر جي افغانستان ۾ طاقت پاڪستان ۾ موجود جهادي نيٽ ورڪ تي آڌاريل آهي. مهراڻ فضائي اڏي تي ٿيل حملي بابت سليم شهزاد جو آخري مضمون جيڪڏهن پڙهجي (جنهن کانپوءِ شهزاد جو لاش اسلام آباد ۾ لڌو ويو) ته خبر پوندي ته پاڪستان ۾ موجود جهادي نيت ورڪ جون پاڙون رياستي ادارن تائين آهن، تنهن ڪري ان نيٽ ورڪ جي صفائي هن رياست لاءِ ڪرڻ تمام مشڪل آهي. اِهو ئي نيٽ ورڪ ۽ ان جو پاڪستاني قبائلي علائقن ۾ اثر، افغانستان، اندر طالبان مزاحمت وڌڻ جو ٻيو سبب آهي.

پاڪستاني حڪمران طبقي ۽ مذهبي انتهاپسند نيٽ ورڪ جو تعلق ڇا آهي ۽ اڄ حڪمران طبقو ڇا سوچي رهيو آهي؟ جيئن اسان چيو ته موجوده دور ۾ مذهبي دهشتگردي ۽ پاڪستاني رياست جو تعلق سادو ۽ بلڪل سڌو نه آهي. رياست ۽ مذهبي انتهاپسندي هڪ ٻي سان تعلق ۾ هجڻ سان گڏ نسبتاً آزاد ۽ الڳ به آهن. هجيءَ رياست مذهبي نه پر سامراج نواز سرمائيداراڻي رياست آهي، جنهن جهادي نيٽ ورڪ کي سماج اندر ۽ ادارن اندر پنهنجي ۽ سامراج جي مفادن آهر پيدا ڪيو. سامراج جي پاليسي تبديل ٿيڻ کانپوءِ هيءَ رياست هڪ بحران ۾ اچي وئي ۽ مذهبي انتهاپسند نيٽ ورڪ سان تضاد ۾ به اچي وئي. هن رياست لاءِ پنهنجا سرمائيداراڻا مفاد اوليت رکن ٿا. پاڪستان جو حڪمران طبقو اِهو چاهيندو ته پنهنجن معاشي مسئلن کي حل ڪجي ۽ عالمي سرمائي سان معاشي ۽ سياسي طور ٽڪراءَ ۾ نه اچجي. چين ۽ ڀارت سان به تعلق ۾ اچجي جيئن توانائي جي بحران کان وٺي سرمائيڪاري جي مسئلي کي حل ڪجي. ٻئي پاسي ”پاڪستانين“ ۽ مسلم نيشنلزم ۽ اسلامي نالي کي قومي ۽ طبقاتي تضاد کي ماٺو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي، پر 80 ۽ 90 واري ڏاڪي ۾ پيدا ٿيل جهادي ڪيپ جيڪا ادارن ۾ به موجود آهي، اُها ڪاڏي ويندي؟ ان ڪيپ يعني القائده،

پاڪستاني طالبان ۽ ٻيا سچي جهادي نيٺ ورڪ ته 2001ع کانپوءِ پاڪستان جي سامراج دوست پاليسي جي ڪري، هن رياست کي جهادي ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ پاڪستان اندر تمام گهڻي تباهي به ڪئي آهي ۽ اِها ئي ڪيپ آهي، جنهن افغان طالبان يعني ملا عمر کي آمريڪا خلاف تمام گهڻي مدد ڏني آهي، پاڪستاني رياست آخر پنهنجي سامراج دوست سرمائيداراڻي ڳر کي بچائيندي ان مسئلي کي ڪيئن حل ڪندي؟ پاڪستان جو حڪمران طبقو ان ڳالهه تي ورهايل آهي. مئي جي چونڊن کانپوءِ اهو واضح آهي ته پاڪستان جو حڪمران طبقو خاص ڪري نواز ليگ جي شڪل ۾ سولين بورجوازي، هاڻ ان نيٺ ورڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪري پنهنجي سرمائيداراڻي ڳر ۾ سمائڻ (Acicomodate) جي ڪوشش ڪرڻ چاهي ٿو، جيئن معاشي بحران تي ڌيان ڏئي سگهجي. ٻئي پاسي ملٽري بورجوازي هڪ حد تائين ”خراب جهادين“ کي جيڪي آئين کي ڳالهه ٻولهه کانپوءِ به نٿا مڃن، انهن تي ڪارروائي ڪرڻ چاهيندي، هاڻوڪي صورتحال ۾ اهو واضح ٿيو آهي، ته پاڪستاني رياست سامراج کي خوش ڪرڻ ۽ پنهنجي مفادن آهر افغان طالبان سان ڳالهين ۾ حصو وٺي انهن کي مخلوط حڪومت ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ شايد ڪوشش ڪندي. ائين رياست جو افغانستان ۾ مناسب اثر به رهندو ۽ سامراج سان ٽڪراءُ ۾ اچڻ کان بچي سگهجي ٿو. اِها پاليسي جيڪڏهن ڪارآمد به ثابت ٿئي، تڏهن به اهو بحران جو عارضي حل هوندو. پاڪستان اندر موجود انتهاپسند ڌڙن سان ڳالهه ٻولهه جي ڪامياب ٿئي ٿي ۽ رياست انهن کي پنهنجي اندر سمائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿي ته پوءِ اها شيءِ سيڪيولر ڌڙن لاءِ ته خطرناڪ آهي پر اهو عارضي حل مستقبل ۾ اجان وڌو بحران پيدا ڪندو، پر رياست جي اِن پاليسي جي ڪاميابي جو دارومدار هڪ ته آمريڪا ۽ افغان طالبان جي وچ ۾ هلندڙ ڳالهين تي آهي، جنهن جي ڪامياب ٿيڻ جا امڪان تمام گهٽ آهن، جيڪڏهن ڳالهيون گهڻي حد تائين ڪامياب نٿيون ٿين ته آمريڪا دهشتگرد ٺڪاڻن تي قبائلي علائقن ۾ ڪارروائي جاري رکندو ۽ پاڪستان کي به ماضي وانگي ڪارروائي ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته افغان طالبان، القائده ۽ پاڪستاني طالبان جا هيڊڪوارٽرز قبائلي علائقن ۾ آهن. ان صورتحال ۾ پاڪستان اندر روايتي

دهشتگردي جو بحران ۽ انتهاپسند ڌرين جو رياست خلاف جهاد نه صرف جاري رهندو پر تيز ٿيندو ۽ وڏي پيماني تي فرقيواريت جي وڌڻ جو به خطرو آهي، پيو ته پاڪستان اندر جهادي نيٽ ورڪ (جيڪو ماضيءَ ۾ مڪمل طور تي رياست جي ادارن جي هٿ ۾ هو) جي به نوعيت تبديل آهي. هاڻ مذهبي انتهاپسند ڌريون يعني جهادي نيٽ ورڪ صرف ڪشمير اندر جهاد يا اهل تشيع فرقي جي ماڻهن کي مارڻ جهيڙن پاڪستاني ڳجهن ادارن جي ٻڌايل مقصدن کان وڌيڪ مقصد رکن ٿيون. جيتوڻيڪ اها سمجهه ته پاڪستان اندر موجود پاڪستاني طالبان ۽ انتهاپسند نيٽ ورڪ جي ڪجهه حصي تي عالمي ۽ ڏيهي ڳجهن ادارن جو ڪنٽرول موجود آهي ۽ اُهي پنهنجي مفادن آهر ان کي استعمال به ڪن ٿا، ڪنهن حد تائين درست آهي، پر اهو نيٽ ورڪ صرف پراڪسي (Proxy) نيٽ ورڪ يا گروهن جو ميڙ نه آهي، پر منجهن ڪمزور ئي سهي پر گهٽي حد تائين هڪ ڪَرو نظرياتي ڳر به موجود آهي، جيڪو ڪين هڪ الڳ قوت پڻ بڻائي ٿو. پاڪستان ۾ موجود انتهاپسند ڌريون جهڙوڪ لشڪر جهنگوي، سپاهه صحابه، لشڪر طيبه، حذب التحرير، حذب الجهادي اسلام، جيش محمد وغيره، رياستي ادارن ۾ موجود انتهاپسند ڌڙو ۽ قبائلي علائقن ۾ موجود جهادي ۽ لوڪل جنگجو سردار 2001ع کانپوءِ (جيئن اسان بيان ڪري آيا آهيون) وزيرستان ۾ ويٺل القائده جي اثر ۾ ايندا ويا. القائده جا اڳواڻ جهڙوڪ ڊاڪٽر ايمن الظواهري، بن لادن، وغيره مصري ۽ سعودي جهادي هئا، جيڪي اسي جي ڏهاڪي ۾ افغانستان اندر سويت يونين خلاف جهاد ڪرڻا آيا. 90 جي دور ۾ هنن القائده ناهي (جيڪا خروسان ۽ عالمي جهاد جي نظريي ۾ يقين رکندي هئي ۽ جنهن جو مطلب افغانستان، وچ ايشيا، پاڪستان جي علائقن ۾ اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ کانپوءِ وچ اوڀر ۾ امام مهدي سان گڏ فلسطين آزاد ڪرائي دنيا ۾ خلافت (رائج ڪرڻ آهي) جنهن 98 ۾ ڪينيا ۽ تنزانيه اندر آمريڪي سفارتخانن تي بم ڌماڪا ڪيا ۽ يارهين سيپٽمبر جو واقعو ڪيو (جيتوڻيڪ 11 سيپٽمبر جي واقعي بابت گهٽيون ئي ڳالهيون آهن) 2001ع کانپوءِ قبائلي علائقن ۾ ويٺل القائده پاڪستاني رياست کان ناراض جهادي نيٽ ورڪ سان تعلق جوڙيو ۽ کين پنهنجن نظرين سان واڳيو. انهيءَ نيٽ ورڪ جي

ذريعي افغان طالبانن کي وسيلا ۽ ڪيڊر مليو. 2005ع کانپوءِ پاڪستاني فوج جي آمريڪا جي حمايت ڪري، القائده تحريڪ طالبان پاڪستان جوڙي ۽ فوج خلاف جهاد جو اعلان ڪيو. تحريڪ طالبان پاڪستان جو سربراهه حڪيم الله مسحود به خروسان جي نظريي کي مڃيندڙ آهي. ٻيو پاڪستاني فوج اندر بغاوت (Coup) جون ڪوششون ۽ GHQ اندر وڏي پيماني جي سيڪيورٽي باوجود جنرلن تي حملا ان ئي جهاد جو ڏس ڏين ٿا، جيڪو ادارن اندر جاري آهي. ان ئي ڪري اسان چيو ته جهادي نيٽ ورڪ صرف پراڪسي قوت نه پر ڪنهن حد تائين هڪڪري نظرياتي قوت آهي. القائده ۽ جهادي نيٽ ورڪ جي باري ۾ ٻڌايل تفصيل سليم شهزاد جي ڪتاب "Inside Al Qaida and Taliban" مان ورتل آهي. ليکڪ جو هي ڪتاب القائده ۽ جهادي نيٽ ورڪ ۾ رهي، انهن تي ڪيل سندس ريسرچ تي ٻڌل آهي. مئي 2011ع ۾ سليم شهزاد ڳجهن ادارن جي ور چڙهي ويو. جيتوڻيڪ شهزاد جو تجزيو صرف القائده ۽ طالبان تي آهي ۽ ڪنهن حد تائين مضمون جي هڪ پاسي سان ڳنڍيل آهي، (مون مضمون ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جو گهڻ پاسائون تجزيو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي)

بهرحال سڀني ٻڌايل امڪانن باوجود ايندڙ دور ۾ اهو ڏسڻو آهي ته پاڪستاني حڪمران طبقي جي هاٽوڪي پاليسي ڪيتري قدر ڪامياب/ ناڪام وڃي ٿي، پر اها ڳالهه ياد رکڻ ضروري آهي ته عالمي سرمائي، پاڪستاني رياست، مذهبي انتهاپسنديءَ جي هيڪڙائي سادي نه پر پيچيده ۽ تضادن سان پُريل آهي. اها هيڪڙائي ان معني ۾ آهي ته سرمائيداري مذهبي انتهاپسندي، ۽ بنياد پرستيءَ کي سڌي يا اڻ سڌي طرح جنمي ٿي، سرمائي جو بحران هڪ بنياد پرستي جي مقابلي ۾ ٻئي بنياد پرستي کي پيدا ڪري ٿو، پر ان کي ڪڏهن به ختم نٿو ڪري سگهي. چاڪاڻ ته سامراج جو جيئدان (ٻئي پاسي) پراڻن ۽ فرسوده شڪلن کي زنده رکڻ ۾ ئي آهي.

افغانستان ۾ خطي ۾ ٿيندڙ سياسي صورتحال

9/11 کانپوءِ صدر بش جي "دهشتگردي خلاف جنگ" جي نعري ۾ ملڪن اندر سڌي عسڪري جارحيت ۽ ان ذريعي دنيا کي آمريڪي سرمائيدار جي مفادن آهر جوڙڻ جي پاليسي افغانستان

اندر گهٽي حد تائين ناڪام وئي آهي، آمريڪي ۽ اولهه جي ڪمپنين جي وچ ايشيا جي ملڪن اندر تمام گهٽي سيڙپڪاري آهي، پر اولهه جي سرمائيدار جو افغانستان جي ذريعي وچ ايشيا جي تيل ۽ گئس کي ڏکڻ ايشيا ۽ عالمي منڊي تائين سستي طريقي سان پهچائڻ ۽ وچ ايشيا کي چوواٽو ناهي اُن تي مڪمل هڪ هٽي قائم ڪرڻ وارو مقصد ڪامياب ناهي ويو. ان جو سبب افغانستان اندر قبائلي سرشتي جي ڪري مرڪزي حڪومت جي ڪمزوري ۽ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ (يعني پاڪستان سان ملندڙ پشتون علائقا جهڙوڪ قنڌار، هلمند، ڪُنا وغيره) طالبان جي مضبوط پوزيشن آهي، ڇاڪاڻ ته وچ ايشيا ڪان نڪرندڙ ڪابه پائپ لائن ڏکڻ اوڀر ڪان ٿيندي ئي پاڪستان جي ساموندي علائقن يا پاڪستان جي ذريعي پارت تائين پهچي سگهي ٿي. يونوڪال جو 2005-6ع ۾ شيوران سان ضم ٿيڻ کانپوءِ (يعني نندي بلا وڏي بلا ٿي وڃڻ کانپوءِ) يونوڪال وارو منصوبو ختم ٿي ويو. آمريڪي سامراج ان کانپوءِ هڪ ٻي پائپ لائن ٺاهڻ جو منصوبو ٺاهيو، اِها پائپ لائن ترڪمانستان ڪان افغانستان ذريعي پاڪستان ۽ پارت ويندي، يعني ڏکڻ ايشيا جي منڊي ۾ وچ ايشيا جي توانائي (Energy) پهچائي ويندي. ان پائپ لائن کي آمريڪا جي ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ بينڪ ۽ ايشين ڊولپمينٽ جي مالياتي سرمائي جي مدد حاصل آهي، جڏهن ته اهو منصوبو شيوران ۽ ايڪسون موبل ڪمپني جو آهي، جنهن ۾ هندستاني ۽ پاڪستاني سرمائيدار جو ننڍي پيماني تي حصو پتي آهي، پر ان منصوبي (TAPI) به حقيقي شڪل اجا ناهي ورتي، جڏهن ته 2009ع ۾ چين پڻ تيل جي برآمد لاءِ به پائپ لائنون وچ ايشيا ئي ملڪن ڪان چين تائين وڇائي چڪو آهي ۽ ائين روس به وچ ايشيا اندر پنهنجي اثر کي وڌائي رهيو آهي.

2009ع کانپوءِ عالمي سطح تي آمريڪي سامراج جي، پنهنجي مفادن جي پورائي لاءِ، پاليسي تبديل ٿي آهي. بش زماني جي يڪطرفي سڌي فوجي جارحيت جي مقابلي ۾ عالمي ادارن جي ذريعي سڀني قوتن کي گڏ ڪٽي ملڪن اندر مداخلت ڪرڻ واري پاليسي، جيتوڻيڪ پراڻي آهي، پر اوباما جي زماني ڪان آمريڪي سامراج اها وري ڪان اختيار ڪئي آهي. ان جو مقصد ٻين قوتن کي حصو پتي ڏئي آمريڪي مفادن کي پورو ڪرڻ ۽ ان جي قيادت (عالمي هڪ هٽي) کي برقرار رکڻ آهي. اِن جو ٻيو سبب

افغانستان ۽ عراق اندر سڌي فوجي جارحيت خلاف اولهه ۾ عوامي راءِ جو زور پڪڙڻ آهي. ٿيون سڌي جارحيت جي ڪري آمريڪا کي مالياتي نقصان به ڪٽڻو پيو آهي. ان پاليسي جو اطلاق اسان لبيا اندر سئي طرح ڏٺو، جتي پهريان سامراج بغاوت کي هٿي ڏني ۽ بعد ۾ عالمي ادارن جي قرارداد کي استعمال ڪري ننڍي پيماني جي گڏيل مداخلت ۽ قذافي جي حڪومت ڪيرائڻ جو جواز پيدا ڪيو ويو. براڪ اوباما قومي سلامتيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي ۽ پاليسي بيان ڏيندي چيو ته آمريڪا کي "عالمي ادارن کي مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ مشترڪ عمل کي هٿي ڏيڻ گهرجي، جيڪي گڏيل مفادن (ٻين لفظن ۾ آمريڪي مفادن) جهڙوڪ مذهبي انتهاپسندي سان وڙهڻ ۽ متوازن معاشي اوسر، کي پورو ڪري سگهن." ٻئي پاسي آمريڪا مخالف غير رياستي قوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ آمريڪا فوج کي استعمال ڪرڻ بجاءِ سي آئي اي ڊرونز ۽ جوائنٽ اسپيشل آپريشن ڪمانڊ (JSOC) کي استعمال ڪري رهي آهي، جنهن جو مقصد دنيا اندر خاص "دهشتگرد" نڪان تي ڪارروائي ڪرڻي آهي. اوساما بن لادن ۽ يمن اندر القائده رهنما انور-آل- اولاڪي کي انهيءَ طريقي سان ماريو ويو.

افغانستان اندر ۽ هن خطي ۾ تمام پيچيده صورتحال ٺهي رهي آهي. آمريڪا ۽ اتحادي خطي جي مختلف قوتن کي افغانستان اندر ڪرزئي حڪومت جي مدد ڪرڻ لاءِ ۽ آمريڪي مفادن جي پورائي لاءِ "آن بورڊ" ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ترڪمانستان، افغانستان، پاڪستان، انڊيا (TAPI) پائپ لائن ٺاهڻ ۽ اُن ۾ پاڪستان ۽ ڀارت کي حصو پتي ڏيڻ جو سياسي مقصد به اهو آهي، ان جو هڪ مقصد اِهو آهي، ته هندستان، پاڪستان ۾ ڪشيدگي کي هڪ حد تائين ختم ڪجي، جيئن ٻئي رياستون افغانستان اندر (آمريڪا لاءِ) استحڪام پيدا ڪرڻ ۾ حصو وٺن، ڇاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ اِن پائپ لائن جو ٺهڻ ممڪن ناهي. ڀارت ته شروع کان طالبان حڪومت جي خلاف رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته مذهبي انتهاپسندي جو سڌو اثر ڀارت اندر دهشتگردي جي صورت ۾ پوي ٿو، ان ڪري ڀارت ڪرزئي حڪومت کي پنجون نمبر امداد ڏيندڙ مُلڪ آهي ۽ ڪرزئي حڪومت جو جهڪاءُ به ڀارت طرف رهيو آهي، پر هاڻ پاڪستان جو حڪمران طبقو به معاشي مفادن

جي ڪري ۽ جهادي نيٺ ورڪ سان تضاد کي ختم ڪرڻ لاءِ نه صرف پارٽ سان سڻا تعلق جوڙڻ چاهي پيو پر افغان طالبان سان هلندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ پڻ حصو وٺندو، اِها پيش رفت افغانستان اندر آمريڪي مستقل معاشي ۽ عسڪري مفادن کي پورو ڪري سگهي ٿي. آمريڪي سامراج خطي خاص طور تي وچ ايشيا اندر چين ۽ روس جي سرمائي جي معاشي ۽ سياسي اثر کي روڪڻ لاءِ افغانستان ۾ آيو هو، پر سامراج افغانستان اندر اِنهن ٻن قوتن کي به هڪ حد تائين (جيستائين ممڪن اهي) گڏ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. چين، روس ۽ ايران آمريڪي مفادن کي سمجهندي 2001ع ۾ آمريڪي فوج ۽ سندن اتحادين هٿان طالبان حڪومت جي خاتمي جي حمايت ڪئي هئي. اها حمايت ان ڪري هئي جو طالبان حڪومت دوران ايران، روس ۽ چين اندر مذهبي انتهاپسند گروهه افغانستان اندر القائده سان گڏ ۽ ڳجهن ادارن جي مدد سان تربيت وٺي، انهن ملڪن اندر دهشتگردي ڪندا رهيا آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين چين جي زيانجيانگ، مسلمان صوبي اندر ”ايسٽ ترڪستان“ (East Turkistan)، ايران اندر جُندالله ۽ ازبڪستان روس اندر مختلف جهادي گروهن کي مالي ۽ عسڪري مدد افغانستان ۽ پاڪستاني قبائلي علائقن کان وجي ٿي، جيتوٽيڪ اُن ۾ عالمي ڳجهن ادارن جي ويڙهه جو به حصو آهي، پر روس، چين ۽ ايران آمريڪا ۽ اتحادين جي گهٽي معاشي يا عسڪري مددنه ڪئي، پر بعد ۾ چين ڪرزئي کي ننڍي پيماني تي امداد ڏيڻ لڳو ۽ سفارتي تعلق به جوڙيا. چين مجموعي طورطالبانن جي مقابلي ۾ ڪرزئي حڪومت جي حمايت ۾ آهي. چين انفراسٽڪچر ناهڻ ۾ به حصو ورتو. آمريڪا چيني سرمائيدار جي افغانستان اندر سيڙپڪاريءَ کي جڳهه ڏني، جيئن چين به ڪرزئي حڪومت کي بچائڻ جي ڪوشس ڪري. اڄ چين جي 10 ارب ڊالرن جي افغانستان ۾ سيڙپڪاري آهي، جيڪا افغانستان ۾ لڌل معدنيات جي ذخيرن تي آهي.

(China and Afghanistan: china's interests, strances and pesspectives by zhao huasheng)

چين جي سرمائي کي افغانستان ۾ آمريڪا جڳهه ڏئي پنهنجن مستقل ۽ وڏن مقصدن جو پوراءُ ڏسي رهيو آهي، پر جيئن آمريڪا پاڪستان اندر خاص ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ چين جي اثر کي روڪڻ لاءِ پنهنجن خاص ”ماڻهن“ کي استعمال ڪري پيو

ائين چين به 2014ع کانپوءِ ممڪن آهي ته ڪرزئي حڪومت جي ناڪامي جي صورت ۾ پنهنجن مُهرن کي ضرور استعمال ڪندو، ان ڪري چين جو تعلق طالبانن جي ڪجهه ڌڙن سان آهي، اِها ڳالهه سين تي موجود آهي.

ائين ئي تهران ۽ ماسڪو سوچي رهيا آهن. ماسڪو طالبانن جي مقابلي ۾ آمريڪي ۽ ناٽو جي مداخلت جي حمايت ڪئي ۽ وچ ايشيا جي ملڪ ازبڪستان اندر آمريڪي فوجي اڏي کي استعمال ڪرڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي هئي، پر ساڳئي وقت ماسڪو واشنگٽن ۽ بيجنگ سان تضاد ۾ به آهي. روس جي افغانستان ڏانهن پاليسي به ٻٽي آهي. هڪ طرف روس ڪرزئي حڪومت جي حمايت ڪري ٿو ۽ بلڪل ننڍي پيماني تي روس افغان اهلڪارن جي تربيت ۾ حصو ورتو آهي، پر ٻئي پاسي وچ ايشيا اندر آمريڪي عسڪري ۽ معاشي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. روس جو وچ ايشيائي ملڪن سان عسڪري اتحاد به آهي ۽ روس ڪرگستان تي زور ڀريندو آيو آهي ته هُو آمريڪي فوجي اڏن کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍرائي، روس جي ڪمپني گيض پرام (Gaz prom) جي وچ ايشيا جي ملڪن جي تيل ۽ گئس تي سيڙپڪاري موجود آهي. روس جا سڌا تعلق اترئين اتحاد (Northern Alliance)، يعني افغانستان اندر ازبڪ ۽ تاجڪ جنگي سردارن سان آهن، جيتوڻيڪ هن مهل اِهي سردار جنهن ۾ دوستم افغان فوج جو جوائنٽ چيف، احمد ضيا مسعود وغيره ڪرزئي حڪومت جا حمايتي آهن، پر جيڪڏهن 2014ع کانپوءِ ڪرزئي حڪومت طالبانن کي روڪڻ ۾ ناڪام وڃي ٿي، ته پوءِ روس به پنهنجن مهرن کي استعمال ڪندو ۽ اِن عدم استحڪام کي استعمال ڪري وچ ايشيا جي ملڪن ۾ پنهنجي عسڪري قوت وڌائيندو.

(Afghanitan: A view from Mescow by Dimitri tremin and Alexei Malasharko)

ائين ايران به اولهه ۾ هزاره شين ۾ پنهنجو اثر رکي ٿو ۽ عدم استحڪام جي صورت ۾ افغانستان ۾ فرقيواريت جي ويڙهه جو به امڪان موجود آهي. آمريڪا لاءِ آئيڊيل صورتحال هوندي ته 2014ع کانپوءِ ڪرزئي حڪومت قائم رهي ۽ طالبانن جو وڏو حصو ڪرزئي سان مخلوط حڪومت ۾ شامل ٿي، اِها صورتحال نه صرف آمريڪا پر پاڪستان، هندستان، چين لاءِ به آئيڊيل آهي. جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته آمريڪا وچ ايشيا کي چؤواٽي ۾ تبديل

ڪري سگهي ٿو ۽ فوج جي ننڍي پيماني تي موجودگي جي ذريعي عسڪري اثر ڪي به قائم رکي سگهندي ۽ ”خراب جهادين“ کي اڪيلو ڪري ماري سگهي ٿو. ائين چين ۽ هندستان به پنهنجي سيڙپڪاري کي بچائي سگهن ٿا ۽ پنهنجي علائقن اندر مذهبي انتشار کي روڪي يا ماٺو ڪرائي سگهن ٿا. پاڪستان جو سولين بورجوازي اها صورتحال ضرور چاهيندو، جنهن جا سبب اسان ٻڌائي آيا آهيون، (جڏهن ته اِن معاملي تي ملٽري بورجوازي شايد ڪجهه ٻيا خيال رکندو هجي) پر 2014ع کانپوءِ اهڙي صورتحال جا امڪان گهٽ نظر اچي رهيا آهن. پهرين ڳالهه ته اهڙي صورتحال هن خطي ۾ عارضي طور پيدا ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان صورتحال جو مطلب آمريڪا جي خطي اندر خاص ڪري وچ ايشيا اندر معاشي ۽ عسڪري هڪ هٽي قائم ٿي وڃڻ آهي. ان جو مطلب آمريڪي سرمايو وچ يشيا ۾ پنهنجو اثر وڌائيندو وڃي، پر چيني سرمائي کي پوري خطي ۾ بلاڪ ڪندو رهي. چين ۽ خاص ڪري روس ۽ ايران به مستقل طور اهڙي صورتحال کي قائم رکڻ نه ڏيندا. اِها صورتحال تڏهن ممڪن آهي، جڏهن روس، ايران ۽ چين هن خطي اندر به مستقل طور آمريڪي قيادت کي تسليم ڪن، جيتوڻيڪ هن محل چين ۽ روس ڪرزئي حڪومت جو ڊهڻ يا افغانستان اندر عدم استحڪام نٿا چاهن.

اِن صورتحال جي پيدا ٿيڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ افغان طالبان جي مضبوط پوزيشن ۽ ازبڪ، تاجڪ ۽هزاره سردارن جي طالبان مخالفت آهي. هڪ پاسي طالبان مڪمل حڪومت جي گهر ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف ازبڪ ۽ تاجڪ سردار طالبان مخالف اتحاد ۾ آهن، ٻيو افغان طالبانن تي به هاڻ القائده جي نظرين جو اثر آهي. 2011ع کان هلندڙ ڳالهيون ان ڪري ناڪام ويون آهن.

بهرحال، ڪرزئي حڪومت سان طالبان ۽ ٻيون قوتون مخلوط حڪومت ۾ ويهن ٿيون يا نه، ان جي باري ۾ خدشا ۽ امڪان اسان ڏسي رهيا آهيون، پر هڪ ڳالهه صاف نظر اچي رهي آهي، ته جيڪڏهن 2014ع کانپوءِ ڪرزئي حڪومت ۽ افغان فوج سنڀالي نٿي سگهي ۽ افغانستان اندر انتشار ڦهلجي ٿو ته پوءِ اِها شورش نه صرف افغانستان ۾ اپرندي پر پوري خطي خاص پاڪستان ۾ به اٿندي. ان شورش اپرڻ جا سبب اسان ٻڌائي آيا

آهيون. مجموعي طور ان جو سبب سرمائي جي چٽاپيٽي آهي.

لينن جي دريافت

اسان افغانستان ۽ هن خطي کي هن مضمون ۾ ماضيءَ کان حال تائين ڏٺو آهي. دراصل اِن سفر ۾ اسان لیننزم کي دريافت ڪيو آهي. سامراج پراڻن شڪلين جهڙوڪ بنياد پرستي ۽ سرداري جاگيرداري نظام کي قائم رکڻ ۽ پنهنجي مفادن آهر قومن ۾ نسلي ويڇو پيدا ڪري، قومن جي جديديت ۽ ترقي ڏانهن سفر جو ضد پئدا آهي. هن خطي ۾ مذهبي انتهاپسندي، نسل پرستي، ترقي پسندي جي زوال، فرسوده رجعتي نظامن ۽ چاڙتو بنياد پرست رياست جو خلقيندڙ ۽ انهن لقائن کي هٿي ڏيندڙ ڪير آهي؟ ان جو جواب مضمون پڙهڻ سان ملي وڃي ٿو. اڄ هڪ هئين جو تضاد هن خطي ۾ موجود قومن جي بالڪنائيزيشن جا مادي بنياد پيدا ڪري رهيو آهي ۽ پورهيت ترقي پسنديءَ کي ڌڪ هٽي پراڻن شڪلين جي پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. افغانستان ازبڪ، تاجڪ، هزاره ۽ پشتونن ۾ ورهايل ڇو آهي؟ اڄ ڏينهن تائين قبائلي سرشتي ۾ زنده ڇو آهي؟ پاڪستان خاص ڪري سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ هيروئن ۽ هٿيار ڪلچر پيدا ڪيئن ٿيو؟ سنڌ ۾ نسل پرست ۽ فاشسٽ گروهن جي حمايت ڪري سنڌ کي نسلن ۾ ڪير ورهائي رهيو آهي؟ ان جو جواب آهي سامراج، سرمائيداريءَ جي اسريل ترين شڪل آمريڪي ڪمپنيون ۽ مالياتي سرمايو هن خطي ۾ هڪ هٿي قائم ڪرڻ ۽ چيني سرمائي جي اثرجي دائري کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هن خطي ۾ اها تباهي ڦهلائي رهيا آهن ۽ وڌيڪ وڏي تباهي جا امڪان پيدا ڪري رهيا آهن، اهڙي تباهي جنهن جي اڳيان برزسنڪي مطابق ”يوگو سلاويا جو بحران ننڍو نظر ايندو“ هن خطي ۾ موجود قومن ۽ مظلوم پرتن جي ترقي (جنهن جا عوامي بنياد هجن) نه صرف سامراجيت جي ”ڪلائينٽ“ رياستن ۽ گروهن سان وڙهي ڪري پر بنيادي طور تي سامراجيت سان ويڙهه ۾ اچي ڪري ممڪن آهي، افغانستان ۽ هن خطي ۾ موجود مختلف قومن جي پورهيت طبقي ۽ انهن جي نمائندن لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته سرمائي جي چٽاپيٽي جي ڪري پيدا ٿيندڙ تباهي ۾ هڪ بنياد پرستي جي مقابلي ۾ ٻي بنياد پرستي جو ساٿ ڏيندو يا پاڻ منظم ٿي عالمي ڪمپنين، مالياتي سرمائي ۽ ان جي ايجنٽن جي حاڪميت جو خاتمو ڪري پنهنجن قومن ۽ سماجن کي ترقي ۽

جديديت ڏانهن وٺي ويندو. هن خطي جو حل مختلف قومن جي پورهيت طبقي جو سامراج خلاف منظم ٿيڻ ۽ پورهيت عالمگيريت جي اصول پٽاندڙ هڪ ٻئي سان اتحاد ۾ اچڻ آهي ۽ اهوئي لينن ازم آهي.

مارڪسزم ۽ ترميم پسندي

لينن/شاهه عنايت

هڪ جڳ مشهور چوڻي آهي ته جيڪڏهن جاميٽريءَ جا (خُشڪ ۽ اڻ ڏُريا) قائدا ۽ قانون به ماڻهن جي مفادن تي اثر انداز ٿين ها ته انهن کي پڻ رد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ها. فطرت جي تاريخ بابت آيل سمورا نظريا جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ڏرمي داستانن سان تضاد ۾ٿي آيا، اُهي هر دؤر ۾ نهايت ئي سخت مخالفت جي ور چڙهيا ۽ اجا تائين پڻ ساڳي ئي مخالفت ڪي منهن ڏيندا اچن ٿا. تنهن ڪري اها ڪائي اڻ ٿيڻي ڳالهه ناهي، ته جديد سماج جي سڀ کان وڏيڪ ترقي پسند پرت کي منظم ڪندڙ، ان طبقي کي مستقبل جي امڪانن ۽ خدشمن کان آگاه ڪندڙ ۽ معاشي ترقيءَ ذريعي پُراڻي ۽ رَدِي نظام جي جاءِ تي نئين نظام قائم ٿيڻ جي تاريخي لازميت سمجهائيندڙ نظريي "مارڪسزم" کي پڻ وِک وِک تي اهڙي مخالفت ۽ مخاصمت کي مُنهن ڏيڻو پيو آهي.

مارڪسزم جي اهڙي قسم جي مخالفت ڪهڙيءَ صورت ۾ ٿئي ٿي، اهو ٻڌائڻ بنهه غير ضروري آهي. دوتلمند طبقي جي نئين ايندڙ نسلن کي داخل ڀيءِ خارجي دشمنن جي ساڃاهه ڏيڻ لاءِ سرڪاري پروفيسرن پاران ڏاڍي زور ۽ شور سان، پڙهايو ويندڙ "بورجوازي فلسفو ۽ بورجوازي سائنس" مارڪسزم خلاف اهڙي ئي پروپئگنڊا ڪري ٿي. ان سائنس ۾ مارڪسزم جو فلسفو ته پري جي ڳالهه پَر اُن جو ذِڪر ئي ممنوع آهي. وٽن اِن لاءِ هميشه هڪ ئي جُملو هوندو آهي ته "مارڪسزم رد ٿي هميشه هميشه لاءِ ختم ٿي چُڪو". پنهنجي عُمر ڪائي ختم ٿيل نظامن جي مان ۾ قصيدا ڳائي هڪ رسم پوري ڪندڙ پُراڻي دؤر جا حامي پوڙها دانشور، توڻي سوشلزم کي هڪ رَد ٿيل نظام ثابت ڪرڻ جي ڪوشس ڪري پنهنجو مستقبل محفوظ ڪندڙ نوجوان اديب ۽ ڏاها پڻ مارڪسزم تي ائين ئي حملا ڪن ٿا. پورهيت طبقي ۾ تيزيءَ سان ڦهلجندڙ ۽ پنهنجيون پاڙون پختيون ڪندڙ مارڪسزم جو نظريو جيئن جيئن ترقي ڪري ٿو، تيئن تيئن مٿس ٿيندڙ اهڙن بورجاوزي حملن جو تعداد ۽ زور پڻ وڌندو وڃي

ٿو، پر حقيقت ۾ اهي سمورا حملا ۽ مارڪسزم جي فنا ٿيڻ جون سموريون دعوائون ان نظرئي کي روز بروز وڌيڪ مضبوط، طاقتور ۽ جاندار بڻائي رهيون آهن.

ٻئي پاسي پورهيت طبقي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڳالهه ڪندڙ ٻين نظرين ۾ پڻ مارڪسزم کي پاڻ مڃرائڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. پنهنجي زندگي جي پهرين پنجاهه (50) سالن ۾ مارڪسزم جو نظريو مخالف نظرين سان هڪ طويل نظرياتي جدوجهد ۾ مصروف رهيو. 1840ع جي ڏهاڪي ۾ مارڪس ۽ اينگلس ”فلسفياڻي عينيت پرستي“ جي ڳالهه ڪندڙ نوجوان هيگلين (Young Hegelians) کي سڌو ڪيو. ان ئي ڏهاڪي جي آخر تائين اها جدوجهد ”پروڌان“ (Prodhan) جي معاشي نظرئي خلاف شروع ٿي، جيڪا 1850ع جي ڏهاڪي ۾ 1848ع واري طوفاني عرصي ۾ شامل رهندڙ پارٽين ۽ نظرين تي هڪ مضبوط تنقيد جي صورت ۾ ظاهر ٿي. 1860ع جي ڏهاڪي ۾ پهرين انٽرنيشنل منجهان ”باڪونين“ جي نظرياتي اثر رسوخ ختم ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد اصل ۾ ان عمومي نظرياتي ويڙهه جي هڪ مخصوص پاسي ”پورهيت تحريڪ“ ڏانهن اؤسر هئي. 1870ع جي ڏهاڪي ۾ جرمنيءَ جي سياسي منظرنامي ۾ (Muhlberger) ۽ (Duhring) جي صورت ۾ ”پروڌائي“ ۽ اثباديت پرست (Positivists) ٿوري عرصي لاءِ ڪجهه اپرندي نظر آيا، تنهن هوندي به پورهيت تحريڪ تي انهن پنهي ڌرين جو اثر نه هجڻ جي برابر هو. ٻئي پاسي مارڪسزم جو نظريو ان وقت جي پورهيت تحريڪ ۾ موجود ٻين نظرين مٿان نهايت ئي تيزي سان فوقيت ۽ غلبو حاصل ڪري رهيو هو.

1890ع تائين پڄندي پڄندي مارڪسزم انهن سمورن نظرين مٿان فيصلا ڪن فتح حاصل ڪري چُڪو هو. ايستائين جو وڏي عرصي تائين ”پروڌان“ جي نظرياتي اثر هيٺ رهندڙ لاطيني ملڪن ۾ پڻ پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ پارٽين پنهنجا پروگرام مارڪسي بنيادن تي جوڙڻ شروع ڪيا. ڪجهه عرصو ماٺ ٿي وڃڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر جدوجهد جي ميدان ۾ لهندڙ پورهيت تحريڪن جي بين الاقوامي تنظيم تقريباً شروع ڏينهن کان ئي ونئي پنهنجين سمورين بين الاقوامي گڏجاڻين ۾ بحث هيٺ ايندڙ سمورن معالن ۾ بنا ڪنهن وڏي مخالفت جي

مارڪسي نقطه نظر اپنايو، پر جڏهن مارڪسزم مخالف انهن سمورن بنيادي نظرين کي مات اچي چُڪي، تڏهن انهن رجحانن ختم ٿيڻ بجاءِ پيا رستا ڳولهڻ شروع ڪيا. ان نظرياتي جهيڙي پنهنجا سبب ۽ طريقا ضرور تبديل ڪيا، پر اهو ختم نه ٿي سگهيو، ۽ پوءِ ائين 50 سالن تائين پين نظرين سان هڪ طويل جدوجهد ڪانپوءِ ايندڙ 50 سالن لاءِ اها جدوجهد مارڪسزم ۾ ئي تحليل ٿي ويل انهن ترميم پسند رجحانن خلاف شروع ٿي.

ترميم پسندي، يا مارڪسزم ۾ ترميم جو اصطلاح هڪ دؤر جي نهايت ئي سخت ۽ ڪٽر مارڪسسٽ برنسٽين (Bernsein) پيش ڪيو/ايجاد ڪيو. هُو نهايت ئي منظم انداز ۾ تمام گهٽي زور شور سان مارڪسزم ۾ تبديلين جي ڳالهه ڪندو هو. ايستائين جو روس ۾ جتي معاشي بدحالي ۾ هارين جي هڪ وڏي تعداد جي هاري غلامي (Serfdom) جي ڇَڪي ۾ ڦيسجڻ ڪري مارڪسي فلسفي جي اچڻ کان اڳ پڻ سوشلسٽ خيالن جي هڪ وڏي تاريخ رهي آهي، اُتي پڻ اسان جي اکين آڏو ئي ترميم پسندي پنهنجا پير پکڙي رهي آهي. زرعي زمين جي ورهاست توٽي مجموعي پروگرام يا حڪمت عملين جي سوال تي اسان جا سماجي، نارودنڪ دوست (Social Norodniks) مارڪسي اصولن جي جاءِ تي نارود نزم (Noradinism) جا مُردار ۽ متروڪ اصول مارڪسزم جي نالي ۾ لاڳوڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هڪ اهڙي متروڪ نظرئي کي مارڪسزم سان ملائين ٿا، جيڪو پنهنجي ڳر ۾ ئي مارڪسزم مخالف آهي. مارڪس کان اڳ جو سوشلزم مارڪسزم سان جنگ ۾ هارجي چُڪو، پر تنهن هوندي به پلي پنهنجي نالي يا بنيادن تحت نه ئي صحيح پر ترميم پسنديءَ جي نالي ۾ اهو اڄ به مارڪسزم اندر داخل ٿي مارڪسزم سان وڙهي پيو. تنهنڪري اچو ته ان ترميم پسنديءَ جي نظرياتي بيهڪ جي ڪٽ تور ڪريون.

فلسفي اندر ترميم پسندي بورجوازين جي ”پروفيسراٽي سائنس“ جي نتيجي ۾ پيد اٿي. اِهي اُهي (بورجوازي) پروفيسر هُئا جيڪي ”ڪانٽ“ (Kant) ڏانهن موٽڻ جو نعرو هڻندا هُئا. اِهي پروفيسر فلسفياٽيماديت پرستيءَ خلاف اُهي ساڳيون ئي گٺل پيٺل ڳالهيون ڪندا هُئا، جيڪي مذهبي پيشوا پڻ هزارين هنڌن تي چوندا ايندا هئا، جن تي اهي ترميم پسند ڏاڍي پاسداريءَ وچان مشڪندا هُئا ۽ (انهن پروفيسرن ۾ ڏرمي دعويدارن پاران

ڪيل) انهن ڳالهين جو لفظ به لفظ ۽ڏادي رازداريءَ سان ورجاءُ ڪندا هئا ته مادي واد (Materialism) رد ٿي چُڪو. اهي پروفيسر هيگل کي "مُئل ڪُتو" سمجهندا هئا، جيتوڻيڪ اهي پاڻ پڻ عينيت پرستيءَ جي ئي تبليغ ڪندا وتندا هئا، پر فرق صرف ايترو هُيو ته اِها عينيت پرستي هيگل جي عينيت پرستيءَ کان هزارين ڀيرا ڪَمتر ۽ ڇسي هوندي هئي، جڏهن سندن سامهون جدليات (Dialecics) جي ڳالهه ٿيندي هُئي، ته هو نفرت وچان ائين ڪنڌ ڦيرائيندا هئا ڄڻ اُن جي فلسفي ۾ ڪا حيثيت ئي نه هجي. فلسفي جي ماهراڻي ۽ انقلابي سمجهه "جدليات" جي جاءِ تي هڪ سادي ۽ ڇِسي اصطلاح "ارتقا" کي استعمال ڪندي اهي ترميم پسند پڻ انهن پروفيسرن پُٺيان "فلسفياڻي بگاڙ" جي ان ڪِني ڏُبي ۾ غوطا کائيندا هُئا. اهي بورجوازي پروفيسر ته پنهنجي عينيت پرست ڳر ۽ سندن تنقيد جي سموري سِٽاءُ کي وچئين دور جي هڪ بنهه سادي فلسفي (دينيات) سان ٺهڪائڻ لاءِ ڳريون پگهارون ڪٽندا هُئا، پر ان معاملي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ترميم پسند پڻ ڪي گهٽو پُٺتي ڪونه هُئا، جيڪي جديد رياست بجاءِ سماج جي سڀ کان وڏيڪ ترقي پسند طبقي جي پارٽيءَ جي تناظر ۾ پڻ مذهب کي ماڻهن جو انفرادي معاملو قرار ڏيڻ لاءِ جتن ڪندا هُئا.

طبقاتي جدوجهد جي حوالي سان مارڪسزم ۾ اهي سموريون ترميمون ڪيڏانهن وٺي وڃي ٿي سگهيون، اهو ٻڌائڻ غير ضروري آهي، هتي پاڻ صرف اهو ڏسنداسين ته ان سموري عرصي ۾ پُوري بين الاقوامي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ ۾ اهو اڪيلو پليخانوف ئي هو جنهن هڪ مارڪسٽ جي حيثيت ۾ ترميم پسندن جي ان يلغار جو هڪ مستقل جدلياتي ۽ مادي نقطهءِ نظر سان ڇيد ڪيو. هن وقت ان ڳالهه تي زور ڏيڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته پليخانوف جي وقتي مصلحت پسنديءَ سبب مٿس ٿيندڙ تنقيد جو تمام وڏو حصو ان ئي متروڪ ۽ غير انقلابي فلسفياڻي گند سان ڀريل آهي (جنهن خلاف پليخانوف هڪ وڏو عرصو جدوجهد ڪئي-مترجم) جيڪو انتهائي غلط ۽ غير موزون طريقو آهي.

سياسي معاشيات (Political Economy) ۾ ترميمن لاءِ ڪيل ڪوشش کي جانچڻ مهل اهو سمجهڻ تمام ضروري آهي ته هن

شعبي ۾ ترميم پسندن جون ڪيل ڪوششون نهايت ئي وسيع ۽ گهريون آهن. ”معاشي ترقي جي حوالي سان تون انگن اکرن“ جي ناني ۾ ترميم پسندن طرفان عوام تي اثر انداز ٿيڻ جون ڪيئي ڪوششون ڪيون ويون. سندن دليل هيو ته (مارڪسزم جي اصولن جي ابتڙ) صنعت ۽ وڻج واپار ۾ سرمائي جو ارتڪاز يا وڏن پئداواري ادارن (ڪارخانن) سبب ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار (دستڪاري يا گِلڊ سسٽم) ته تمام آهستي ختم ٿئي ٿي، پر زرعي پئداوار ۾ اِها صورتحال بالڪل پيدا ئي نه ٿي ٿئي. هو اهو چوندا هئا ته (مارڪسزم جي دعويٰ جي خلاف) بحران هاڻي وڏي ڪان وڏا ۽ تڪڙا ٿيڻ بجاءِ ننڍا ۽ گهٽ ٿيندا ٿا وڃن ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو سرمائيداراڻيون هڪ هٿيون (Cartels and trusts) انهن بحرانن کي مڪمل طور تي ختم ڪري ڇڏينديون. هُو اِهو پڻ چوندا هئا ته (ڪارپوريٽ سيڪٽر جي وڌڻ ڪري) دنيا ۾ تيزي سان گهٽ ۽ مائيٽو ٿيندڙ طبقاتي تضاد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مارڪس جي سرمائيداري نظام جي پاڻ پنهنجن پيرن تي ڌهي پٽ پوڻ واري ڳالهه غلط هئي ۽ پوءِ سپ ڪان آخر ۾ هُو اها ڳالهه ڪندا هئا ته انهن سمورين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اِهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته مارڪس جي ”قدر“ (Value) جي نظريي کي پڻ (Bhm-Bavnerk) جي جديد تحقيق جي روشني ۾ درست ڪرڻ کپي.

ترميم پسندن سان انهن سمورن سوالن تي ڪيل نظرياتي ويڙهه بين الاقوامي سوشلسٽ تحريڪ جي نظرياتي پختگي لاءِ ايتري ئي ڦلدائڪ ثابت ٿي جيتري ويهه سال اڳ ڊيورنگ (Duhring) (جي نظرياتي بگاڙ) خلاف اينگلس جي جدوجهد ٿي هئي. ترميم پسندن جي سمورين دعوائن کي زميني حالتن ۽ انگن اکرن جي مدد سان جانچيو ويو، ان جاچ سان اها ڳالهه ثابت ٿي ته ترميم پسند جاڻي ٻُجهي جديد دؤر ۾ ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار جي صورتحال کي گُل ڦل لڳائي پيش ڪري رهيا آهن. وڻج واپار توڙي ٽيڪنيڪي اؤسر جي بنياد تي وڏي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار جي ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوارتي فوقيت ۽ برتري نه صرف صنعت پر زراعت ۾ پڻ سگهارين شاهدين جي مدد سان ثابت ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ زراعت ۾ جنسن جي (منڊيءَ لاءِ) پئداوار صنعت جي مقابلي ۾ گهٽي گهٽ آهي، تنهن هوندي به اها جديد بورجوا معاشي ماهرن جي تجزيي جي هڪ عمومي ڪوٺ آهي ته ڪين

زرعي پيداوار سان لاڳاپيل ڪجهه سرگرمين ۽ ڪوڙ سارين زرعي جنسن جو بين الاقوامي (سرمائيداراڻي) معيشت ۾ ٿيندڙ مٿاسٽا جي عمل ۾ گهلجي اچڻ نظرئي ناهي ايندو، ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار جيڪڏهن اڄ به ممڪن آهي ته فقط غذائي جنسن جي مستقل تباهي، وڌندڙ غذائي کوٽ ۽ فاقا ڪشي ۽ مال مويشين جي سار سنڀال جي ڪرندڙ معيار ذريعي ئي قائم آهي. اِهي اُهي ئي طريقا آهن، جيڪي ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار کي وڏي پئماني تي ٿيندڙ سرمائيدارڻي پئداوار جي مقابلي ۾ بچائڻ لاءِ گهڻو وقت اڳ استعمال ڪيا ويندا هئا. سرمائيداراڻي سماج ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي مدد سان ٿيندڙ هر ترقي، ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پئداوار کي پٺتي ڌڪي ٿي. اهڙي دؤر ۾ سوشلسٽ بنيادن تي جڙيل سياسي معاشيات لاءِ اهو لازمي آهي ته اها ان مُنجهيل عمل جي هر ممڪن صورت جي چڪاس ڪري ۽ ننڍي پئماني تي پئداوار ڪندڙ کي اهو سمجهائي ته هو ڪجهه به ڪري پر سرمائيداري نظام هيٺ سندس پنهنجا پير جهلي بيهڻ ناممڪن آهي ۽ ڪيس دير سوير بهرحال ختم ٿيڻو آهي. سوشلسٽ سياسي معاشيات لاءِ اِهو پڻ ضروري آهي ته اِها هارين کي به اِهو سمجهائي ته سرمائيداراڻي معاشي نظام ۾ ڏينهن رات هَر هلائڻ سان به هُو پنهنجو پاڻ بچائي نٿا سگهن ۽ ڪين بهرحال پين پورهيتن سان هڪ ئي محاذ تي گڏجي ان نظام خلاف وڙهڻو آهي. هاري سوال کي پُوري سرمائيداراڻي نظام سان جوڙي ڏسڻ بجاءِ صرف هڪ پاسائين انگن اکرن جي بنياد تي سندس مٿاڇرو ۽ عمومي تجزيو ڪري ترميم پسندن هڪ پاسي ته سائنسي طور غلطي ڪئي پر ٻئي پاسي مشهوري توڙي لاشعوري طور هارين کي انقلابي پورهيت هجڻ بجاءِ ننڍي سرمائيدار هجڻ جو درس ڏئي، هنن هڪ وڏو سياسي ڏوهه ڪيو.

سرمائي جي بحران توڙي سرمائيداراڻي نظام جي زوال جي معاملي ۾ ته ترميم پسند ويتر وڌيڪ اڻ ڇٽائي جو مظاهرو ڪندا هئا. صنعتي ترقي ۽ خوشحالي جي دؤر ۾ صرف چند سالن لاءِ ئي اِهو ممڪن هو ته ڪي ڪوتاه نظر ماڻهو (ان خوشحالي جي چمڪ ڏسي ڀنڀلائجي- مترجم) مارڪسزم جي بنيادي اصولن ۾ ڪنهن هير ڦير جي ڳالهه ڪن، پر مادي حقيقتون سُتت ئي انهن ماڻهن جون اکيون کولي ڇڏينديون هيون، ته بحران رڳو ماضي جا

قصا ناهن (بلڪ اُهي اڄ به سرمائيداري دؤر جي بنيادي خاصيت طور موجود آهن ۽ جيستائين اهو دؤر رهندو اهي موجود رهندا- مترجم) ۽ هن نظام اندر هَر خوشحاليءَ جي ڪُڪ منجهان ئي بحران ڦُٽي نڪري ٿو. پلي انهن بحرانن جون خاصيتون، صورتون يا ترتيب وقت سان گڏ مَتجندي رهي هجي، پر بحران بهرحال سرمائيداراڻي نظام جي هڪ لازمي جز طور موجود رهيا آهن ۽ موجود رهندا.

پئداوار کي مرتڪز ڪرڻ لاءِ جڙندڙ سرمائيداراڻيون هڪ هٽيون (Cartels and Trusts) پئداوار جي عمل ۾ موجود انارڪيءَ کي اڃا وڌيڪ هوا ڏين ٿيون. سرمائي جي استحصال کي تيز کان تيز ڪندي پورهيتن لاءِ هڪ اهڙي موتمار صورتحال جنمين ٿيون، جنهن ۾ هُنن لاءِ جي سگهڻ جا امڪان به ڏينهون ڏينهن گهٽجندا وڃن ۽ آخري نتيجي ۾ طبقاتي تضاد کي غير متوقع حد تائين تيز ٿيون ڪري ڇڏين. تمام وڏين هڪ هٽين (trusts) هڪ لحاظ کان سرمائيداريءَ جو ”هڪ مخصوص سياسي ۽ معاشي بحران“ توڙي ”پوري سرمائيداراڻي نظام“ جي صورت ۾ لازمي زوال وڌيڪ واضح ۽ چٽو بڻائي ڇڏيو آهي. مستقبل ۾ ايندڙ اُن امڪاني صنعتي بحران کي ڇڏيندي به (جنهن جون ڏاڍيون واضح نشانيون ظاهر ٿي چُڪيون آهن) آمريڪا ۾ آيل مالياتي سرمائي جي هاٺوڪي بحران ۽ ان جي نتيجي ۾ پُوري يورپ ۾ تمام وڏي پئماني تي جنم وٺندڙ بيروزگاري، بُک ۽ بدحالي، ماڻهن کي ۽ خاص ڪري خود ڪوڙ سارن ترميم پسندن کي مجبور ڪري وڌو آهي ته اُهي سرمائيداري دؤر کي انساني تاريخ جي سونهري ترين دؤر ثابت ڪرڻ واري ”رومانوي قصي“ مان پنهنجي جان آجي ڪرائين، پر انهن ”دانشورن“ جي اهڙن نظرياتي مونجهارن پورهيت طبقي کي جيڪو سيڪاريو اُهو وسارڻ جوڳو ناهي.

جيستائين ”قدر“ (Value) جي نظرئي جي ڳالهه آهي ته بيورڪ (Bhm-Bawerk) کي ڇڏي ڪري، ترميم پسندن مجموعي طور تي ان فلسفي جي واڌاري لاءِ ڪوبه ڪردار ادا ناهي ڪيو، تنهن ڪري چند مونجهارن ۽ اشارن کانسواءِ سوچ جي سائنسي اؤسر ۾ سندن ڪوبه ڪردار ناهي.

سياست جي ميدان ۾ ترميم پسندن مارڪسزم جي بنياد ”طبقاتي جدوجهد“ ۾ ئي ترميمون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان کي اهو ٻڌايو ويندو هو ته سياسي آزادي، جمهوريت ۽ سچي دنيا جي ماڻهن لاءِ ووٽ جا برابر حق جهڙين حاصلاتن) طبقاتي جدوجهد جا مادي بنياد ختم ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڪميونسٽ پڌرنامي جي ان نعري کي ڪوڙو قرار ڏئي ڇڏيو آهي، ته پورهيتن جو ڪوئي ديس ناهي هوندو. سندن چوڻ هو ته جيئن ته جمهوريت ۾ اڪثريت جي مرضي ئي هلندي آهي، تنهن ڪري هاڻي رياست کي نه ته ڪنهن هڪ طبقي جو هٿيار سمجهڻ کپي ۽ نه ئي بنياد پرستن خلاف سمورن ترقي پسند بشمول اصلاح پسند بورجوازين سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ ۾ ڪائي ڪباهت هجڻ کپي.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ترميم پسندن جا اهي سمورا خيال اصل ۾ هڪ پراڻي ۽ مشهور نظرياتي سٽاءُ "لبرل بورجوازي نقطه نظر" جوئي ورجاءُ هئا. اهي لبرل- بورجوازي دانشور شروع ڏينهن کان ئي اِهو راڳ پٽيندا آيا آهن ته جيئن ته ڪنهن رياست ۾ موجود سڀني شهرين لاءِ ووٽ جي برابر حق ملڪ ۽ حڪومت ۾ سڀني شهرين کي بغير ڪنهن فرق جي برابر جو حصيدار بڻائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري بورجوا جمهوريت طبقاتي ورڇ ۽ خود طبقن کي ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي، پر اوڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ پوري يورپ جي تاريخ يا پوءِ ويهين صديءَ جي شروعاتي عرصي ۾ روس جي تاريخ ڏاڍي واضح انداز ۾ ثابت ڪري ٿي ته لبرل بورجوازين جا اهي دليل ڪيترا نه کوکلا ۽ بي بنياد آهن. سرمائيداري جمهوريت ۽ سرمائي کي ڏنل "جمهوري آزادي"، معاشي اڻ برابري کي گهٽائڻ بجاءِ ان کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏي ٿي. "پارليامينٽيرينزم" رياست تي ڪنهن هڪ طبقي جي هڪ هٽي ختم ڪرڻ ته پري جي ڳالهه پر وڌ کان وڌ جمهوري سرمائيدار رياستن ۾ پڻ طبقاتي استحصال جي هڪ ننگي تلوار بڻجي ظاهر ٿي/ٿيو آهي. پراڻي دؤر ۾ سياسي طور سرگرم تمام ٿورڙن ماڻهن جي مقابلي ۾ عوام جي هڪ وڏي اڪثريت کي منظم ڪري ان ڌارا ۾ گهلي اچڻ سان سرمائيداراڻي جمهوريت بحرانن يا سياسي انقلابن جا امڪان ختم ناهن ڪيا، بلڪه اهڙين انقلابي حالتن ۾ هڪ طويل ۽ خطرناڪ خانه جنگيءَ لاءِ ماحول تيار ڪيو آهي. 1971ع ۾ پيرس ۾ ٿيل واقعا يا پوءِ 1905ع ۾ روس ۾ پئدا ٿيل حالتون ان ڳالهه جا واضح ترين

مثال آهن. فرانسيسي بورجوازي جڏهن پورهيت تحريڪ کي ڪُچلي نه سگهي، ته انهن بنا ڪنهن جهجهڪ جي سندن ملڪ کي تباهه ۽ برباد ڪندڙ ۽پوري قوم جي دشمن فوج کي فرانس ۾ موجود پورهيت تحريڪ کي ڪُچلڻ لاءِ گهُرايو، هر اهو ماڻهو جيڪو پارليامينٽيرينزم ۽ بورجوا جمهوريت جي انهن اندروني تضادن کي نه ٿو سمجهي، جيڪي معاملن کي سلجهائڻ لاءِ ماضي جي پيٽ ۾ تمام گهٽي عوامي تشدد ڏانهن وٺي وڃن ٿا. اهو ان پارليامينٽيرينزم ذريعي پورهيتن کي جهيڙن ۾ بورجوازي طبقي کان وڌيڪ منظم ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ گهُربل سياسي تحريڪ ۽ پروپئگنڊا لاءِ اهل نه ٿو بڻجي سگهي. اولهه ۾ سماجي لبرلز (Social liberals) ۽ روس اندر انقلاب واري عرصي ۾ لبرل اصلاح پسندن سان ڪيل اتحادن جا تجربا اِهو ثابت ڪن ٿا ته اهڙين ڌرين سان اتحاد عوامي شعور کي وڌائڻ بجاءِ ان کي مڌو ٿو ڪري. اهڙين انقلابي حالتن ۾ اهڙن دوڪيباز، ابن الوقت ۽ جنگ کان عاري ماڻهن کي ويڙهاڪن سان جوڙڻ سان سندن جدوجهد جي حقيقي اهميت وڌڻ بجاءِ گهٽجي وڃي ٿي. فرانس ۾ ”ملير انڊزم“ (Millerandism) جي نالي ۾ ترميم پسند سياسي حڪمت عملين جو تمام وڏي پئماني تي ڪيل تجربو، ترميم پسنديءَ جي حقيقي ڪٿ تور جو اهو سبق آهي، جيڪو سڄي دنيا جي پورهيتن کي ڪڏهن به نه وسرندو.

سوشلسٽ تحريڪ جي حتمي مقصد بابت ترميم پسندن جو رويو، سندن سياسي ۽معاشي رجحانن جو لازمي نتيجو هو. ترميم پسنديءَ جو ڳر سمجهڻ لاءِ ڪن وڏن ۽ طويل مقالن ۽ تجزين بجاءِ برنسٽين (Bernstein) جو فقط اِهو هڪ جُملو ئي ڪافي آهي ته ”حتمي مقصد نالي ڪابه شيءِ ناهي ٿيندي، تحريڪون ئي سڀ ڪجهه آهن.“ (ڪنهن مجموعي مقصد کانسواءِ) الڳ الڳ صورتحال مطابق پنهنجا اصول ۽ پروگرام جوڙڻ، پنهنجو پاڻ کي صرف وقتي ۽ عارضي سوالن تي ٽيندڙ چسي سياست سان ٺهڪائڻ، پورهيت طبقي جي بنيادي مفادن ۽ سرمائيداري نظام جي بنيادي خاصيتن کي وسارڻ ۽ وقتي فائدن ۽ حاصلاتن عيوض پورهيتن جا اُهي بنيادي مفاد قربان ڪري ڇڏڻ وغيره. اهي ترميم پسندن جون ڪجهه عمومي حڪمت عمليون آهن. ترميم پسندي پنهنجو پاڻ کي اڻ ڳڻئي قسمن ۾ اظهاري اها ڳالهه اهڙين

حڪمت عملين جو لازمي نتيجو آهي. ٿوري گهڻي فرق سان هر نئون سوال، واقعن يا حالتن ۾ ڪا غير متوقع يا اڻ ڏٺي تبديلي، جيڪا پنهنجي معيار ۽ مقدار ۾ بالڪل غير اهم هجي يا پوءِ حالتن جي اؤسر تي تمام ٿوري مقدار ۽ تمام ٿوري عرصي لاءِ ئي اثرانداز ٿيندي هجي. اهڙي هر نئين تبديلي يا هر نئين سوال تي ترميم پسنديءَ جو هڪ بالڪل ئي نئون قسم جنم وٺندو آهي.

جديد سماج ۾ ترميم پسنديءَ جي لازميت سندس طبقاتي بنيادن منجهان ئي سمجهي سگهجي ٿي. ترميم پسندي هڪ بين الاقوامي مظهر آهي، گهڻ ۾ گهڻ ڄاڻيندڙ ۽ سوچيندڙ سوشلسٽ سياسي ڪارڪن ڪي به ان ڳالهه تي ڪوبه اُبهام نه هوندو ته مخصوص قومي حالتن توڙي پنهنجن پنهنجن خاص تاريخي سببن ڪري هڪ ٻئي کان ڪافي مختلف هجڻ باوجود به جرمني، فرانس، برطانيه، بيلجيم، اٽلي توڙي روس سميت دنيا جي ٻين مُلڪن ۾ مارڪسزم ۽ ترميم پسندن ۾ تعلق بنيادي طور هڪ جهڙو ئي آهي. حقيقت ۾ اها ورڇ جيڪا اڄ کان 30، 40 سال اڳ واري بين الاقوامي سوشلسٽ تحريڪ ۾ شامل مختلف ملڪن جي پارٽين وچ ۾ ڪوڙ سارن ۽ مختلف رجحانن جي نظرياتي ويڙهه جي صورت ۾ پنهنجو پاڻ اظهاريندي هئي، اڄوڪي بين الاقوامي سوشلسٽ تحريڪ ۾ شامل مختلف ملڪن جي پارٽين ۾ اها ويڙهه تمام تيزيءَ سان ترقي ڪندي انهن ٻن مخصوص ڌارائن (ترميم پسندي ۽ مارڪسزم) ۾ ورهائجي رهي آهي. ”کاٻي ڌُر منجهان جنم وٺندڙ ترميم پسندي“ جنهن لاطيني مُلڪن ۾ Revotulionary Syndicalism جي صورت اختيار ڪئي آهي، اُها پڻ مارڪسزم ۾ ترميمون ڪندي پنهنجو پاڻ کي مارڪسزم سان ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪري پئي.

پر اسان کاٻي ڌر منجهان جنم وٺندڙ ان ترميم پسنديءَ جي نظرياتي ڳر کي جانچڻ لاءِ اتي ئي لٽڪي بيهي نه ٿا سگهون. ڇاڪاڻ ته اها ترميم پسندي نه ته مفاد پرست ترميم پسنديءَ جي مقابلي ۾ ڪا گهڻي اؤسر ڪري سگهي آهي، نه وري هينئر تائين ڪو بين الاقوامي طور ڦهلجي سگهي آهي. حقيقت ۾ اها ترميم پسندي هينئر تائين ڪنهن هڪ ملڪ ۾ به ڪنهن سوشلسٽ پارٽي سان ڪنهن وڏي ۽ فيصلا ڪُن جهيڙي ۾ ناهي وڃي سگهي، تنهن ڪري هتي اسان رڳو ”ساڄي ڌُرجي ترميم پسندي“ جي ئي

ڳالهه ڪنداسين، جنهن جي وضاحت پاڻ مٿي ڪري آيا آهيون.

سرمائيداري سماج ۾ ترميم پسنديءَ جي لازميت پٺيان ڪهڙا بنيادي سبب آهن؟ ائين ڇو آهي ته اِها ترميم پسندي مختلف ملڪن جي مخصوص قومي حالتن توڙي سرمائيداراڻي ترقيءَ جي مختلف ڏاڪن تي هجڻ باوجود انهن سمورن اختلافن کان مٿانهين ۽ هِڪ ڪري آهي؟ اِهو ان ڪري آهي جو هر سرمائيدار ملڪ ۾ پورهيتن سان گڏ هڪ وڏو تعداد وچولي طبقي، پيٽي بورجوا طبقي جي ماڻهن جو به هوندو آهي. سرمائيداري نه صرف ان ننڍي پئماني تي ٿيندڙ پيداوار منجهان اُسري هئي پر اها اڄ تائين به ان منجهان اُسري رهي آهي. سرمائيداري ننڍي پئماني تي پئداوار ڪندڙ انهن پيٽي بورجوا طبقي جي ماڻهن (جهڙوڪ وڏن ڪارخانن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ ڦهليل ننڍن ننڍن ورڪشاپس جي ڄار ۾ شامل ننڍن سيڙپڪارن) کي وري وري ڇٽيندي ۽ پوءِ انهن ئي ننڍن ننڍن سيڙپڪارن کي اڳي پوءِ لازمي طور گهلي پورهيتن ۾ شامل ڪندي رهندي آهي، تنهن ڪري پورهيتن جي وڏين ۽ وسيع پارٽين ۾ ان پيٽي بورجوا نقطه نظر جو وري وري پئدا ٿيڻ بالڪل فطري آهي ۽ جيستائين پورهيت انقلاب اچي نه ٿو وڃي، تيستائين اها صورتحال لازمي طور ائين ئي آهي ۽ هميشه ائين ئي رهندي، ڇاڪاڻ ته اها هڪ تمام وڏي غلطي هوندي، جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ته انقلاب آڻڻ لاءِ بهرحال عوام جي هڪ وڏي اڪثريت جو مزدور بڻجڻ لازمي آهي. نظرئي توڙي عمل جي ميدان ۾ اسان جي عمومي تجربي ۾ ايندڙ اڪثر مسئلا جهڙوڪ مارڪسزم جي نظرئي ۾ ترميمون يا پوءِ پورهيت تحريڪن جي ڪن خاص مرحلن تي ترميم پسندن سان حڪمت عملين تي تضاد وغيره، پورهيت طبقي جي سامهون اجا تمام گهڻي تيزي سان ۽ تمام وڏي پئماني تي ايندا، جڏهن پرولتاري انقلاب انهن سمورن اختلافي معاملن کي ڇڪي سامهون آڻيندو ۽ ڪين تيز ڪندو، انهن سمورن اختلافي نقطن تي زور ڏيندو، جيڪي عوام جي عمومي سرگرمين جو رُخ طئي ڪرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم هوندا، اُن جنگي صورتحال ۾ دوستن ۽ دشمنن ۾ واضح فرق کي لازمي بڻائيندو ۽ دشمن کي فيصلائتا ڌڪ هڻڻ لاءِ انهن ”بُرن اتحادين“ جي ڇانٽي تي زور ڏيندو.

اوڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ترميم پسنديءَ خلاف انقلابي مارڪسزم جي نظرياتي جدوجهد اصل ۾ پورهيتن جي ان عظيم انقلابي جنگ جي شروعات هُئي، جيڪا ”پيٽي بورجوا انقلابين“ جي سمورين ڪمزورين ۽ ڪج روين باوجود پنهنجي مقصد تائين پڄڻ ۽ مڪمل فتح حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل اڳتي وڌي رهي آهي.

چين ۾ اشتراڪيت جي دعويٰ جو سچ

بخشل ٿلهو

5 جنوري 2013 تي چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تازو چونڊيل جنرل سيڪريٽري زي "جنپنگ" پنهنجي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيني خاصيتن واري سوشلزم کي ترقي وٺرائڻ تي زور ڏنو آهي. 70 جي ڏهاڪي جي پڇاڙي کان خاص طور تي ڊينگ زيپانگ جي سڌارن جي اطلاق کان پوءِ چين ۾ "چيني خاصيتن وارو سوشلزم" پوري دنيا اندر مارڪسٽن ۽ ڪميونسٽن جي بحث جو موضوع رهندو آيو آهي. معاشي طور تي سگهاري قوت بڻجڻ، 1988 ۾ تيانميان ۾ مظاهرا ڪندڙ شاگرن تي سخت رياستي تشدد، 2008 جي سرمائيداراڻي بحران جا چين تي نه برابر اثر،نومبر 2012 ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ارڙهين ڪانگريس ۽ پارٽي جو سرڪاري موقف وغيره اُهي واقعا آهن جن چيني سماج ۽ رياست جي صحيح سمجهه کي پهرين کان به اهم بڻائي ڇڏيو آهي. توڙي جو چيني رياست اڄ به ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ظابطي هيٺ آهي ۽ سندن سرڪاري موقف به اُهو آهي جيڪو ڊينگ زيپانگ اڳيان ڪيو هو يعني چين جي حالتن سان ٺهڪندڙ مارڪسزم ۽ چيني خاصيتن وارو سوشلزم. تنهن هوندي به عالمي ڪميونسٽ فڪر ۽ تحريڪ سان سلهاڙيل ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته چين واقعي به مارڪيٽ سوشلزم جي دڳ تي آهي، ڪجهه مفڪرن مطابق هُتي هڪ مڪسڊ اڪانامي رائج آهي. جڏهن ته هڪ متضاد ۽ محدود راءِ اها به آهي ته چين ۾ سوشلزم ڪڏهن رهيو ئي ڪونهي. ٽين راءِ مطابق چين سوشلسٽ ملڪ منجهان هاڻي مڪمل طور تي هڪ سرمائيدار رياست بڻجي چڪو آهي. انهيءَ ڪيمپ جي وڏيڪ ورهاست ائين ٿئي ٿي ڪجهه ماڻهو چين کي هڪ سامراجي ملڪ سمجهن ٿا پر ڪجهه ڪيس اهڙوملڪ سمجهن ٿا جيڪو سامراجي بڻيوڪونهي پر سامراجي بڻجڻ جي عمل ۾ ضرور آهي. جڏهن ته مان ذاتي طور تي آخري موقف سان سهمت آهيان.

پر مٿيان سڀ اُهي مخلتف رايا آهن جن کي سمجهڻ ۽ رد ڪرڻ لاءِ چيني انقلاب جي نوعيت، مائو جي هڪ چال اڳتي واري

پاليسي ۽ ثقافتي انقلاب ، 70 جي شروعات ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي اعلي ادارن ۾ تضاد، ڊينگ زيپانگ جو پارٽي جي اعلي عهدي تائين رسڻ، سندس سڌارپسند پاليسين جا سماج جي طبقاتي بيهڪ ۽ پارٽيءَ تي اثر، اڄ جي چيني سماج جي طبقاتي بيهڪ يا ملڪيتي لاڳاپا، چين جو عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ڪردار، اڄوڪي حالتن ۾ آمريڪي سامراج سان چين جو ٽڪراءُ ۽ تضاد، جهڙن موضوعن تي تفصيلي نه به سهي پر مختصر رايو اچڻ ضروري آهي.

نوڙي ڪٿان ڪان نانگ ٿي؟

"اسان جنگ ڪٽي آهي، انقلاب هاڻي شروع ٿئي ٿو" (1).

هر اشتراڪي انقلاب وانگي 1949 ۾ آيل چيني انقلاب به هڪ (قومي) سياسي فتح هو ٻين لفظن ۾ اِها سماج جي مٿين ڍانچي ۾ تبديلي هئي جڏهن ته انهيءَ جي بنيادن ۾ تبديلي اچڻي اڃا باقي هئي. پوري سماج ڪي معاشي ۽ ثقافتي تبديلين جي انقلابي عمل منجهان گذارڻ باقي هيو. ڇاڪاڻ ته انقلاب ڪانپوءِ مائو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي هڪ پوئتي پيل ۽ تباهه حال قوم جي اشتراڪي بنيادن تي اوسر ڪرڻي هئي. انهي لاءِ 1958 ۾ " هڪ عظيم ڇال اڳتي"(2) جي نالي سان مائو هڪ پروگرام شروع ڪيو جنهن جو مقصد اجتماعي پيداوار ذريعي، زراعت ۽ صنعت کي منظم ڪري انهن جي اوسر ڪرڻ هو، پر ٽن سالن جي لڳاتار ٻوڏن ۽ خراب فصلن، پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. آبادي لائق 60 سيڪڙو زرعي زمين به متاثر ٿي . جيئن ته تنظيم اندر سڌارپسند ۽ ترميم پسند رجحان به موجود هئا تنهنڪري پارٽي اندر مائو تي دٻاءُ وڌندو ويو(3). 1959 ۾ ليو شائو چي کي عوامي جمهوريه چين جو ۽ مائوڪي پارٽي جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو. ليو شائوچي ۽ سندس ساٿين ترميم پسنداڻين حڪمتِ عملين تي عملدرآمد شروع ڪيو. مٿان ترميم پسند خروشيفي قيادت سان اختلافن سبب 1960 ۾ روس به پنهنجي ٽيڪنيڪي مدد واپس وٺي ڇڏي. ڪامريڊ مائو جي اڳيان اشتراڪي روس اندر 1950 کانپوءِ ترميم پسندن جي ڪاميابي جو مثال سامهون هو تنهنڪري نظرياتي ۽سماج ۾ طبقاتي جدوجهد کي جاري رکڻ لاءِ مائو 1966 ۾ ثقافتي انقلاب جي شروعات ڪئي ته جيئن پارٽيءَ اندر سرمائيداري جي راهه هموار ڪندڙ اڳواڻن جي رستا روڪ ڪري سگهجي (4). مائو جي ويجهي ساٿي لِن بيائو، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن کي

اپيل ڪئي ته خروشيف جي ترميم پسند لائين کان متاثر، پارٽي اڳواڻن جو گهيراءُ ڪيو وڃي. مائو نوجوانن، ورڪرن ۽ شاگردن تي آڌاريل "ريڊ گارڊز" کي متحرڪ ڪيو ۽ ڪيس فوج جي سپورٽ به حاصل هئي. 1968 ۾ ليو شائو چي ۽ سندس پين سڏارپسند ساٿين کي پارٽي ۽ رياست جي اهم عهدن تان هٽايو ويو . پر 1971 ۾ لِن بيائو طرفان هڪ فوجي چاڙهه وسيلي اقتدار تي قبضي جي ناڪام ڪوشش ڪانپوءِ اُهي ئي سڏارپسند واپس ٿيا. هي ثقافتي انقلاب 10 سال جاري رهيو پر مائو جي موت کان هڪ مهينو پوءِ 6 آڪٽوبر 1976 ڌاري هڪ سازش وسيلي اقتدار تي ترميم پسندن جي هڪ هٿي قائم ٿي(5). جنهن بعد ثقافتي انقلاب دوران مائو جي ساٿارين ۽ پارٽي جي اعليٰ عهدن تي فائز ڪامريڊن بشمول مائو جي گهر واري (Jian Qing) کي گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿن ڪيس مڙهي کين عمرقيد جون سزائون ڏنيون ويون. اولهه انهي سموري پيش رفت کي پليڪار ڪيو. بي بي سي انهيءَ عمل کي چين جو سياسي طرف تبديل ٿيڻ جو اهم اهڃاڻ سڏيو ۽ انهيءَ عمل جي شروعات ٿي جيڪو اشتراڪي روس اندر خروشيف جي دور کان شروع ٿيو يعني سوشلزم جي نالي ۾ سوشلسٽ انقلاب جي سمورين حاصلاتن جا بنياد ختم ڪرڻ.

اشتراڪي دور جون حاصلاتون

نيو لبرل ازم ۽ سرمائيداري جا حامي چين اندر پيداواري سگهن جي اوسر کي ڊينگ زيپانگ جي 1978 واري سرمائيداراڻي سڌارن جي کاتي ۾ آڻيندا آهن(6). پر يا ته کين وسري ويندو آهي يا هو ڄاڻي ٻجهي ويساريندا آهن ته 1927 کان 1949 تائين انهيءَ چين تي قومي سرمائيدارن جي حاڪميت هئي ۽ انهي پڇ لٽڪائو سرمائيداري چيني سماج ۽ وسيلن کي عالمي سرمائي جي منهن ۾ ڏئي، واپسيءَ ۾ صرف بک، بيماري، جهالت، تباهي ۽ بربادي ورتي. اهڙي ريت پنهنجي سماج کي اڳتي وڌڻ وڃڻ ۽ سامراج مخالفت ۾ قومپرستن جي ناڪامي ئي قومي آزادي جي لاءِ ڪميونسٽن کي اڳيان ڪيو. اڄ جيڪڏهن چين معاشي طور تي دنيا جي ٻي وڏي قوت آهي ته انهي جا بنياد به مائو جي اشتراڪي دور ۾ ئي جوڙيا ويا. انقلاب کان پوءِ ڏيهي سرمائيدارن ۽ سامراج جي سمورن ادارن ۽ ملڪيتن کي رياست جي تحويل ۾ ورتو ويو ۽ جاگيردارن جون زمينون ضبط ڪري، هارين منجهه ورهايون ويون.(1952 تائين ڪُل آبادي لائق زمين جو اڌ 30 ڪروڙ بي زمين هارين ۽ عورتن منجهه

تقسيم ڪيو ويوهو. توڙي جو پارٽي اجتمائي زرعي فارمن جي طريقه ڪار کي همٿائيندي به رهي ۽ 1956 تائين 90 سيڪڙو هاري گهراڻا انهن جو حصو بڻجي چڪا هئا). نئين قانون سازي ڪري عورتن جي سماجي حيثيت بهتر ڪئي وئي، کين طلاق جو حق ڏنو ويو. ٻارن جي وڪري ۽ پورهيي تي پابندي وڌي وئي. پورهيي جو وقت 16،12 ڪلاڪن کان گهٽائي 8 ڪلاڪ مقرر ڪيو ويو(7). صحت جي شعبي منجهه آندل انقلابي تبديلين سبب آبادي منجهه رڪارڊ اضافو ٿيو(8) . (1949 جي 47 ڪروڙ جي ڀيٽ ۾ 1953 ۾ 58 ڪروڙ). انقلاب وقت (1949) جيڪڏهن چيني ماڻهو جي سراسري عمر 35 ورهيه هئي ته اها ڪامريڊ مائو جي موت وقت (1976) وڌي 63 ورهين تائين پهتي (9). جڏهن ته تعليم جي شعبي ۾ ڏسبو ته 1949 ڌاري جيڪڏهن ڀهراڙين اندر خواندگيءَ جي شرح 5 سيڪڙو هئي ته اها 1960 ڌاري تعليم سڀ کيِ مفت فراهم ڪئي وئي. ثقافتي انقلاب دوارن ٻٽي تعليمي نظام جو خاتمو ڪيو ويو. زراعت، صنعت، توانائي ۽ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر ڪري، انفراسٽرڪچر کي تمام گهڻوبلند ڪري، صدين کانپوءِ سڄي چيني سماج کي استحڪام ۽ وحدت ڏني وئي . مائو جي 5 سالن جي منصوبي سبب پيداوار منجهه تمام گهڻو اظافو ٿيو. هي اظافو اولهه جي پيداواري سطح سان تڏهن به ڪنهن مقابلي تي نه هو پر ماضي جي پيدواري سگهن جي اڻ اسريل صورت جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڪجهه هو. ڪوئلو، سيمينٽ ۽ مشيني اوزارن ۾ ٻيڻو، تيل ۾ ٽيڻو ۽ اسٽيل جي پيداوار ۾ چئوڻو اظافو ٿيو (10). سڀ کان وڏي ڳالهه اِها ته چين سامراج خلاف پنهنجي عسڪري طور دفاع جي لائق به مائو جي دور ۾ تڏهن ٿيو جڏهن اُهو 1964 ۾ هڪ ايٽمي قوت بڻيو.

چين جي سياسي، معاشي نظام جو ڇيد

چين جي سياسي، معاشي نظام جو ڇيد انڪري ضروري آهي ته جئين چيني نام نهاد ڪميونسٽ سرڪارجي موقف (11) ۽ چين کي ڪميونسٽ ثابت ڪندڙ دنيا جي پارٽين جي دليلن جي سچائي به معلوم ٿي سگهي. انهيءَ لاءِ انهن بنيادن کي پهرين الڳ الڳ ڪري جانچڻ جي ضرورت آهي جيڪي هڪ اشتراڪي رياست کي سرمائيدار رياست ۽ سماج کان ڌار ڪندا آهن ته جيئن آخر ۾ ڪُلي جائزي وٺڻ ۾ آساني ٿئي. مان سمجهان ٿو، ته اُهي بنياد ڪجهه هئين ريت ٿي سگهن ٿا.

1. چين اندر بنيادي پيداواري ۽ ملڪيتي لاڳاپن جو جائزو؛
2. چيني رياست ،ڪميونسٽ پارٽي ۽ انجي حڪمرانيءَ جو ڇيد؛
3. مارڪسي ليني نظريي جي ترويج ۽ اڄ جي چين اندر طبقاتي جدوجهد جي بيهڪ
4. چين جو عالمي سياسي، معاشي نظام ۾ ڪردار ۽ پورهيت بين القواميت.
5. ترقيءَ جو دليل ۽ چين جي اوسر جي سفر جو منزلِ مقصود.

1. چين اندر بنيادي پيداواري ۽ ملڪيتي لاڳاپن جو جائزو

ڪاپي ڏرجي عالمي تحريڪ سان سلهاڙيل ڪجهه ماڻهو چين کي هڪ سوشلسٽ ملڪ ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏيندا آهن ته "پنهنجي اڻ اسريل پيدواري سگهن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ 70جي ڏهاڪي ۾ چين پنهنجي پرڏيهي پاليسين کي نرم ڪيو ۽ سڏارا آندا ته جيئن عالمي سرمائي ۽ ٽيڪنالاجي جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي. انهي سان گڏ چين کي ڪجهه نجڪاري ڪرڻي به پئي . پر اڄ به اهم شعبا جهڙوڪ توانائي، اڏاوت، ڪميونڪيشن، ٽرانسپورٽ ۽ هاءِ ٽيڪنالاجي سميت، بينڪون ۽ زمين به رياستي ملڪيت جي دائري ۾ آهن. نجي سرمائي جيان چين اندر ڪريڊٽ جو نظام به رياست جي ظابطي هيٺ آهي. ٻيو اِهو ته چين هڪ زرعي ملڪ رهيو آهي ۽ هڪ اسريل صنعت ضابطي انهي زرعي سماج جي ڪاياپلٽ نه ٿي ڪري سگهجي تنهن ڪري چين جي اِها پاليسي لينن جي نيو اڪانامڪ پاليسي جيان آهي. اڄ انهن پاليسين جي ڪري پيداوري سگهن ۾ اوسر ٿي آهي جيڪا هڪ جٽادار سوشلزم لاءِ اٽٽر هئي."

اهو سچ آهي ته هڪ جٽادار سوشلزم لاءِ پيدواري سگهن جي اوسر لازمي شرط آهي. پر مٿين دليل جي کوٽ اها آهي ته اِهو سرمائيداري ۽ پيداواري سگهن جي اوسر کي هڪ ٻي لاءِ لازم ملزوم ۽ پهرين کان هڪ ڪري ڏسي ٿو. جڏهن ته پوري عالمي معاشي ناڪابندي باوجود، اسٽالن جي دور جي روس ۽ مائو جي دور جي چين جون حاصلاتون اسانجي اڳيان آهن. تنهن هوندي به جيسيتائين لينن جي نيو اڪانامڪ پاليسي ۽ ڊينگ زيپانگ جي سڌارن ۾ هڪجهڙائي جو سوال آهي ته ٻئي پاليسيون ٻهراڙي جي آبادي لاءِ جوڙيون ويون. پر ٻنهي جي اطلاق ڀنيان تاريخي حالتن ۽ مقصدن ۾ بنيادي فرق آهي. هڪ جو اطلاق عارضي حڪمتِ عملي طور تي تڏهن ٿئي ٿو جڏهن سامراجي مداخلت ۽ خانه

جنگي سبب ڏکر جي صورتحال پيدا ٿئي ٿي ۽ انجو مقصد اشتراڪيت ۽ اجتماعي زرعي فارمن لاءِ ماحول تيار ڪرڻ هو جڏهن ته ٻيا سڌارا تڏهن آندا وڃن ٿا، جڏهن چين ۾ زرعي پيداوار منجهه تاريخي اضافو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ انهن جو مقصد پهرين جوڙيل اجتماعي زرعي فارمن کي تباهه ڪري، سرمائيداري لاءِ مستقل راهه هموار ڪرڻ هو. اڄ انهن ۽ بعد جي سڌارن جو نتيجو اهو آهي جو نه صرف ٻهراڙي اندر پر شهرن اندربه پيداواري لاڳاپا تمام گهڻو تيزي سان سرمائيداراڻا ٿي رهيا آهن. اهو ٺيڪ آهي ته اڄ به تمام گهڻا اهم ۽ وڏا شعبا رياست جي تحويل ۾ آهن پر چيني معاشي ڪاروهنوار ۾ ٻاهرين گهڻ قومي ڪمپنين ۽ نجي ادارن جو عمل دخل پهرين کان گهڻو وڌي چڪو آهي. تمام گهڻن علائقن ۽ شهرن کي معاشي زون ٺاهي، گهڻ قومي ڪارپوريشنن ۽ نجي ڪمپنين جي حوالي ڪيو ويو آهي. ورلڊ بينڪ جي هڪ رپورٽ مطابق سن 2000 ۾ ئي نجي ڪاروبار ڪُل چيني معيشيت جي اڌ کان ٽپي چڪو هو. ان کان علاوه ٻي حقيقت اها آهي ته ڪُل صنعتي پيداوار ۾ رياستي ادارن جي 30 سيڪڙو جي ڀيٽ ۾ گهڻ قومي ڪارپوريشن جو حصو 34 سيڪڙو آهي جيڪو پهرين جي ڀيٽ ۾ تيزي سان وڌي به رهيو آهي(12). اهڙي ريت اهو سمجهڻ گهٽو ڏکيو ڪونهي ته اهو ٻاهريون سرمايو ڪهڙي ريت مقامي پورهيت جو رت پي، واڌو قدر ٻاهر موڪلي چين اندر پيداواري لاڳاپن کي طئي ڪندو هوندو(13).

2. چيني رياست، ڪميونسٽ پارٽيءِ انجي حڪمرانيءَ جو چيد

عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته چيني رياست اجا به ڪميونسٽ پارٽيءَجي هٿ ۾ آهي جيڪا مارڪسزم ۽ سوشلزم کي ئي ترقي جو رستو سمجهي ٿي ۽ جنهن جا اٺ ڪروڙ ميمبر سرگرمي سان پارٽي ۽ ملڪ جي ترقي ۾ڪردار ادا ڪن ٿا. چين جي فوج (پي ايل اي) رياست بجاءِ پارٽي جي ماتحت آهي. دراصل چين جي ڪميونسٽ پارٽي، ٽيڪنيڪي منتظمين جو (نه ڪي نظرياتي ۽ عوامي ماڻهن جو) اهو ٽولو آهي جنهن جي ذمي عالمي ۽ ڏيهي سرمائي جي نپاءُ جو ڪم آهي. جئين ته انهي تنظيم جي قيادت ان نپاءُ منجهان طبقاتي طور مستفيد ٿئي پئي تنهنڪري اها ڏينهن به ڏينهن انهيءَ ۾ پڙ ٿيندي وڃي ٿي. ڪجهه انگ اکرن مطابق اُهي نجي ادارا جن جا چڱا مڙس، رياست جي ڪنهن نه ڪنهن اعلي انتظامي عهدن تي فائز آهن، سي 2004 جي 33.8 سيڪڙو جي ڀيٽ ۾

2006 دوران 67.6 سيڪڙو تائين پهچي چڪا آهن. اسٽيٽ ڪائونسل جي ريسرچ آفيس، پارٽي جي مرڪزي اسڪول جي ريسرچ آفيس ۽ چائنيز اڪيڊمي آف سوشل سائنسز جي هڪ گڏيل سرڪاري رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته چين جي 3000 ڪان مٿي ارب پتين منجهان 90 سيڪڙو ماڻهو، چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اعلي عهديدارن جي اولاد يا انهن جا ويجها عزيز آهن (14). اڄ چين جي ڪميونسٽ پارٽي مارڪيٽ ڪي مڪمل طور تي پنهنجي ئي داخلي محرڪن آڏار ڇڏي ڏيڻ تي به ڇرڪي پئي ٿي. ڇاڪاڻ ته ڪوڙ سارا مامرا سندن هٿن منجهان نڪري ويندا. ايتري نجڪاري ڪانپوءِ به اڃا ڪوڙ سارا اهم شعبا آهن جيڪي رياست جي هٿ هيٺ آهن. تنهنڪري اولهه جي تنقيد ۽ دٻاءُ مستقل طور موجود رهي ٿو. ۽ جيئن جيئن وقت گذري ٿو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو جهڪاءُ پنهنجي عوام ڏانهن نه پر انهي عالمي سرمائي ڏانهن ٿيندو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته قومي مفاد، قومي بورجوازي ڪي تيستائين عزيز هوندا آهن جيستائين اُهي سندس طبقاتي مفادن جو پوراءُ ڪندا آهن. پر جڏهن قومي ۽ طبقاتي مفادن ۾ فرق نڪري نروار ٿئي ۽ انهن منجهه چونڊ جو سوال اڀري اچي ته پوءِ قومي بورجوازي جون اوليتون ڪهڙيون هونديون اهو طئي ڪرڻ آسان آهي. اتي چين ۾ هڪ چوٽي آهي ته "اڳ ڪنهن دور ۾ پارٽي ، سج جيان هوندي هئي ۽ پنهنجي تيز ڪرڻن سان ڌرتي کي روشن ڪندي هئي. هاڻي پارٽي چنڊ ٿي پئي آهي، جيڪا هر پندرهين ڏينهن بدلبي آهي" (15).

3. مارڪسي ليننی نظريي جي ترويج ۽ اڄ جي چين اندر طبقاتي جدوجهد جي بيهڪ

هڪ اهڙي پارٽي ڪهڙي ريت مارڪسي ليننی فڪر جي ترويج ڪري سگهي ٿي؟.ڪين اڄ مائو جي شخصيت ۽ فڪر گهربل آهي پر پورو نه. ڇاڪاڻ ته سندن لاءِ چيئر مين مائو چين جي آزادي ۽ وحدت جي علامت آهي پر ترقي جي علامت نه. ترقي جي علامت اهي سڀ آهن (ماسوا چو اين لائي جي) جيڪي مائو سان مارڪسي ليننی فڪر تي زور ڏيڻ تي نالان هيا. سندن مائو سان بنيادي اختلاف ئي نظرياتي هو. سندن نظريو اهو هو ته اشتراڪيت ڪانپوءِ نظرياتي ۽ سياسي جدوجهد کي ، معاشي جدوجهد جي تابع ۽ ثانوي هجڻ گهرجي. جڏهن ته مائو انهي بيهڪ کي سرمائيداري جي راهه هموار ڪندڙ رستو سڏيو ۽ هميشه سوشلزم کان اڳ يا پوءِ سياسي، نظرياتي جدوجهد جي اوليت تي

زور ڏنو. چين اندر هاڻي تعليم جي به نجڪاري ٿئي ٿي. جنهن سبب سماج جي مراعت يافته پرتن لاءِ اولهه جي طرز تي جوڙيل اسڪول آهن. اهڙن اسڪولن ۾ نظرياتي تربيت لازمي طور تي اشتراڪي نه پر ڪنزيومر (Consumer) سماج واري هوندي آهي. مون تازو چين تي ٺهيل هڪ ڊاڪيومينٽري ۾ ڏٺو ته هڪ صحافي شنگهائي جي هڪ مهانگي پرائمري خانگي اسڪول ۾ جڏهن ٻارن کان پڇيو ته کين ڪهڙيون ڪارون پسند آهن ته موٺ 8 کان ڏهه سالن جي ٻارن، رولس رائس، پورشي، ۽ فراري جهڙين ڪمپنين جا نالا ڪڻي جواب ڏنا. اهڙيون ڊاڪيومينٽريز ڪنهن خاص سياسي مقصدن لاءِ ٺهرايل ۽ ڪوڙيون به ٿي سگهن ٿيون پر ٻٽو طبقاتي تعليمي نظام هڪ حقيقت آهي. نه صرف اڄ جي پر مائو جي دور جي به. جنهن خلاف مائو ثقافتي انقلاب دوران وڙهيو ۽ ان کي ختم ڪيائين، پر مائو کانپوءِ انهيءَ کي وري بحال ڪيو ويو.

4. چين جو عالمي سياسي، معاشي نظام ۾ ڪردار ۽ پورهيت بين القواميت.

اهو سچ آهي ته چين جو انقلاب پنهنجي اشتراڪي مقصدن ۽ رنگ باوجود هڪ سامراج دشمن، قومي انقلاب هو ۽ هر قومي تحريڪ ۽ انقلاب جي فطرت ٻٽي ٿئي ٿي. يعني پنهنجي موضوعي طبقاتي بيهڪ ۽ عالمي سياسي رجحان سبب انهيءَ جو ڪردار بدلبو رهي ٿو. تنهنڪري جيستائين عالمي طور تي اشتراڪي قوتون مضبوط هيون تيستائين مائو کي سامراج دشمنيءَ ۽ پورهيت بين اقواميت جي ايجنڊا اڳتي ڪرڻ ۾ ڪا گهڻي تڪليف نه ٿي. پر جيئن جيئن عالمي ماحول ردِ انقلاب جي حق ۾ تبديل ٿيڻ لڳو تيئن تيئن چيني انقلاب به ان جا اثر وٺڻ لڳو ۽ پنهنجي حدن کي اظهارڻ لڳو. (اهي اثر ۽ حدون، مائو کانپوءِ رات پيٺ ۾ ظاهر ڪونه ٿيون پر انهن جي شروعات خود مائو جي پوئين دور کان ئي شروع ٿي چڪي هئي.) اهڙي ريت چئي سگهجي ٿو ته ڪو ملڪ ڪيترو اشتراڪي آهي انهي جو هڪڙو اندازو ان ڳالهه ۾ به ٿي سگهي ٿو ته اهو ملڪ سامراج دشمني ۽ پورهيت بين الاقواميت جو جهنڊو ڪيترو بلند ڪري ٿو. مثال طور، روس اندر خروشيفي ترميم پسندي ڪامياب ٿيڻ کانپوءِ سامراج دشمنيءَ ۽ پورهيت بين القواميت کي پٺي ڏيندي،پُرامن بقاءِ باهمي جي نظريي سان اڳيان آئي. چين به انهي رستي تي گامزن آهي. پنهنجي دور ۾ چين جهڙي ريت ويٽنام، ڏکڻ ڪوريا، لائوس، ڪمبوڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي آفريڪي سامراج دشمن ملڪن جي مدد

ڪندو رهيو ته اڄ چين جي اوليت ٽين دنيا جي ملڪن جي سياسي بيهڪ نه پر انهن جا وسيلا آهن. تنهنڪري انهن سان سندس تعلق به سياسي بجاءِ هاڻي صرف معاشي نوع جو آهي. اڄ چين وٽ سامراج دشمني ايتري ئي آهي جيتري ڪا قومي سرمائيدار رياست پنهنجي صنعتي اوسر ۽ سفارتي مفادن لاءِ ضروري سمجهندي آهي.پاڪستان ۽ چين جي تعلق جو سرسري جائزو به اها حقيقت اظهاري ٿو. ماضي ۾ پاڪستان اندر ڪميونسٽ تحريڪ اندر هڪ وڏي ٽوڙ ڦوڙ چيني روسي تضاد سبب ٿي. بعد ۾ ڪابي ڌر جي مجموعي سياست جي ڪمزور ٿيڻ ڪانپوءِ پاڪستان اندر چين جو عوامي تعارف جهڙوڪ نه برابر بچيو. جا شئي بچي انهيءَ ڪي اسان پاڪستان ۾ چين جو رياستي تعارف چئي سگهون ٿا، جنهن ۾ چين هندستان تضاد ۾ پاڪستان جي رجعتي رياستي ادارن (خاص طور تي فوج) جو ساٿاري ۽ پٺڀرو رهيو آهي. نتيجي طور هن رياست جي سمورن بنيادي تضادن ۾ چين عوام مخالف ڇيڙي تي نظر ايندو. پوءِ پاڪستان اندر اهو طبقاتي، قومي، جمهوري ۽ صنعتي تضاد ڇونه هجي. آمريتن ۽ سرحدن تي پاڪ فوج جي هر مهم جوئي جي پٺ پرائي ۽ بنگال جي آزادي جي مخالفت، مذهبي انتها پسندن ۾ اثر رسوخ ۽ چيني طالبان جو ظاهر ٿيڻ، ۽ تازو گوادر ۽ ذوالفقار آباد ۾ رياستي آشيرواد سان سيڙپڪاري جهڙا ٻيا ڪوڙ سارا قدم، چين تي پاڪستان اندر پورهيت عوام ، سيڪيولر قوتن، ۽ مظلوم قومن جون چارج شيٽون آهن.

عالمي طور تي اڄ اسان ڏسون ٿا ته ڪوڙ سارا اهڙا ما مرا آهن جن تي چين ۽ آمريڪا جا تضاد موجود آهن پر انهن تضادن جي نوعيت انقلابي نه پر سرمائيدارڻي ڇٽا پيٽي آهي. پر جڏهن سوال سرمائي ۽ پورهيي جي تضاد جي عالمي صورتن جو اچي ٿو ته اها ڇٽا پيٽي هڪ اتحاد ۾ بدلجي وڃي ٿي. ڇو ته عالمي سامراج ۽ هن سرمائيداراڻي نظام جو چين خود هڪ اهم جز آهي. آمريڪي معيشيت ڪي سڀ ڪان وڏو سهارو چين (جيڪو آمريڪي ٽريزري بانڊز جو سڀ ڪان وڏو خريدار آهي) جو آهي ۽ چيني پيداوار ۽ جنس جو سڀ ڪان وڏو خريدار آمريڪا آهي. (چيني ڪُل ايڪسپورٽ جو 50 سيڪڙو سڌي ، اڻ سڌي ريت آمريڪا ڏانهن وڃي ٿو).

5 . ترقيءَ جو دليل ۽ چين جي ا ۆ سر جي سفر جو منزلِ مقصود

تازو رياستي ٽي وي چينل جي هڪ صحافي جڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ عهديدار کان پڇيو ته هُن هڪ ٻاهرين پورهيت ۽ ٻاهرين ڪمپنيءَ جي جهيڙي ۾ جج ڪي ڪمپني جو پاسو کڻڻ جو چو چيو؟ ته همراهه هيٺيون جواب ڏنو” اسان وٽ ٻاهرين سرمائيدارن جي پيٽ ۾ ٻاهريان پورهيت تمام گهٽا آهن. اسانکي ترقيءَ لاءِ ڇا سرمائيدارن جو طرف وٺي نه ڳالهائڻ گهرجي؟ ڊينگ زيپانگ جي هدايتن مطابق ترقي ئي بنيادي قدر آهي(16). پر سوال آهي ته ترقي ڪنهنجي؟ چيني خاصيتين واري سوشلزم جي نعري هيٺ دراصل اهي قومپرست آهن. جن جو مقصد هر طريقي ۽ هر قيمت تي قومي رياست ڪي معاشي حوالي سان مضبوط ڪرڻو آهي. ڊينگ زيپانگ جي اها چوٽي مشهور آهي ته جيستائين ٻلي ڪوئو پڪڙي سگهي ٿي، تيسيتائين ان شئي سان ڪو فرق نه ٿو پئي ته ٻلي اڇي آهي يا ڪاري. ڊينگ زيپانگ تي فرق ڪٽي نه به پوندو هجي پر پاڻ تي پئي ٿو. ڇو ته اسان لاءِ ترقي اُها آهي جيڪا هموار هجي، جيڪا سماجي اڻبرابري جو خاتمو ڪري. ترقي اها آهي جنهن منجهان عوام مستفيد ٿئي. اسان لاءِ رياست ۽ سماج جي ترقي ۾ فرق آهي. رياستي طور تي ڀيو ته ڇڏيو پر شايد سعودي عرب جهڙو رجعتي ملڪ به، ڪيوبا جهڙي انقلابي ملڪ کان سوين ڀيرا ترقي يافته هجي پر ڪيوبا جي سماجي ترقيءَ جي پيٽ ۾ سعودي سماج سندس هزارهين پتي تي به ڪونهي. اها ترقي ڪونهي جنهن منجهه هر چيني ورڪر کي هڪ ڪلاڪ جي سراسري اجرت آمريڪي 35 سينٽ ملندي هجي ۽ ڪلاڪ جي انهيءَ پورهيي منجهان ٻاهريون ڪمپنيون 12.5 ڊالر جو منافعو ڪٽنديون هجن. ورلڊ بينڪ جي ئي انگ اکرن مطابق سال 2000 کان 2003 تائين چيني معيشيت سالانه 10 سيڪڙو جي شرح سان ترقي ڪئي پر چين جي هيٺين 10 سيڪڙو گهراڻن جي آمدني 2.5 سيڪڙو کان وڌيڪ هيٺ ڪري(17). تنهنڪري ان کي ترقي نه ٿو چئي سگهجي جنهن منجهان صرف سماج جو حڪمران طبقو ۽ خانگي ڪمپنيون مستفيد ٿينديون هجن. تنهنڪري ترقيءَ جو تجريدي دليل چين کي اشتراڪي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪونهي. ”ترقيءَ“ کي نوس بنيادن تي ڏسڻ ۽ انکي پرکڻ جي ضرورت آهي. ڏسڻو اهو پوندو ته انهي ترقيءَ ۽ اوسر سبب چين اندر طبقاتي فرق جهيڻو ٿو ٿئي يا وڌي ٿو. مان سمجهان ٿو ڪنهن به رياست جي اشتراڪي

دعويٰ ۾ ان جي منزلِ مقصود کي پرکڻ جو اهو به هڪ اهم بنياد آهي. چين اندر ڏسجي ٿو ته اهو فرق تمام گهڻو تيزي سان وڌي پيو. ڪجهه انگ اکرن مطابق چين ۾ صرف شهري آبادي منجهه بيروزگاري جو سيڪڙو 14 آهي. جڏهن ته 1980 کان هر سال تقريبا هڪ ڪروڙ کان به ڪروڙ ماڻهو ڳوٺن کان شهرن منجهه ڪم جي ڳولها ۾ ايندا آهن. اهڙي ريت جيئن جيئن چين اندر نجڪاري وڌي ٿي تئين تئين غربت جي ليڪ هيٺ رهندڙ ماڻهن جو تعداد به وڌي پيو. آبادي جو هيٺيون 10 سيڪڙو (تقريبن 13 ڪروڙ) ته مهيني جا 4000 رپيا پاڪستاني به نه پيو ڪمائي سگهي. هي هڪ آئيڊيل صورتحال آهي جڏهن ٻاهريون ڪمپنيون سستي پورهيي ۾ ڪچي مال جي ڦرلٽ لاءِ اچن ٿيون ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم انهن ڪمپنين جي سيڙپڪاري ۾ منافعي لاءِ گهربل ماحول تيار ڪرڻ آهي. 1995 ۾ به ڪجهه ليبر قانون هر جاءِ تي لاڳوٿيندا هئا پر بعد ۾ انهن جو اطلاق ڪجهه خاص معاشي زونن اندر بند ڪيو ويو پر هاڻي چيني حڪومت نه صرف ٻاهرين ڪمپنين کي، پر هر جاءِ جي نجي ڪمپنيءَ کي انهن ليبر قانونن کان آجو ڪري ڇڏيو آهي (18). نتيجي طور پورهيتن کان 8 بجاءِ 13 ڪلاڪن تائين به بنا ڪنهن اور ٽائيم جي ڪم ورتو وڃي ٿو. سندن اجرتون به سرڪاري طور مقرر ڪيل اجرتن کان گهڻو گهٽ هجن ٿيون. چين اندر صرف ڪي ايف سي، ميڪڊونلڊ ۾ پڙا هڻ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي اجرتن کي ڏسجي ته اهي سرڪاري طور مقرر ڪيل اجرتن کان 40 سيڪڙو گهٽ نظر اينديون. اهڙي ريت اسان چڱي ريت ڏسي سگهون ٿا ته چيني رياست ۾ ڪميونسٽ پارٽي، پورهيتن جي نه پر چيني ۽ عالمي بورجوازي جي مفادن جو تحفظ ڪندڙ قوتون بڻجي ويون آهن. مثال طور صرف جيڪڏهن ڪوئلي جي کاڻين جي مزدورن جو ئي حال ڏسجي ته خبر پوندي ته هر سال هزارين مزدور انهن کاڻين ۾ مرندا آهن. هڪ سال ته اهڙو به گذريو جنهن ۾ فوتي مزدورن جو انگ 30000 تائين پهتو. ياد رهي ته انهن منجهان اڪثر ڪمپنيون نجي ماڻهن جون آهن. ڪجهه تحقيقن مطابق چين منجهه دنيا جو 35 سيڪڙو ڪوئلو نڪرندو آهي پر پوري دنيا اندر کاڻين منجهه ٿيندڙ سمورين فوتگين منجهان 80 سيڪڙو چين جا هجن ٿا. هي انگ اکر ڏکڻ آفريڪا کان به 30 سيڪڙو مٿي آهن. اهڙي ريت اُهي سڀ بيماريون جيڪي هڪ سرمائيدار سماج اندر اسانکي ڏسڻ لاءِ ملنديون آهن (جهڙوڪ، بيروزگاري، ڪرپشن،

چڪلو، ماحولياتي بگاڙ، لساني نفرتون، ڪرائيم) نه صرف چين اندر موجود آهن پر وڌن به پيون.(19)

انقلاب ۽ ردِ انقلاب جي جدليات

ويهين صدي ڪي انقلابن جي صدي سڏيو ويندو آهي پر اِها ئي صدي ردِ انقلابن جي صدي به آهي عالمي سياست تي اثر ڇڏيندڙ ويهين صدي جا به عظيم انقلاب (سوويت روس ۽ چين) ردِ انقلاب جي ور چڙهي ويا. اوسر جو عمل سڌي ليڪ وارو نه ٿو هجي. توڙي جو تاريخ جو مجموعي ۽ عمومي رجحان اڳتي وڌندڙ آهي پراهو عمل ڪو ايڏو سادو ۽ تضادن کان آجو ڪونهي. شيون اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي اچڻ جي هڪ لڳاتار ۽ پيچيده عمل ۾ ئي اوسر ڪنديون آهن. مثال طور جيڪڏهن پيرس ڪميون، اشتراڪي روس کي الڳ الڳ ڪري ڏسبو ته بئي ردِ انقلاب جي ڪاميابي جي ساڳي نتيجي تي چيهه ڪندي نظر ايندا پر جيڪڏهن بنهي کي ڪنهن تعلق ۽ تاريخ جي عمل ۾ ڏسبو ته 70 ڏينهن جو انقلاب 70 سالن تائين جي عمر جو ڏس ڏيندو. ياد رهي سرمائيداري، جيڪو هڪ اهڙو نظام آهي جنهن جو سماجي، معاشي بنياد پوئين سماج (جاگيرداري) منجهه ئي تيار ٿئي ٿو ، جنهن کي صرف استحصال جي صورت تبديل ڪرڻي هئي ۽ جنهن پنيان طبقاتي نظامن جي تاريخي غير شعوري انرشيا به موجود هئي، تنهن نظام کي به هڪ پڪي، پختي عالمي نظام بڻجڻ ۾ 300 سالن جو عرصو درڪار هو. ان جي پيٽ ۾ اشتراڪيت جو نظام جنهن کي پنهنجا سماجي، معاشي بنياد، سياسي انقلاب جي ڪاميابي کانپوءِ پاڻ جوڙڻا پوندا آهن، جيڪو استحصال ۽ جبر جي ڪنهن شڪل جي تبديلي نه پر خاتمي جو مقصد رکي ٿو. ۽ جنهن پنيان تاريخي لاشعوري انرشيا نه پر سرمائيداري جا داخلي تظاد، بحران ۽ جنگيون هجن ٿيون ۽ جيڪو منصوبابند معيشيت جو مقصد رکي ٿو، ، اهڙي نظام کي غالب عالمي نظام جي صورت ۾ اچڻ لاءِ هڪ وڏو عرصو لازمي طور تي درڪار هوندو. ٻيو اهو ته اشتراڪيت هڪ اهڙي عبوري دور ۽ نظام جو نالو آهي جنهن ۾ انجو رد به شدت سان موجود هجي ٿو ۽ جنهن ۾ رد جي غالب ٿيڻ جا امڪان به اوترا ئي موجود هجن ٿا جيترا اُن جي مغلوب ٿيڻ جا (20). چاڪاڻ ته ويهين صدي جا گهڻا تڻا انقلاب پٺتي پيل ملڪن منجهه آيا. جتي پيداوري سگهن جي تمام گهٽي ڪمزوري سبب سماج ۾ ذهني ۽ جسماني پورهيي، هنرمند ۽ غير هنرمند پورهيي،

سان گڏ شهر ۽ ٻهراڙي جو فرق به وڏي عرصي تائين موجود هجي ٿو. توڙي جو انقلابي قوتون انهيءَ فرق کي جيھٽو ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙينديون رهن ٿيون پر اهو فرق جيسيتائين مٽجي، مراعتن جي فرق منجهه ظاهر ٿئي ٿو. يعني هڪ نئين بورجوا پرت جي جوڙجڪ به ٿئي ٿي جيڪو وري بورجوا فڪر جي آبياري ڪري ٿو. جنهنجو لازمي نتيجو اهو ٿو نڪري اشتراڪي دور ۾ به طبقاتي جدوجهد جاري رهي ٿي. تنهڪري عجب ڪونهي ته روس ۽ چين ۾ اهو رد غالب پئجي ويو ۽ انهي ۾ به عجب ڪونهي جيڪڏنهن ويٽنام، اتر ڪوريا ۽ ڪيوبا جهڙا ملڪ به سيپاڻ پير پوئتي ڪن. پر تاريخ مجموعي طور تي پير پوئتي ناهي ڪندي. اهڙي ريت ويهين صدي جا اشتراڪي انقلاب هڪ لحاظ کان اُهي مقداري تبديليون جن جو معياري اظهار 21 صدي منجهه لازمي ٿيڻو آهي. هي اسانجي ڪا خوشفهمي ڪونهي ۽ نه وري انهيءَ يقين ۽ پُراميدي جا بنياد اسانجي ڪنهن موضوعي خواهش ۽ خيال منجهه آهن. انهيءَ جي ابتڙ، انهيءَ جا بنياد تاريخ جي اوسر جي جدلي سمجهه ۾ موجود آهن ۽ جنهن کان نه صرف اڄ جا انقلابي پر انقلاب آڏيندڙ اڳواڻ به شناسا رهيا آهن. 1962 ۾ مائو لکيو هو ته " ڇا اڳ ۽ هاڻي اشتراڪي ملڪن منجهه طبقا موجود هوندا آهن؟ ڇا طبقاتي جدوجهد وجود رکندي آهي؟ هاڻي اسان اهو يقين سان چئي سگهون ٿا ته اشتراڪي ملڪن منجهه طبقا وجود رکندا آهن ۽ بنا ڪنهن شڪ جي طبقاتي جدوجهد به موجود هوندي آهي. لينن چيوهو؛ انقلاب جي ڪاميابي کانپوءِ ڇاڪاڻ ته عالمي طور تي بورجوازي ۽ انجي باقيات موجود آهي. جيئن ته پيٽي بورجوازي به موجود آهي ۽ مستقل طور تي بورجوازي پيدا ڪندي رهي ٿي. تنهنڪري اُهي طبقا جن کي ملڪ اندر اقتدار تان لاهي ڦٽو ڪيو ويو آهي، اُهي ايندڙ وقت ۾ به ڊگهي عرصي تائين وجود رکندا ايندا ۽ پنهنجي بحاليءَ لاءِ هٿ پير به هڻندا رهندا. يورپ اندر به مثال طور تي انگليند ۽ فرانس منجهه به بورجوا انقلابن به تمام گهڻيون هيٺ مٿانهيون ڏٺيون. اُتي جاگيرداري کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ به ڪيترائي ڀيرا وقت کي ابتو موٽايو ويو ۽ بحاليون ٿيون. اهڙي ساڳي موٽ اشتراڪي ملڪن منجهه به ممڪن آهي. يوگو سلواڪيا جو مثال به سامهون آهي جنهن پنهنجي فطرت تبديل ڪئي ۽ ترميم پسند ٿي ويو ۽ مزدورن ۽ هارين جي ملڪ کان ڦري هڪ اهڙو ملڪ ٿيو جنهن تي انتهائي رجعت پسنداڻي،

قومپرستاڻي عنصرن جي حڪمراني آهي. اسان کي پنهنجي ملڪ ۾ به هن مسئلي کي گهرائي سان پڙهڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي. اسانکي مجٽو پوندو ته طبقا هڪ ڊگهي عرصي تائين وجود رکندا. اسانکي هڪ طبقي جي ٻي طبقي سان جدوجهد کي به قبول ڪرڻو پوندو ۽ رجعتي طبقن جي (ٻيهر) بحالي جي امڪان کي به مڃڻو پوندو. اسان کي خبردار ٿيڻو پوندو ۽ نوجوانن توڙي ڪيڊر ، عوام ۽ وچولي ۽ نئين ڪيڊر کي صحيح تعليم ڏيڻي پوندي.. ٻي صورت ۾ اسانجو ملڪ به پنهنجي اُبتڙ (سرمائيداري) طرف سفر ڪري سگهي ٿو. پنهنجي اُبتڙ طرف سفر ڪرڻ به ڪو وڏو مسئلو ڪونهي. چاڪاڻ ته تڏهن به نفي جي نفي ٿيڻي آهي ۽ پوءِ اسان وري پنهنجي اُبتڙ ڏانهن سفر ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسانجي اولادن جو نسل ترميم پسندي جي چونڊ ڪري ٿو ۽ پنهنجي اُبتڙ ڏانهن وڃي ٿو. توڻي جو وٽن نالي ۾ سوشلزم ۽ حقيقت ۾ سرمائيداري هوندي ته پوءِ اسانجا پوٽا ڏهٽا لازمي طور تي انقلاب لاءِ اٿندا ۽ پنهنجي ابن کي اڇلائي ڦٽو ڪندا چاڪاڻ ته عوام مطمئن نه هوندو. تنهن ڪري اسان کي هاڻي اها ڳالهه هر سال، هر مهيني ايستائين جو هر روز ڪرڻي پوندي، اهو بحث پارٽي جي هر ڪانگريس، هر گڏجاڻيءَ هر اداري ۾ لاهڻو پوندو ته جيئن اسان ان مسئلي تي ڪو واضح مارڪسي- لينني نقطهٔ نظر جوڙي سگهون.“

<u>حوالا ۽ وضاحتون</u>

(1). هي لفظ ڪجهه سال پهرين ريليز ٿيل فلم (چي) ۾ڪردار چي گويرا جا هئا، جيڪي هُن پنهنجي ڪامريڊ ساٿي کي تڏهن چيا جڏهن بتيستا کي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ هو هوانا ۾ داخل ٿي رهيا هيا.

(2) هڪ سال جي اندر ساڍا ست لک اجتمائي فارمن کي ماڻهن جي 24000 ڪميونن سان هڪ ڪيو ويو جيڪي ڪيترن ئي ڳوٺن يا 5000 گهرن تي آڌاريل هئا. اهي ڪميون صرف معاشي ايڪا نه هئا پر اهي نوان سماجي ادارا هئا جيڪي گڏيل طور تي سياسي، تعليمي، ثقافتي ۽ عسڪري ڪم سرانجام ڏيندا هئا.
(Evaluating the cultural revolution in china and its legacy for the future)

(3) ترميم پسندي پورهيت آمريت جي نفي آهي، اها انقلابي لفاظي هيٺ اشتراڪي عبوري دور ۾ طبقاتي جدوجهد جي نفي

آهي. هڪ انقلابي تنظيم اندر ترميم پسند رجحان، انهيءَ تنظيم منجهه بورجوازي جي اثرن جو اظهار هوندو آهي.

(4) چين اندر ثقافتي انقلاب کي عام طور تي سرڪاري ميڊيا ۾ "شي نيان هائوجي" چيو ويندو آهي جنهن جي معني آهي تباهي جو ڏهه سالا دور. مائو جي "هڪ عظيم چال اڳتي" ۽ " ثقافتي انقلاب " منجهه غلطيون به ٿيون ۽ انهن تي تنقيد به موجود آهي پر جهڙي ريت عالمي ڪارپوريٽ ميڊيا ۽ چين جي سرڪار انهيءَ کي تباهي سان پيش ٿي، انجو سچ سان ڪنهن به ريت ڪو واسطو ڪونهي. "هڪ عظيم چال اڳتي" ۽ " ثقافتي انقلاب " جو سچ هڪ ٻي مضمون جو متقاضي آهي.

(5) پنهنجي موت کان ٿورو اڳ مائو پنهنجي ڪامريڊ ساٿين کي چيو هو ته "توهان سوشلسٽ انقلاب آڻي رهيا آهيو پر اوهان کي اها خبر ڪونهي ته بورجوازي آهي ڪٿي؟ اُهي هتي ڪميونسٽ پارٽي ۾ ويٺا آهن، جيڪي اقتدار ۾ هوندي به سرمائيدارٽو دڳ وٺن پيا. سرمائيداراٽو دڳ وٺندڙ اجا تائين انهي دڳ تي آهن(21).

(6) هي مضمون لکڻ وقت پارٽي جي هڪ ڪامريڊ ساٿياڻي، مائو جي مضمونن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هڪ پراڻو ننڍو بڪليٽ ڏنو. بڪليٽ 1967 جو ڇپيل هو. ان جي مهاڳ ۾ زين الدين خان نالي ڪامريڊ لکي ٿو ته "چين ۾ وڏيون وڏيون مشينون ٺهيون آهن ۽ ساري دنيا جا مارڪيٽ، چين ۾ ٺهيل سستين شين سان ڀريا پيا آهن."

(7) The TRUE Story of Mao Tsetung and the Communist Revolution in China By Li Onesto

(8) A Question of State & Revolution: China & Market Socialism

(9) انهن حاصلاتن ۾ تمام گهڻو خوار ۽ خراب ڪيل مائو جي 1966 ۾ شروع ڪيل، ثقافتي انقلاب جو به وڏو عمل دخل هيو. 1949 ۾ جيڪڏهن چين جي 50 ڪروڙ آبادي لاءِ اولهه کان پڙهيل صرف 12000 ڊاڪٽر هيا ته 1965 ڌاري انهن جو انگ ٻن لکن تائين پهچي چڪو هو. پر سندن جو گهڻو تڻو انگ صرف شهرن منجهه ئي ڪم ڪندو هو. (يعني آبادي جي صرف 15 سيڪڙو ماڻهن لاءِ) تنهنڪري مائو تڏهن جي صحت جي شعبي کي "شهري نوابن جو شعبو" سڏيندو هو. مائو جي ثقافتي انقلاب ۾ "پيرن اگهاڙن ڊاڪٽرن" جي تحريڪ شروع ٿي. جنهن ۾ شهري ڊاڪٽرن جي ٽين حصي کي

ڀهراڙي ۾ موڪليو ويو جتي ڪين عوام کي عام بيمارين خلاف بچاءُ جو شعور ۽ دوائون ڏئي، صحت جي بنيادي اصولن کي عام ڪري، اُتي ڪجهه مقامي ماڻهن کي انهي حوالي سان تيار ڪرڻوهو.

(10) China: Capitalist or Socialist?
(The electronic journal of Marxist-Leninist thought)

(11) چين جوسرڪاري موقف به هيٺين ريت آهي.

1. معاشي لحاظ کان گهڻ ملڪيتي بنيادي معاشي نظام (multi-ownership-oriented basic market economic system,) جنهن ۾ سرڪاري مالڪي جي غالب حيثيت آهي.
2. سياسي لحاظ کان گهڻ طبقاتي باهمي مفهامتي سسٽم ۽ علائقائي لساني خودمختياري.
3. ثقافتي لحاظ کان گڏيل بنيادن تي اوسر ڪندي ۽ اختلافن جو احترام ڪندي سمورن سماجي رجحانن ۾ اشتراڪي قدرن کي ڀر واري حيثيت ڏيڻ.

جيڪڏهن مٿين وضاحتن جي جواب کي سرڪاري موقف کان شروع ڪجي ته پهريان به نقطا اسانکي رياستي سرمائيداري يا فلاحي جمهوري رياستن ۾ به پورا ٿيندي ملندا آهن. جڏهن ته ٽيون نقطو آهي ته اشتراڪي نه پر هڪ سرڪاري لباڙ آهي، ٻيو ڪجهه نه. ڇاڪاڻ ته اڄ جي چين ۾ نه ته اشتراڪي قدرن کي ڀر واري حيثيت آهي ۽ نه وري گڏيل بنيادن تي اوسر. انهيءَ جي وضاحت اڳيان ڪنهن ٻئي مضمون ۾ ڪبي.

(12) The battle for China's past; by Mobo Gao, p # 180.

(13) ليڪڪ موبو گائو انهي حوالي سان مثال ڏئي ٿو ته چين ۾ ٺهندڙ هڪ باربي گڏيءَ جي آمريڪي مارڪيٽ ۾ قيمت 10 ڊالر آهي. جڏهن ته انجي پيدواري قيمت 2 ڊالر آهي جنهن ۾ 1 ڊالر ته انتظامي ۽ ٽرانسپورٽ جي حوالي ٿي وڃي ٿو ۽ باقي بچيل هڪ ڊالر منجهان 65 سينٽ ڪچي مال تي ۽ 35 سينٽ پورهيتن منجهه تقسيم ٿين ٿا.

(14) The battle for China's past; by Mobo Gao, p # 184

(15) The great reversal by William Hinton P # 29

(16) The battle for China's past; by Mobo Gao, p # 187

(17) ibd p # 175

(18) ibd p # 181

(19) ماحولياتي گدلاڻ ۾ به چين اڳيان اڳيان آهي. چين جا شهر گدلاڻ سبب ڏنڌلايل آهن. هڪ تحقيق موجب چين ۾ ماحولياتي تباهي ايتري ته اچي چڪي آهي جو 1970 ڪانپوءِ جي ڏي پي ۾ آيل سموري اپار ڪي انهيءَ تي لڳائي انهي جو ازالو ڪري نه ٿو سگهجي . هڪ ٻي تحقيق مطابق چين ۾ هر سال ٿي لک ماڻهو انهي گدلاڻ سبب پيدا ٿيل بيمارين وگهي مرن ٿا. هي آهي سرمائيداراڻي ترقيءَ جو سچ.

The battle for China's past; by Mobo Gao, p # .(189)

(20) مائو1957 ۾ پنهنجي مضمون "عوام منجهه تضاد جي صحيح پروڙ بابت" ۾ لکي ٿو ته، "ڪڏي ڦٽو ڪيل جاگيردارن ۽ پاڙيتو طبقن جي باقيات اڃا باقي آهي. اڃا بورجوازي به موجود آهي................(جيڪڏهن) پورهيت دنيا کي پنهنجي نقطه نظر سان تبديل ڪرڻ گهرن ٿا (ته) ساڳا مقصد بورجوازي جا به آهن. ان نسبت سان ڏسبو ته انهي سوال جو جواب اڃا واضع ڪونهي ته ڪير کٽندو. اشتراڪيت يا سرمائيداري.

(21) Mao on Revisionism

Nottingham Communist Group

The Chinese Alternative to Capitalist Crisis

(1) The electronic journal of Marxist-Leninist thought

The battle for China's past; by Mobo Gao.(ل)

تاریخ

انقلابِ گنی بساؤ

مشتاق علی شان

افریقہ پر سفید سامراج کی یلغار

بادی النظر میں افریقہ آج غیر متعلقہ(IRRELEVANT) محسوس ہوتا ہے یوں جیسے اس کے عدو کی عین خواہش کے مطابق باقی دنیا کے لیے اس کا کوئی وجود ہی نہ ہو اور وہ کسی گدھ کی مانند اسے نوچتا ہی چلا جائے .گویا ایک بھولا بسرا اور فراموش شدہ خطہ جس کا نا م سنتے ہی اذہان میں بھوک ،افلاس،بیماریوں، خانہ جنگیوں اور قحط کے مناظر ابھرنے لگتے ہوں اور بس۔ لیکن کون جانے کہ یہی افریقہ جسے غاصبوں نے ’’تاریک براعظم‘‘ کا نام دیا تھا جب دھرتی کے قابل نونہالوں نے اسے سرخ براعظم میں تبدیل کرنے کی ٹھانی تو یہاں کے رجز نامے دنیا بھر میں آزادی کے متوالوں کے جذبۂ حریت کو بھی مہمیز کرگئے۔ افریقہ کی انقلابی تحریکوں اور گوریلا جنگ کے میدانوں میں دادِ شجاعت دینے والے بہادر سورماؤں کے نام بھلے اب حافظوں سے محو ہو چکے ہوں ،وہ پھریرے جو بڑی شان سے سامراجی لٹیروں کے مقابل بلند ہوئے اور چار دنگ عالم میں جن کا شہرہ ہوا آج بے شک سرنگوں ہی نہیں بلکہ قصۂ پارینہ معلوم ہوتے ہوں لیکن سچ تو یہ ہے کہ افریقہ کبھی غیر متعلقہ نہیں رہا یہ آج بھی اتنا ہیRELEVANTہے جتنا کہ گزشتہ صدی کے نصف میں تھا۔ البتہ یہ اور بات کہ سرد جنگ کے خاتمے اور سوشلسٹ بلاک کے انہدام کے بعد سامراج کے داؤ پیچ اتنے بدل چکے ہیں اور اس نے جدید ترین ٹیکنالوجی کی بدولت وہ مہیب قوت حاصل کر لی ہے جس کا پہلے تصور بھی نہیں کیا جا سکتا تھا۔ آج ایٹم بموں، ہائیڈروجن بموں،جراثیمی و حیاتیاتی ہتھیاروں اورجدید ترین روبوٹ ہتھیاروں(ڈرون)کے جلو میں امریکا کے شاہی سطوت کو بظاہر ناقابل شکست باور کرایا جاتا ہے کہ سرمایہ دارانہ سامراجی میڈیا اس کا ڈھنڈورچی بنا ہوا ہے .عام ٹیلی ویژن چینلز اور اخبارات و رسائل سے لیکر انٹر نیٹ تک معلومات کا ایک طومار ہے جس میں سے صداقت کھوج نکالنا گویا جوئے شیر لانے کے مترادف ٹھہرا ہے اور یہ سامراجی پروپیگنڈے کا ایک ایسا مہلک ہتھیار ہے جو اپنے مخصوص مفادات کے تناظر میں ایک خاص قسم کی ذہن سازی میں

مصروف ہے ۔ نام نہاد دانشوروں ، ادیبوں، صحافیوں ،اور مورخین کی ایک فوج ظفر موج ہے سچ کو جھوٹ اور جھوٹ کو سچ ثابت کرنا گویا ان کے بائیں ہاتھ کا کھیل ہے ۔یہ جسے چاہے بانس چڑھاتے پھریں اور جسے چاہے مردود ومعتوب ٹھہرائیں کہ سرمایہ پرستی کے جہاں میں چڑھتے سورج کی پوجا ہی سب سے بڑا ہنر وکمال ہے ۔ اپنے طبقاتی مفادات کے مارے ہوئے چرب زبان بورژوا دانشور اور نظریہ دان جب افریقہ کی تباہی و بربادی کا ذمہ دار یہاں کی انقلابی تحریکوں اور راہنماؤں کو ٹھہراتے ہیں تو یہ دراصل قومی آزادی کی سامراج مخالف تحریکوں اور اشتراکیت کے خلاف ان کے بغض اور کینے کا ہی اظہار نہیں ہوتا بلکہ اسکے ساتھ ساتھ وہ سفید سامراج کے نئے سرخیل یعنی امریکی استعمار کے جرائم کی پردہ پوشی کابھی ’’فریضہ‘‘ سر انجام دیتے ہیں۔

افریقی عوام جنھوں نے سفید سامراج کے خلاف ایک شاندار جدوجہد کے نتیجے میں آزادی حاصل کی تھی شروع دن سے ہی اسے نگلنے کے لیے یانکی عفریت اپنے جبڑے کھولے ہوئے تھا ۔ یعنی افریقہ پر سفید سامراج کا قبضہ تو ختم ہو گیا لیکن اسکے فوراً بعد ہی اس پراز سرِ نو قبضے اور وسائل کو ہڑپ کرنے کے ایک نئے دور کا آغاز ہوا جب جدید نو آبادیت کی نکیل امریکی سامراج کے زیر پا آئی۔آج افریقہ کی لہو رنگ تصویر میں یہ جتنے افسردہ رنگ نظر آتے ہیں یہ اسی امریکی سامراج کی دین ہے جو پرتگیزی،ہسپانوی ،برطانوی، اطالوی، ڈچ، فرانسیسی اور جرمن سامراج کی یہاں سے رخصتی کے بعد سے مستقل طور پر موجود ہے اور محض نصف صدی میں اس نے افریقہ کی وہ حالت کر دی ہے جو باقی سامراجی پانچ صدیوں میں بھی نہ کر سکے تھے۔اس صورتحال میں کانگو کے کشت زاروں سے جنگلات اور دشت و میدانوں تک میں بکھری ہوئی پیٹرس لوممبا کے بدن کی راکھ،الجزائر کے بنی مہدی قبرستان میں محوخواب فرانز فینن،کونکری کی شاہراہ پر اپنے لہو کی قبا اوڑھے ہوئے امیلکار کیبرال،استوائی گنی کے زندان میں تختۂ دار کی طرف بڑھتا ہوا سر بکف میکیا نگوما، اپنے وطن سے دور جنوبی افریقہ کی فضاؤں میں زمیں بوس ہوتے طیارے کے ساتھ سیمورا میشل کا بکھرا ہوا وجود ،ایسے ان گنت نام ، امن،آزادی اور اشتراکیت کے آدرش کے لیے اپنی جانیں نچھاور کر دینے والے افریقہ کے لاکھوں کفن بردوش انقلابی فرزند،ان کے نقوش کیونکر مٹائے جا سکتے ہیں

اور ان کی جہدِ پہیم کیونکر فراموش کی جاسکتی ہے ۔ سو افریقہ کو ایک بار پھر مصروفِ جہد ہونا ہے اور اسے اپنے ماضی کی شاندار انقلابی روایات سے بہت سیکھنا ہے۔وہ انقلابی ماضی جس کا ایک نام گنی بساؤ بھی ہے ۔آ یئے پندرویں صدی کے افریقہ سے ہوتے ہوئے اس رزم گاہ کا سفر کریں جہاں امیلکار کیبرال اور PAIGCکے رزمیے بلند ہوئے جن کی گونج آج بھی اس امر کا اعلان کر رہی ہے کہ امریکی سامراج کا مقسوم بھی وہی تاریک گڑھے ہیں جن میں اس کے پیشروؤں کا دبدبہ وجلا ل اوندھے منہ پڑا ہے۔

افریقہ پر سفید سامراج کے قبضے کا آغاز 1415 میں پرتگال نے مراکش کے شمال ساحل سے اوپر واقع سیوتا سے کیا تھا۔ جبرالٹر (جبل الطارق) کے بالمقابل یہ ایک چھوٹا سا مقام تھا مگر اس زمانے میں یہ انتہائی حربی اور تجارتی اہمیت کا حامل تھا ۔یہ وہ زمانہ تھا جب خود پرتگیزیوں کو عربوں کی غلامی سے نجات حاصل کیے ابھی دو صدیاں ہی گزری تھیں ۔سیوتا پر قبضے کی مہم کی قیادت پرتگیزی بادشاہ جان کے21سالہ بیٹے ہنری نے کی تھی جو بعد ازاں Enry The Navigator کے نام سے معروف ہوا۔ پرتگیزی تاجروں کی تائید و ایماسے سیوتا پر قبضہ کرنے والے اس شہزادے کو یہاں کی گورنری بطور انعام ملی۔اس زمانے کے پرتگال کو اگر سفید سامراج کا ہر اول دستہ کہا جائے تو غلط نہیں ہو گا جس کے پیش نظر یہاں کی پیداوار اور مصنوعات کی تجارت پر قابض ہونا اور یہاں کے وسائل بالخصوص سونے پر قبضہ کرنا تھا ۔بعد میں یورپی سامراج کے پھیلاؤ کی تہہ میں یورپ کی صنعتی ترقی کے نتیجے میں پیدا ہونے والی نئی منڈیوں اور خام مال وغیرہ کی ضرورت کارفرما تھی۔جبکہ افریقہ کے حوالے سے ایک اہم وجہ اس کا یورپ سے قریب ہونا بھی تھی۔

1446میں پرتگیزی جہاز ران گنی بساؤ کو دریافت کر تے ہوئے مغربی افریقہ کے اقیانوس ساحل سے جزائر کیپ وردے اور دریائے سینیگال کے دہانے تک پہنچ چکے تھے۔اس علاقے کو انھوں نے گینیا کا نام دیا جس کے معنی ہیں ’’سونے کی سرزمین‘‘ جبکہ گنی طلائی سکے کو کہا جاتا ہے۔1469تک پرتگیزی سری لیون میں اپنے تجارتی مراکز قائم کر چکے تھے اور1471تک وہ گولڈ کوسٹ(گھانا) بھی تھے جو کہ اس زمانے میں دنیا بھر کے سونے کی پیداوار کا دسواں حصہ پیدا کرتا تھا۔ اس سونے پر قابض ہونے کے ساتھ ساتھ پرتگیزی واسکوڈی گاما کے ذریعے ہندوستان کا بحری راستہ بھی دریافت

کرنے میں کامیاب ہو گئے تھے جبکہ مغربی افریقہ کی دیگر پیداوار کی تجارت بھی اس نے براہِ راست شروع کر دی تھی ۔

پرتگال کی اس سامراجی لوٹ کھسوٹ نے اس کے پڑوسی ملک اسپین کو بھی اس امر پر اکسایا جہاں 1492میں آخری عرب حکومت''بنو الاحمر'' کا خاتمہ ہوا تھا ۔اب عالمی تجارت اور استعماریت کے میدان میں اسپین پرتگال کے مقابل آرہا تھا لیکن مسیحی پوپ کو چونکہ ان دونوں کی رقابت پسند نہیں تھی اس لیے انھوں نے ان کی صلح کراتے ہوئے افریقہ کو پرتگال اور امریکا کو اسپین کے درمیان تقسیم کر دیا ''پاپائے اعظم'' کا یہ فیصلہ Papal Blillکہلایا جبکہ 1494میں ان دونوں سامراجی ممالک کی نو آبادیاتی توسیع پسندی کی حدود کا تعین کرنے والا یہ معاہدہTreaty Of Tordesillasکہلایا۔پاپائے روم کی اس مداخلت کا اصل سبب ایک طرف پادریوں کے مالی مفادات کا تحفظ تھا تو دوسری جانب وہ ان دو سامراجی طاقتوں کے ذریعے دو مختلف خطوں میں مسیحیت کی تبلیغ بھی چاہتا تھا۔ لہذا ان استعماری طاقتوں نے اپنے مقاصد کے حصول کے لیے مذہب کو بھی خوب استعمال کیا اور انکے ہر جرم بشمول انسانی غلامی اور تجارت کو پادریوں کی پرجوش تائید حاصل رہی۔ اس معاہدے کے بعد افریقہ میں پرتگال کی پیشقدمی جاری رہی ۔1484میں پرتگیزی انگولا کو بھی دریافت کر چکے تھے جس پر1575میں مکمل قبضہ ہو سکا۔1505میں پرتگیزیوں نے موزمبیق اور1509تک افریقہ کے مشرقی ساحل سوتالہ اور ممباسا میں قلعے تعمیر کیے جبکہ 1520میں زنجبار پر بھی قبضہ کر لیا۔ یوں ڈیڑھ صدی کے عرصے میں پرتگال افریقہ میں اپنی نوآبادیات کی طرح ڈال سکا۔

16ویں صدی کے آخر تک پرتگال اور اسپین نے دور دراز کے ممالک میں فوجی وتجارتی اڈے بنا کر جو سیاسی و معااشی فوائد حاصل کیے اس کا دیگر یورپی ممالک پر بھی اثر پڑا ۔چنانچہ ان کی تقلید میں ہالینڈ جس نے خود اسپین سے آزادی حاصل کی تھی اور وہ پرتگال اور اسپین سے تجارتی سامان وغیرہ خرید کر ناروے، سوئیڈن اور ڈنمارک وغیرہ میں فروخت کر کے گزارہ کرتا تھا ،وہ بھی اسی استعماری راہ پر چل نکلا اور اس نے 1602میں ایک تجارتی کمپنی بنا کر افریقہ، ایشیااور جزائر غرب الہند(ویسٹ انڈیز) وغیرہ پر قبضے کی مہم شروع کی۔17ویں صدی کے آخر میں برطانوی اور فرانسیسی بھی اس میدان میں

کود پڑے ۔1663میں جب برطانوی بادشاہ چارلس ولسن کی شادی پرتگیزی شہزادی کیتھرائن سے ہوئی تو اسے بمبئی (ہندوستان) اور سیوتا(افریقہ) کی بندر گاہ جہیز میں دی گئی۔یوں ایشیا اور افریقہ میں انگریزوں کا داخلہ شروع ہوا۔ بعد ازاں برطانوی استعمار نے ایسی صورت اختیار کر لی جس کے بارے میں وہ کہتے تھے کہ ’’ہمارے راج میں سورج غروب نہیں ہوتا‘‘۔لیکن دنیا نے دیکھا کہ اس کا استعماری راج بھی ختم ہوا اور اس کا سورج بھی غروب ہوا۔فرانسیسی استعمار نے1658میں سینیگال پر قبضے سے اپنی سامراجیت کا آغاز کیا اور اس صدی کے اختتام سے قبل ہی وہ مڈغاسکر اور ماریشس پر بھی قابض ہو چکا تھا ۔اس کے بعد دیگر یورپی ممالک بیلجیم ،جرمنی،اٹلی اور امریکا وغیرہ بھی افریقہ پر قبضے اور لوٹ کھسوٹ میں شامل ہو گئے ۔بیسوی صدی تک افریقہ مکمل طور پر مغربی سفید سامراج کے قبضے میں آچکا تھا صرف ایتھوپیا ان سے محفوظ رہا جس پر 1936میں اٹلی نے قبضہ کر لیا۔

سفید سامراج کے سیاہ جرائم

افریقہ پر سفید سامراج کی مسلط کردہ سیاہ و مہیب رات پانچ صدیوں پر محیط تھی اور ان پانچ صدیوں کا ایک ایک لمحہ انسانیت کے شرف اور وقار کو پیروں تلے روندنے سے عبارت ہے ۔افریقہ کی یہ پانچ صدیاں مہذب اور متمدن کہلانے والی سفید فام اقوام یعنی سفید سامراج کے سیاہ اور گھناؤنے جرائم کی تاریخ ہے۔ اس تاریخ کا ایک ایک ورق مظلوم انسانوں کے لہو اور اشکوں سے لکھا گیا ہے اوران جرائم کا دائرہ افریقہ سے لیکر جنوبی و شمالی امریکا،ایشیا اور آسٹریلیا تک پر محیط ہے۔انسانیت کی جو تذلیل انھوں نے کی ہے اس کا مداوا بجز اس کے اور کیا ہو سکتا ہے کہ استعماری عہد کے ان بڑے بڑے شیطانوں کے پنجران کی قبروں سے نکال کر افریقہ ،ایشیا ،لاطینی امریکا وغیرہ کے چوراہوں پر آویزاں کر دئیے جائیں۔

افریقہ کے باشندوں کو غلام بنانے کی ضرورت سفید سامراج کو اس لیے محسوس ہوئی کہ جب وہ جنوبی امریکا میں گئے تو وہاں سونے چاندی کے ذخائر لوٹنے کے دوران بڑی تعداد میں وہاں کے مقامی باشندوں(جنھیں ان سامراجیوں نے ریڈ انڈین کا نام دیا تھا)کا بڑے پیمانے پر قتلِ عام کیا گیا۔ اس کے بعد جب وہاں کی زرخیز زمینوں سے پیداوار کا آغاز کیا گیا تو اسکے لیے ان کے پاس

افرادی قوت بہت کم تھی ۔چنانچہ یورپ سمیت دنیا بھر کی منڈیوں میں روئی، تمباکو، شکر اور کافی وغیرہ کی بڑھتی ہوئی طلب کے تناظر میں افریقی باشندوں کو غلام بنا بنا کر یہاں جانوروں کی طرح ہانک دینے کا آغاز ہوا۔

افریقہ میں پہلی بار اپنے نحوست بھرے قدم رکھنے والے پرتگیزی شہزادے ہنری نے اس وقت شوقیہ طور پر اس کی ابتدا کی تھی جب وہ 1441میں مغربی افریقہ کے ساحل سے 1 2افریقی باشندوں(جن میں عورتیں اور بچے بھی شامل تھے)کو غلام بنا کر اپنے ساتھ پرتگال لے گیا تھا ۔اس کے بعد محدود پیمانے پر افریقی باشندوں کو پرتگال اور اسپین بطور غلام لیجانے کا آغاز ہوا ۔ جبکہ 1502میں پہلی بار کچھ افریقی غلاموں کو ہیٹی لیجایا گیا۔افریقہ میں پہلے پہل بڑے پیمانے پر غلاموں کی تجارت کی ابتدا 16ویں صدی کے اواخر میں پرتگال نے انگولا پر حملوں سے شروع کی اور اس کا دائرہ دیگر پرتگیزی مقبوضات تک پھیلتا چلا گیا ۔بعدا زاں برطانوی، ہسپانوی ،فرانسیسی ،جرمن اور ولندیزی وغیرہ بھی اس گھناؤنے عمل میں شریک ہو گئے۔1593سے1700تک 30لاکھ افریقی باشندوں کو غلام بنا کر لاطینی امریکا بھیجا گیا اگلے سوسال تک مزید 3ملین افریقی غلام بنائے گئے۔1811سے 1870تک کے عرصے میں 109ملین افریقیوں کو جانوروں کی طرح فروخت کیا گیا۔یعنی مجموعی طور پر 120ملین افریقی باشندے غلام بنائے گئے ۔

History Of The United Statsکے مصنفBain Craftنے افریقیوں کو غلام بنانے کی ہولناک تصویر کچھ اس طرح پیش کی ہے کہ’’افریقہ میں غلاموں کو حاصل کرنے کا عام طریقہ یہ ہے کہ رات کے اندھیرے میں گاؤں پر حملہ کر دیا جائے اور ضرورت ہو تو گاؤں میں آگ لگا دی جائے،جب گاؤں کے لوگ اس آگ سے بچنے کے لیے برہنہ بھاگ کھڑے ہوں تو ان کو پکڑ لیا جائے جبکہ مزاحمت کرنے والے کو گولی سے اڑا دیا جائے۔‘‘

اٹھارویں صدی میں نائجیریا کے ایک سابق انگریز گورنر نے اپنی کتابHistory Of Nigeriaمیں افریقی غلاموں کے متعلق لکھا کہ ’’ ہر ایک سفر میں بیسیوں غلام مر جاتے تھے اور بہت سے موت سے بھی بدتر اذیتوں سے بچنے کے لیے موقع ملتے ہی سمندر میں کود جایا کرتے تھے۔کھانے پر مجبور کرنے کے لیے عورتوں اور مردوں کو کوڑے لگائے جاتے تھے جبکہ شدید بیماری اور اذیت کی وجہ سے کھانا نہ کھا سکنے والے غلاموں کو کھانے پر مجبور کرنے کے لیے گرم

سلاخ استعمال کی جاتی تھی۔جہاز کے عہدے داروں اور ملاحوں کو عورتوں کو استعمال کرنے کی حد تک غیر معمولی اختیارات حاصل تھے۔غلام مردوں کو ہتھکڑیوں اور پیروں میں زنجیروں کے ساتھ باندھا جاتا تھا ۔غلاموں کو ایکدوسرے کے اوپر اس طرح ٹھونسا جاتا تھا کہ وہ صرف ایک پہلو پر ہی لیٹ سکتے تھے ۔1785میں ایک جہاز700 غلاموں کو لیکر چلا جو اس قدر بھرا ہوا تھا کہ جب یہ ویسٹ انڈیز پہنچا تو آدھے سے زیادہ غلام مر چکے تھے۔ ''

رحمان کی پہلی دلیل کا مقصد اس نقطۂ نظر پر تنقید کرنا ہے جس کے مطابق انگریزوں سے سے پہلے کے ہندستانی سماج کو فیوڈل سمجھا جاتا ہے۔ رحمان کے مطابق فیوڈلزم ایک یورپی اصطلاح ہے جو کہ وہاں کے سرمایہ داری سے قبل کے سماجوں کی عکاسی کرتا ہے۔ رحمان کے بقول فیوڈلزم کا ایک بنیادی رشتہ جو کہ مالک (feudal) اور غلام (serf)کے درمیان ہوتا ہے ، ہمیں ہندستان میں کہیں نہیں ملتا ۔ یہ بات بلکل درست ہے کہ یورپی فیوڈلزم کے بنیادی ادارے ہمیں برصغیر میں نہیں ملتے اور قدیم ہندستان کے بہترین scholars اس بات کو تسلیم بھی کرتے ہیں کہ فیوڈلزم ہندستان کے لئے ایک مفید اصطلاح نہیں۔ مگر سوال یہ ہے کہ اگر فیوڈلزم کی اصطلاح انگریزوں سے قبل کے سماج کے لئے موضوں نہیں تو پھر ہم اس سماج کو کیسے سمجھیں ؟ رحمان کے مطابق مارکس کی اصطلاح Asiatic Mode of Production (AMP) جو کہ اس نے ہندستان ہی کہ مطالع سے تشکیل دی تھی، نوابادیاتی دور سے قبل کے ہندستان کے لئے سب سے بہتر لیبل ہے۔ مارکس کے مطابق انگریزوں سے قبل کے ہندستانی سماج کی چند بنیادی خصوصیات تھیں جن میں سب سے اہم یہ تھی کہ یہاں ذاتی ملکیت کا تصور نہیں ملتا ، یعنی یورپ کے فیوڈلز کے برعکس یہاں تمام تر زمین بادشاہ اور اس کی سلطنت کی ملکیت تھی۔ یہ بات مارکس نے فرانسیسی

سیاح Bernier کے سفرنامے (جو کہ اورنگزیب کے دور حکومت پر لکھا گیا تھا) اور ایسے دیگر سفرناموں اور حکومتی سفیروں کی رپورٹوں سے اخذ کی۔ اس کے علاوہ اس سماج کی دوسری خاصیت یہ تھی کہ اس میں بادشاہ (یعنی سلطنت و ریاست) اور رعائیہ کہ درمیان کوئی طبقہ نہیں تھا، یعنی ایک بار پھر یورپ کے برعکس جہاں بادشاہ اور غلاموں کے درمیان ایک طاقتور فیوڈل طبقہ ملتا ہے ہندستان میں بادشاہ کے خاص نامزد کردہ سرکاری افسر یعنی منصبدار Mansabdar کی کوئی انفرادی حیثیت نہیں تھی اور وہ صرف اور صرف شاہی خزانے کے لئے رعائیہ سے نذرانہ Tribute وصول کرتے تھے۔ فیوڈلزم کی ایک اور خصوصیت یعنی زمین کا وراثت میں منتقل ہونا بھی یہاں نہیں تھا کیونکہ افسر کے مرتے ہی زمین واپس سرکاری تحویل میں آجاتی۔ یہی وجہ ہے کہ مارکس کے خیال میں ان زمینداروں اور منسبداروں کی حیثیت کبھی بھی ٹیکس کلیکٹر سے ذیادہ نہ تھی۔ AMP کی تیسری خاصیت یہ ہے کہ ہندستان میں انگریزوں سے قبل کے گاؤں خود کفیل self-sufficient تھے جس کی وجہ یہ تھی کہ زمینداروں کی ضرورت کی تمام اشیاء گاؤں ہی میں مخصوص افراد مہیا کرتے مثلاًً موچی، لوہار، ترکھان وغیرہ جس وجہ سے گاؤں کی بنیادیں مضبوط تھیں اور ان میں طبقاتی تضادات موجود نہیں تھے۔ مجموعی طور پر یہ ایسا سماج تھا جہاں گاؤں کی سطح پر کوئی طبقہ نہیں تھا، ریاست اور عوام کے درمیان کوئی طبقہ نہیں تھا، بس ایک طرف ایک انتہائی طاقتور ریاست تھی اور دوسری طرف خود کفیل آبادیاں تھیں جو اپنی پیداوار کا ایک حصہ شاہی خزانے میں مقامی افسروں کے ذریعے جمع کرواتے۔

یہ ایک قابل غور بات ہے کہ طبقاتی تضاد جو کہ مارکس کے مطابق تاریخی عمل کا ایندھن تھا انگریزوں سے قبل کے ہندستان میں موجود ہی نہ تھا یعنی ایک لحاظ سے اس سماج کی گویا کوئی تاریخ ہی نہ تھی! مگر کیا مارکس کا کھینچا ہوا نقشہ واقع ہی حقیقت سے مطابقت رکھتا ہے؟ کیا واقع ہی قدیم ہندستان AMP کے تصور کے

قریب تھا؟ جیسا کہ pre-colonial ہندستان کے بہترین سکالرز اس بات پر متفق ہیں کہ مارکس نے یہ تصور یورپی سیاحوں اور حکومتی افسروں کے بیانوں سے اٹھایا تھا اور اس تما م لٹریچر میں ہندستان کو یورپ کے عین متضاد کے طور پر پیش کیا گیا تھا ، یعنی اس میں ذاتی ملکیت اور طبقاتی کشمکش دونوں ہی غائب تھے اور یہ تصور تھا کہ یہ تمام چیزیں خصوصاؔ ذاتی ملکیت کا تصور جو کہ انگریزوں کی نظر میں کسی بھی مہذب معاشرے کے لئے ضروری تھا انگریزوں نے بر صغیر میں متعارف کروایا ۔ اس نقئطہ نظر سے انگریزوں کے ہندستان پر قبضے کو ایک نظریاتی جواز فراہم کیا گیا کہ انہوں نے اس سماج کو وہ ادارے دئیے جو کہ مہذب معاشروں کے لئے ضروری ہیں ۔ ظاہر ہے کہ یورپی سیاح اور افسر دونوں ہی غلط تھے اور آج ہم یہ بات بخوبی جانتے ہیں کہ مارکس کا یہ تاثر کہ مرکزی ریاست کا پورے خطے پر مکمل کنٹرول تھا اور اسے کسی قسم کے مقامی طبقے کا سامنا نہیں تھا حقیقت سے متصادم تھا۔ حقیقت تو یہ تھی کہ مرکزی حکومتوں کو ہر وقت پورے برصغیر میں بغاوتوں کا سامنا رہتا اور یہ بغاوتیں مقامی اور علاقائی طور پر بالادست طبقات کی قیادت میں ہوتیں ۔ اس کی ایک مثال مہاراشترہ میں مرہٹوں کی بقاوت ہے جو کہ علاقائی زمینداروں کی قیادت میں لڑی گئی اور جس نے کچھ عرصے کے لئے ایک وسیععلاقے پر قبضہ بھی کر لیا ۔ یہی مثال آودھ کی بھی ہے۔ پنجاب میں سکھوں کی بغاوت جو کہ بنیادی طور پر مقامی جٹ زمینداروں کی قیادت میں تھی، اپنی الگ ریاست بنانے میں کامیاب ہو ئی (جس کی بہترین تاریخ مظفر عالم کی کتاب میں موجود ہے)۔ اس سے یہ بات تو واضح ہو جاتی ہے کہ انگریزوں سے پہلے کے ہندستانی سماج میں طبقات نہ صرف موجود تھے بلکہ بہت سے مقامات پر مرکزی حکومت سے ذیادہ با اثر تھے۔ اس سے بھی اہم یہ بات ہے کہ طبقات کی موجودگی AMP کی اس دوسری خصوصیت کو بھی رد کر دیتی ہے کہ بِر صغیر میں ذاتی ملکیت کا کوئی تصور نہیں تھا۔ اس میں کوئی شک نہیں کہ مغلیہ دور میں تمام زمین بادشاہ اور

شاہی خزانے کی ملکیت سمجھی جاتی تھی مگر جیسا کہ اطہر علی نے اپنی کتاب میں بیان کیا ہے ، یہ دعویٰ اکثر اوقات صرف قانونی فرمانوں کی حد تک ہی تھا جو کہ مرکزی حکومت جاری کرتی تھی اور مقامی زمیندار ہر وقت زمین اور اس کے مالکانہ حقوق پر اپنے اثرو رسوخ کا دائرہ وسیعکرنے کی کوششوں میں رہتے ۔ انہی بنیادی وجوہات کی بنا پر ہندستان کے مارکسی دانشوروں نے مارکس کے AMP کے تصور کو رد کیا تھا ۔ رحمان اس بات سے بخوبی واقف ہیں مگر حیرانکن بات یہ ہے کہ انہوں نے اس بنیادی نقطہ پر اپنی کتاب میں کہیں بھی بحث نہیں کیا۔ حالانکہ تیمور رحمان ایک تاریخ دان نہیں ہیں پھر بھی انکا ایک تاریخی بحث میں شمولیت کر نا اور وہ بھی ایسی بحث جسے ہندستان کے بہترین تاریخ دان ختم کر چکے ہیں، ایک دلیرانہ عمل ہے۔ مگر بہادری سے علمی بحثوں کے نتائج کا تعین نہیں کیا جا سکتا اور سچ یہی ہے کہ رحمان اپنی کتاب میں AMP کی افادیت کا ثبوت نہیں دے سکے۔ اس موقع پر یہ سوال ضرور بنتا ہے کہ اگر AMP اور Feudalism دونوں ہی قدیم ہندستان کے لئے موضوں اصطلاحات نہیں ہیں ، تو پھر ہم اس سماج کو کیا کہیں ؟ مگر یہ بحث ایک ا لگ اور طویل مضمون مانگتی ہے جو کہ اس وقت ممکن نہیں ۔

اگر AMP ایک سائنسی اصطلاح نہیں تو پھر مصنف کی دوسری بڑی دلیل کہ موجودہ پاکستان کے سماجی نظام کو Asiatic Capitalism کہا جا سکتا ہے اسکے ساتھ ہی رد ہو جاتی ہے کیونکہ یہ ایک hybrid term ہے جو AMPکہ اور Capitalism کے میل سے تشکیل دی گئی ہے ۔ لیکن پھر بھی میں اس کے بارے میں مزید کہنا ضروری سمجھتا ہوں کیونکہ یہ تاثر پاکستان کے لیفٹ میں عمومی طور پر پایا جاتا ہے کہ موجودہ پاکستان ابھی بھی سرمایہ داری سے پہلے کے کسی سماج میں ہے یا پھر یہ ایک عبوریہ Transitionary دور سے گزر رہا ہے جہاں یہ سرمایہ داری کی طرف تو جا رہا ہے مگر یہ سفر انتہائی سست رفتار سے طۓ ہو رہا ہے ۔ اس لحاظ سے رحمان کی کتاب ان نظریات سے بہت دور نہیں جو پاکستان کو نیم جاگیردارانہ semi-feudal سماج کہتے ہیں یعنی جہاں سرمایہ داری ابھی بھی فیوڈل

باقیات کے ساتھ چل رہی ہے، بس رحمان کے مطابق نیم جاگیرداری سے بہتر یہ ہے کہ ہم اسے Asiatic Capitalism کہیں ۔ یہاں یہ سوال ضروری ہے کہ اگر پاکستان نیم جاگیردارانہ یا ایشیائی سرمایہ دارانہ سماج ہے تو پھر ان دونوں سسٹمز کے دائرے boundariesکہاں ہیں؟ یعنی پاکستان میں فیوڈلزم یا AMP کہاں ختم ہوتا ہے اور سرمایہ داری کہاں شروع ہوتی ہے۔ جو لوگ مارکس کی شہرہ افاق تحریر سرمایہ das capital سے واقف ہیں وہ یہ جانتے ہیں کہ مارکس کے مطابق سرمایہ داری کی خاصیت ہی اس کی پھیلنے کی صفت ہے، سرمایہ کبھی بھی ساکن نہیں رہتا بلکہ ہر وقت پھیلنے اور اپنے دائرے کو وسیعکرتاہے تو پھر یہ کیسے ممکن ہے کہ سرمایہ کسی حد بندی کی تمیز کرے یعنی ایک ہر وقت پھیلنے والا سسٹم کسی دوسرے سسٹم کو خود سے باہر نہیں رہنے دے سکتا ۔ یہی وجہ ہے کہ رحمان کی یہ دلیل کہ پاکستان ابھی بھی کسی عبوری دور سے گزر رہا ہے درست نہیں کیونکہ یہ سرمایہ داری کی بنیادی فطرت کو ہی نظر انداز کرتا ہے۔

لیکن اگر ہم اور غور کریں تو ہمیں یہ معلوم ہو جاتا ہے کہ ایسا کیوں ہے۔ اس کی بنیادی وجہ رحمان کی سرمایہ داری کی تعریف ہے۔ رحمان کے نزدیک سرمایہ داری کی خصوصیت اجرتی محنت wage-labour کا عام ہونا ہے اور اگر یہ رشتہ پیداواری عمل میں عام نہیں تو پھر اس سماج کو سرمایہ دارانہ کہنا غلط ہے۔ یعنی رحمان کی نظر میں طرز پیداوار یا پیداواری رشتے Mode of production/production relation اپنے غالب لیبر ریلیشن سے پہچانے جاتے ہیں ہے جو کہ سرمایہ داری کے اندر اجرتی محنت کے ہیں۔ اس کے بعد وہ مختلف اعداد و شمار کی مدد سے یہ ثابت کرتے ہیں چونکہ آج بھی پاکستان میں مذارعین ، جبری مشقت اور دیگر لیبر رلیشن اجرتی محنت پر حاوی ہیں، حالانکہ اجرتی محنت بھی آہستہ آہستہ بڑھ رہی ہے اس لئے آج بھی پاکستان پوری طرح سرمایہ دارانہ سماج نہیں بلکہ اس کے لئے Asiatic Capitalism ایک بہتر لقب ہے ۔ مگر کیا سرمایہ داری کی یہ تعریف درست ہے؟ یہ سچ ہے کہ مارکس کی اپنی تحریروں میں یہ تاثر ملتا ہے کہ اس کے نزدیک سرمایہ داری کا مطلب اجرتی

محنت ہی ہے مگر ساتھ ہی اس کی تحریریں یہ بات زیادہ پر زور طریقے سے ظاہر کرتی ہیں کہ سرما یہ داری ایسا نظام ہے جس میں مجموعی طور پر اجناس ذاتی استعمال نہیں بلکہ فروخت کرنے کے لئے پیدا کی جا تی ہیں جسے Generalized Commodity Production کہا جا تا ہے ۔ اس کی دوسری خاصیت یہ ہے کہ اس میں پیداوار اور فروخت کا بنیادی مقصد منافع کمانہ ہے اور وہ بھی ایک ایسے ماحول میں جہاں تمام سرمایہ دار ایک دوسرے سے مقابلے میں ہوتے ہیں ۔ یعنی سر مایہ داری کے لئے انسانی محنت کا منافع کے حصول کے لئے استعمال ہونا ضروری ہے چاہے اس کی بظاہر شکل اجرت محنتge-labour کی ہو یا نہ ہو ۔ مثلؔاً مارکس نے انیسویں صدی کے امریکا میں slave plantations جو کہ کپاس پیدا کر رہی تھیں انھیں اس لئے سرمایہ دارانہ معیشت کا حصہ کہا کیونکہ وہ عالمی اور اندرونی منڈیوں کے لئے جنس پیدا کر رہی تھیں جنہیں فروخت کرنے کا مقصد منافع کمانہ تھا حالانکہ ان پر سیاہ فام غلاموں کا لیبر استعمال کیا جاتا تھا۔ موجودہ پاکستان میں ہمیں اینٹوں کے بھٹوں کی مثال ملتی ہے جہاں کام کرنے والے بھٹہ مزدور وں کو قرضوں کی صورت میں اجرت دی جاتی ہے جس کی بناء پر رحمان اور بہت سے دیگر پاکستانی مارکسسٹ انھیں سرمایہ داری کا حصہ نہیں سمجھتے حالانکہ پاکستان میں جدید ہاؤسنگ سوسائٹیز ، پلازوں اور تمام تعمیراتی پراجیکٹوں کو اینٹیں انہی بھٹوں سے آتی ہیں اور یہ سرمایہ داری نظام ہی کا حصہ ہیں ۔ سندھ اور پنجاب کے کئی علاقوں میں وڈیروں ہی کی زمینوں پر ہاری بھی کام کرتے ہیں مگر ساتھ ہی ساتھ انہی زمینوں پر جدید کھاد، بیج ٹریکٹر اور مشینیں بھی استعمال ہوتی ہیں ، تمام پیداوار مقامی اور بعض اوقات عالمی منڈیوں کے لئے کی جاتی ہے جس کا مقصد منافع کمانہ ہوتا ہے لیکن ہمارے دانشور اس کو سرمایہ داری ماننے کو اس لئے تیار نہیں کیونکہ یہ سسٹم انکے اپنے بنائے ہوئے سرمایہ داری کے تصور سے متصادم ہے ۔ ساتھ ہی ساتھ اس بات کو بھی نظر انداز کرنا مشکل ہے کہ حکومتی اعداد وشمار اجرتی محنت کی شرح کو شدید underestimate کرتے ہیں مثلؔاً پاکستان کے

دیہاتوں میں اکثر لیبر seasonal موسمی ہوتا ہے جو کہ عام طور پر ریکارڈ نہیں ہوتا ، اس کے علاوہ عورتوں اور بچوں کی محنت بھی اعدادوشمار میں پوری طرح سامنے نہیں آتی اور ساتھ ہی ساتھ یہ بات بھی ذہن نشیں ہونی چاہئے کہ پاکستان میں اکثر کاروبار بھی غیر رسمی معیشت informal economy کا حصہ ہیں جن میں کام کرنے والوں کی تعداد میں سے آدھی بھی حکومتی ریکارڈ میں نہیں آتی۔ اس لئے حکومتی اعداد و شمار کو بنیاد بنا کر یہ فیصلہ کرنا کہ پاکستان میں اجرتی محنت حاوی نہیں انتہائی مشکل ہے مگر پھر بھی مصنف نے یہی کیا ۔ لیکن ہم اگر ایک منٹ کے لئے یہ مان بھی لیں کہ یہ اعداد و شمار درست ہیں تب بھی یہ کہنا کہ پاکستان سرمایہ داری کی طرف ایک عبوری دور سے گزر رہا ہے غلط ہے۔ پاکستان عالمی سرمایہ داری نظام کا حصہ ہے اور اس کے بنیادی اندرونی طبقاتی رشتے بھی سرمایہ دارانہ ہیں ۔ پاکستان کے کونے کونے میں پیداوار خرید و فروخت اور منافع کے لئے کی جاتی ہے اور اس میں مجموعی طور پر لیبر سرمایہ کی جمع capital accumulation کے لئے ہی استعمال ہوتا ہے چاہے اس کی ظاہری شکل فیکٹریوں میں موجود اجرتی لیبر جیسی ہو یا نہ ہو ۔ ایک بار پھر اس کتاب میں اس تمام لڑریچر جو کہ سرمایہ داری کو اس وسیع انداز میں دیکھتا ہے پوری طرح نظر انداز کیا گیا ہے اور مصنف یہ باور نہیں کرواسکے کہ ایشیاٹک کیپیٹلزم ایک سائنسی اصطلاح ہے ۔

اختتام میں یہ کہنا ایک بار پھر ضروری ہے کہ اس کتاب کا شائع ہونا ایک خوش آئند امر ہے اور اس تبصرے کا بنیادی مقصد اس بحث کو آگے بڑھانا ہے تاکہ مارکسی نقطہ نظر کو فروغ ملے اور آنے والے وقتوں میں ہم اس کتاب کی خامیوں اور خوبیوں دونوں سے سیکھتے ہوئے اپنے سماج کو بہتر انداز سے سمجھ سکیں۔

کتابیات

M. Athar Ali - Mughal India: Studies in Polity, Ideas, Society and Culture (2008) OUP, Delhi

Muzaffar Alam - The Crisis of Empire in Mughal North India: Awadh and

Punjab, 1707-4 8(1992) OUP Delhi
Francois Bernier, Travels in the Mughal Empire 1656-166 8(1989) Columbia Press
Karl Marx - Capital: A Critque of Political Economy (Volume 1) 1978, Penguin Classics
(2012) Taimur Rehman - Class Structure of Pakistan OUP, Karachi

نظم

جی ایچ کیو

کامریڈ شفیق احمد شفیق

Uواہ او میر یا ڈھول سپاھیا تیری کِیہ اے شان
تُوں کلّے نیں اگے لائے کلُ سیاست دان
واہ او میر ا ڈھول سپاھیا تیری کا اے شان

لکھا پیراں تے اے بھارا تیرا پیر پگارا
اپنے گھارچ تیار او کردا تیری جنج دا لاڑا
پنڈی والا شیدا تلی خاص ترا مہمان

پی پی پی نوں توڑں دے لئی ایم کیو ایم بنائی
پنجابی گُڈی اُتے ناجے لیگ دی کانٹی پائی
بُن تُں اینگلش باندر چھڈیا ناں جس دا عمران

منتیاں نوں جِتھوں منت میلدی تیرا اور دربار
کوئی حکومت ہووے پیچھے تیری اے سرکار
انگریزاں دے پلے وڈیرے تیرے نیں جند جان

سارا میڈیا تیرا تے اسٹیبلشمنٹ وی تیری
جھڑی جھُک جائے تیرے اگے پار لگے او بیڑی
ہر وِکاو صحافی کردار تیرے اُتے مان
پاکستان نوں مُٹھ چ لے کے مربعے لاٹ کرائے
قوم دے لہو نُوں چُوس کے فیکٹریاں بینک بنائے
قوم دا اسّی فی صد بجٹ تیرے توں قربان

ایں ایل سی دے ٹرالیاں دے وچ ٹُوں اسمگلنگ کرنا
بحری ہوائی جہازاں دے وچ چرس تے پوڈر کھڑنا
تینوں تمغے لاندے عربی ڈاکو چور سُلطان

لکھاں ہا بنگالیاں دا ٹُوں قتلِ عام وی کِتا
اپنی ہوّس دا پیالہ اپنیاں بہناں دے نال پیتا
مارے جا کے اپنے مسلے اُردن کدی سوڈان

ساری دنیا جس توں ڈردی تیکو او ہتھیار
واریاں والے مولوی بکرے خود کش نیں بمبار
پینڈاں دے پنڈ زخمی ساڈے شہر نیں لہو لہاں

ہر پات ٹُوں پیدا کیتے بد معاشاں دے ٹُولے
چنگے بندیاں نوں ٹُوں لائے جیلاں دے وِچ پولے۔
مسخ شدہ ٹُوں لاشاں سٹیاں سندھ، بلوچستان

ناري واد

سنڌ ۾ عورت جي سماجي ۽ معاشي حيثيت

حسين مسرت

”سماج ۾ عورت جي حالت ڪنهن به معاشرتي نظام ۽ رياستي ڪردار جو سڀ کان واضح ۽ ٺوس اظاهر هوندو آهي.“ ليون ٽراٽسڪي جا 1920ع ۾ چيل لفظ اڄ به ساڳي سچائي رکن ٿا. سماج جي پرک لاءِ عورت جي حالت ۽ حيثيت کي آئينو بڻائي سگهجي ٿو، پر سماج کي سمجهڻ لاءِ سماجي نظام کي به سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. سماج جي بيهڪ ۽ سماج جي بنيادي جوڙجڪ ۾ موجود مختلف عملن کي سمجهڻ کان سواءِ عورت جي حيثيت واضح نه ٿي سگهندي. سماج ۽ رياست به هڪ ٻئي سان سلهاڙيل هجن ٿا. رياستي ڍانچو سماج جي پيداوار آهي. اينگلس جي مطابق رياست اُها طاقت آهي، جيڪا سماج مان پيدا ٿئي ٿي، پر پاڻ کي سماج کان مٿڀرو ٿي سمجهي. طبقاتي رياست پنهنجي ادارن جي ذريعي سماج ۾ طبقاتي فرق کي، مصلحت جي نالي ۾ دوام بخشي ٿي.

برطانوي مفڪر جان اسٽورٽ جي مطابق ته سماج ۾ رهندڙ هر فرد حقن سان گڏ فرض به رکي ٿو، فرضن جو تعلق پنهنجي ذات سان گڏوگڏ ٻين سان به هجي ٿو. فردن جي ڪنهن به عمل سان ڪنهن کي نقصان پهچي ته اهو رياست ۽ قانون جو مسئلو بڻجي ٿو، ڇو ته جديد رياست قانوني نقطه نگاهه کان (سماجي معاشي نقطه نگاهه کان نه) ئي صحيح پر سمورن شهرين جا برابر حق تسليم ڪري ٿي. رياست ۽ سماجي جوڙجڪ جي سموري ڍانچي ۾، اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته عورت جي فرد جي حيثيت سان ڪهڙي حيثيت آهي، اسان جي سماجي ڍانچي عورت جا ڪهڙا فرض مقرر ڪيا آهن؟ ۽ هن کي ڪهڙا حق حاصل آهن؟

طبقاتي سماج ۽ عورت

مارڪس جي نظريي مطابق عورتن تي ٿيندڙ ظلم جو سبب سماج جي طبقاتي ورهاست آهي. طبقاتي سماج جو سڄو نظام ان جون ريتون ۽ رسمون ۽ ان جا نظريا عورت جي فرد جي

حيثيت جي نفي ڪندڙ هجن ٿا. طبقاتي سماج مرد ۽ عورت جي حيثيت ۾ فرق پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان جو طبقاتي سماجي نظام، پدر شاهي ڍانچي جي زير اثر پروان چڙهندڙ آهي، اهو پدر شاهي نظام جيڪو عورت جي فرد جي حيثيت جي نفي ٿو ڪري، عورت جو استحصال هن پدرشاهي نظام لاءِ قوت ۽ طاقت آهي، جنهن جي بنياد تي عورت جو استحصال پدر شاهي سماج ۾ ٿيندو آهي.

طبقاتي سماج جي تقسيم تمام پراڻي آهي، اها تقسيم هزارين سال آڳاٽي آهي. جڏهن مادري سماج جو خاتمو ٿيو ۽ زرعي انقلاب آيو ته عورت جي حيثيت ۾ گهٽتائي اچي ويئي، جڏهن پيدوار مرد جي هٿ ۾ آئي ته عورت ملڪيت جي حيثيت اختيار ڪري ويئي. فريڊرڪ اينگلس جو چوڻ آهي ته، ”سماجي پيداوار جي دائري مان الڳ ڪرڻ ڪان پوءِ زال گهر جي پهرين نوڪرياڻي ٿي.“ عورت جي آزادي سلب ٿي ۽ سندس گهريلو ڪمن جي اهميت ختم ٿيندي ويئي، چو ته گهريلو ڪم پيداوار جو ذريعو نٿا ٿين. ان پدرشاهي سماجي ڍانچي سان جهيڙيندي عورت کي صديون گذري ويون آهن. پدرشاهي سماجي ڍانچي ۾ عورت جو استحصال جنس جي بنياد تي ٿئي ٿو. قديم دستور ڪان جديد دستور تائين جيتوڻيڪ گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. رياست به جديد ٿي آهي ته رياستي نظام به تبديل ٿي چڪو آهي، پر ڏٺو وڃي ته رياست ۽ سماج تي پدرشاهي قدرن جي حڪمراني آهي. فرد جي حيثيت سان عورت جي حقن جي نفي ۽ سندس سماجي ۽ معاشي حيثيت جو استحصال اڄ به جاري آهي. عورت جي استحصال جي اهم ڪارڻن تي غور ڪجي ته خبر پوي ٿي ته، پدر شاهي سماج کي هٿي ڏيندڙ ادارائي جنس جي بنياد تي استحصال ڪندڙ آهن.

جيڪڏهن ماضيءَ جي مختلف دورن تي نظر وجهجي ته خبر پوندي ته هزارين سال پهرين، اسان کي عورت ديوي جي درجي تي نظر اچي ٿي، سماجي ارتقا جي اُن دور ۾ پيداوار جا ذريعا عورت جي هٿ ۾ هئا. ٻنين تي ڪم ڪرڻ، اولاد پيدا ڪرڻ، خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ عورت جي وس ۾ هو ۽ مالڪ به عورت هئي. مرد جڏهن زراعت تي قابض ٿيو ته عورت جي حيثيت مالڪ مان ڦري محڪوم واري بڻجي ويئي. ان ڪان پهرين اولاد

عورت جو ليکيو ويندو هو ۽ هوءَ مرد جي انتخاب ۾ به آزاد هئي، پر پوءِ عورت اولاد جي مالڪ نه رهي، اولاد جو مالڪ مرد بڻجي ويو، مرد عورت جي پيداواري صلاحيت تي به قابض بڻجي ويو. اها پدر شاهي سماج جي شروعات هئي، مالڪيت واري سوچ آهستي آهستي هر شيءِ تي غالب پئجي ويئي. پدر شاهي سماج ۾ مرد هر اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکندو ويو، هن عورت جو استحصال جنس جي بنياد تي ڪيو ۽ پيداواري ذريعن تي قابض ٿي عورت کي ان عمل مان خارج ڪري صرف ۽ صرف گهر ۾ محدود ڪندو ويو، عورت جي زندگيءَ جو مقصد صرف مرد کي خوش ڪرڻ ۽ انجي آرام آسائش جو خيال رکڻ بنجي ويو.

پدرشاهي نظام، سماج جي هر اداري تي حڪومت ڪرڻ لڳو، جنهن جو بنياد عورت جي جنسي استحصال تي رکيو ويو. تحقيق جي نظر سان چندچاڻ ڪجي ته خبر پوندي ته ڪهڙن طريقن سان عورت جو استحصال ٿي رهيو آهي.

عورت ۽ خاندان

هڪ عورت جي زندگي ۾ گهر ۽ خانداني مرڪز جي حيثيت رکندا آهن ۽ عورت تي جبر ۽ استحصال جي شروعات به گهر مان ئي ٿيندي آهي.

سنڌي سماج ۾ مشهور آهي ته عورت جي ڪارڻ سان گهڻا جهيڙا ختم ٿي ويندا آهن، ڪا عورت گهر ۾ هلي اچي ته ان کي مان ڏنو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ اها عزت سماجي رشتن جي هجي ٿي هڪ فرد جي حيثيت سان عورت جو وجود ڪا معنيٰ نٿو رکي. گهر سان وابسته هر رشتو هن جي سماجي سڃاڻپ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. فلاڻي جي ڌيءَ، فلاڻي جي ڀيڻ، فلاڻي جي زال ۽ آخر ۾ فلاڻي جي ماءُ، انهن رشتن جي دائرن کان ٻاهر نه عورت جي ذاتي شخصيت جي مڃتا آهي نه سندس حيثيت آهي، نه ئي وري ذاتي سماجي سڃاڻپ هجي ٿي، عورت جي احترام ۾ ئي استحصال لڪل هجي ٿو، جيستائين عورت پنهنجي ذات جي نفي ڪري پنهنجي گهر خاندان جي فردن جي خدمت ۾ مصروف رهي، انهن جي آرام ۽ آسائش جو خيال رکي ٿي تيستائين اُها عزت جي قابل رهي ٿي، پر اها عارضي عزت ان کي پنهنجي پورهئي جي عيوض ملي ٿي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته عورت تي جبر سان گڏوگڏ ان جي پورهئي جو به استحصال ڪيو ويو. خاندان ۾ عورت جي

جسماني حيثيت ان وکر وانگر آهي، جنهن کي مرد پنهنجي تحفظ لاءِ استعمال ڪري ٿو. طبقاتي سماج جو اهم مثال جاگيرداراڻو سماج آهي، جنهن ۾ صرف سردار ڪيترن ئي زندگين جو مالڪ بڻجي ويٺو هوندو آهي، علائقائي سطح تي ٿيندڙ مسئلا اڪثر عورتن جي ڏي وٺ تي حل ڪيا ويندا آهن، خونن جي معافي جي بدلي ۾ سگ چٽي طور عورت ڏني ويندي آهي ۽ ادلي بدلي جي شادي، ننڍي عمر جي شادي به ان ئي سماج جون رسمون آهن. جاگيرداري نظام مطابق عورت جو قتل ڏوهه نه آهي، جيڪڏهن مرد عورت کي ڪاري ڪري ماري ته اهو ڏوهه نه پر حق آهي. خاندان ۽ گهر ۾ اهو مرد سوپارو سمجهيو ويندو آهي. خاندان جو ادارو بيواهه ٿيندڙ عورت کي به ڪا سماجي عزت نه ڏيندو آهي. بيواهه عورتون گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ تنهائيءَ جي زندگي گذاريندڙيون آهن. بيواهه عورت ڪنهن به خوشيءَ جي محفل ۾ شريڪ نه ٿي سگهندي آهي، نه وري ان کي سٺو لباس ۽ زيور پائڻ جي اجازت هوندي آهي، عورت جي هار سنگار ۽ ٺاهه جوڙ کي مرد جي ذات سان وابسته ڪيو ويندو آهي، ان ڪري سنڌي سماج ۾ بيواهه عورت جيئري ئي مُردن جيان زندگي گذارڻ تي مجبور هوندي آهي. عورت جيڪڏهن پيڻ آهي ته پاءُ جي بدلي ۾ زبردستي پرڻائي وڃي ٿي. ڌيءَ آهي ته زبردستي چپ چاپ مائٽن جي مرضي مٿان قربان ٿي وڃي ٿي. پيءُ کي اختيار آهي ته هو پنهنجي ننڍي نيٽي ڌيءَ جي شادي پنهنجي ذاتي مفاد خاطر ڪنهن به وڏي عمر جي مرد سان ڪرائي سگهي ٿو. جڏهن ته ڇوڪريءَ کي پنهنجي شاديءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ جو ڪوبه حق نه ڏنو ويندو آهي. پيءُ ۽ پاءُ کي اختيار هوندو آهي ته هو پنهنجي ڌيءَ ۽ پيڻ جي سنگ ڏيڻ لاءِ ڪيتري به قيمت مقرر ڪن، جتي وٽين اُتي فروخت ڪري ڇڏين. انساني ڪاروبار قانونً غلط به هجي پر اهو ڏوهه جيڪو پنهنجن هٿان ٿئي ٿو، اهو ڏوهه نه پر حق سمجهيو وڃي ٿو. ڪڏهن به ائين نه ٿيندو آهي ته ڌيءَ جي شادي لاءِ پٽ کي مجبوراً بدلي ۾ شادي ڪرائي وڃي، هميشه پيڻ کي پاءُ جي خوشين لاءِ قربان ڪيو ويندو آهي. ڏنو وڃي ته معاشي عمل ۾ شريڪ عورتن جي سماجي حيثيت گهر ۾ ساڳي ٿي رهي، تعليم يافته عورت به پنهنجي گهر جي مردن جي اڳيان پنهنجا فيصلا پڌائڻ جي مجاز نه ٿي رهي. معاشي عمل مرد جي

سماجي رتبي ۾ اضافو آڻي ٿو، پر عورت کي ان کان محروم رکيو ويندو آهي.

جڏهن پورهئي جي جنسي تقسيم ڪئي ويئي ته عورت جي پورهئي جي اهميت ۽ قدر کي گهٽايو ويو. گهٽي محنت ۽ گهٽ اجرت وارا ڪم عورت جي حصي ۾ آيا. گهر جو مرد گهر جي سربراهه طور حڪمران جي حيثيت رکي ٿو، هو صرف هڪ ڪم ڪري ٿو، جڏهن ته عورت جي ڪم جو نه وقت مقرر آهي نه وري اجورو مقرر آهي.

ٻارن جي پرورش، گهر جا مختلف ڪم ڪرڻ جو هن کي اجورو نه ملندو آهي. اهي ڪم هن جي ذميوارين ۾ شامل ڪيل آهن. ان طريقي سان عورت جي پورهئي جي قيمت به گهٽائي ويئي ۽ عورت جي پنهنجي ذات جي نفي به ڪئي ويئي. گهر جي اداري کي ٺاهڻ واري هلائڻ واري عورت ئي هجي ٿي پر گهر مرد جي ملڪيت هوندو آهي، ان کي صاف رکڻ سنوارڻ عورت جو فرض هوندو آهي. مرد جو تشدد ۽ جبر معمول جو حصو آهي، ان کي ڏوهه تسليم نه ٿو ڪيو وڃي، هر قتل هڪ رسم آهي ۽ هر ڏوهه رواج ۾ شامل سمجهيو ٿو وڃي، ان پدر شاهي سماج جا نظريا عورت جي جنسي استحصال کي هٿي ڏيندڙ هجن ٿا.

عورت جو سماجي استحصال

اينگلز جي مطابق، ”پيداواري اوزارن جي ايجاد سان اهڙو طبقاتي سماج وجود ۾ آيو، جنهن ۾ عورت جي معاشياتي اهميت گهٽ ٿيندي وئي، جڏهن طبقاتي سماج پورهئي جي تقسيم ڪئي ته اهي ڪم جيڪي مرد پاران سرانجام ڏنا ويندا هئا، اهي محترم ۽ مٿانهان سمجهيا ويا ۽ عورت سان لاڳاپيل پورهئي کي اوتري اهميت نه ڏني ويئي، تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو، ته تاريخ ۾ به انهن عورتن جو ذڪر ملندو، جن اهڙا ڪم ڪيا، جيڪي مردن لاءِ مخصوص سمجهيا ويندا آهن. تاريخ ۾ حڪمران عورتن جو ذڪر ملي ٿو، قلوپطره، رضيه سلطانه، جهانسي جي راڻي، بادشاهن جون پينرون، بادشاهن جون زالون، بادشاهن جون مائرون ته تاريخ ۾ موجود آهن، پر اهي مردن جي حوالي ۽ سڃاڻپ سان موجود آهن، انهن جي ذاتي محنت کي مڃتا نه ڏني ويئي آهي.

لرنر مطابق، ”جڏهن به عورتون گهٽي تعداد ۾ ڪنهن پيشي سان منسلڪ ٿيون ته ان پيشي کي ڪم تر سمجهيو وڃڻ

لڳو ۽ انهن جو اجورو به گهٽجندو ويو.“

لرنر اهو به لکيو آهي، ته عورتن جي پورهئي جي اها تفريق نه صرف هنرمنديءَ ۾ پر تخليقي ۽ شعوري قابليت وارن ڪمن ۾ به رکي ويئي، تخليقي ڪمن جو اجورو گهٽ مقرر ڪيو ويو. تاريخ تي نظر وجهڻ سان محسوس ٿيندو ته عورت جنگين ۾ تمام گهڻو متاثر ٿيندي آهي، جنگي ۽ قبائلي جهيڙا عورت جي سڄي سماجي ۽ معاشي زندگي برباد ڪندڙ هجن ٿا، پنهنجي جياپي لاءِ جدوجهد ڪندڙ عورت تاريخ ۾ گم ڪئي ويندي آهي، ٻئي جنگ عظيم ۾ تباهه ٿيندڙ عورت جي حالت ڪنهن کان لڪل ناهي، مردن جيان ذميواريون سنڀاليندڙ عورت ميدانِ جنگ ۽ ٻاهر زندگي جي ميدان ۾ تمام گهڻي مشقت وارن مرحلن مان گذري جنگ دوران گهر جون ذميواريون سنڀالڻ کان وٺي جنگ وڙهندڙن جي خاندان جي ڪفالت تائين عورت هر مرحلي تي سخت محنت ڪئي پر تاريخ جي فاتحن ۾ سندس نالو شامل نه ڪيو ويو. طبقاتي سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ زيادتين جو ڪو شمار ئي ڪونهي. طبقاتي سماج ۾ حاڪميت جا دائرا تمام وسيع آهن. عورت ڪي مخصوص نطام اندر قيد ڪرڻ، ان جي سماجي ۽ معاشي حيثيت کي گهٽائڻ وارو عمل صدين کان جاري رهندو اچي، ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ، اَنُ پيهڻ، چرخو هلائي ڪپهه مان ڌاڳا ٺاهڻ کان وٺي تعميرات جي سخت ڪمن ۾ عورت حصو موجود آهي، سخت جسماني مشقت جا اهي ڪم جيڪي عورتن ڪيا، ان پورهيي جو اجورو گهٽ مقرر ڪيو ويو، ساڳيو ڪم مرد پاران انجام ڏيڻ تي اجورو وڌيڪ مقرر ڪيل هوندو هو. پورهيي جي استحصال به عورت جي معاشي حيثيت کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سماج ۾ انهي پورهئي ڪم کي تر سمجهيو ويندو آهي، جيڪو عورت جي جنس سان وابسته هجي.

پروفيسر عرفان حبيب پنهنجي مضمون، ”قرونِ وسطيٰ کي صنعتي تاريخ ڪي تلاش“ ۾ لکي ٿو ته، ”علاؤالدين خلجي (1296ع-1316ع) جي دور ۾ قيمتن جي ضابطي مطابق، ڪارڪن مرد غلامن جي قيمت ڏهه کان پندرهن ٽڪا ۽ ڪارڪن عورت غلامن جي قيمت صرف پنج کان ٻارنهن ٽڪا تائين هئي.“

عورت جي پورهئي جي استحصال سان استعمال ٿيندڙ شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي نٿي ٿئي، ڏنو وڃي ته زندگيءَ جي هر

شعبي ۾ عورتون معاشي عمل ۾ شامل آهن، پر انهن کي مردن جي برابر سماجي مڃتا نه ٿي ملي، گهر ۾ ڪمائيندڙ مرد کي جيتري اهميت ۽ عزت ڏني ويندي آهي، عورت کي اوتري نه ملندي آهي.

پدر شاهي سماج جي باري ۾ اينگلز لکي ٿو ته، ”سماج ۾ پيداوار جي قدر ۽ مردن جي ان تي اجاراداريءَ مرد ۽عورت جي تعلق کي تبديل ڪيو، ذاتي ملڪيت عورت کي برابر ساٿيءَ جي حيثيت مان ڦيرائي زيردست زال بڻائي ڇڏيو، طبقاتي استحصال ۽ جنسي خواهشن گڏجي صاحبِ ملڪيت ماڻهن جي طاقت ۾ اضافو ڪيو.“

سماج ۾ خاندان جي ارتقا عورت جي استحصال سان شروع ٿئي ٿي. ڊاڪٽر مبارڪ پنهنجي ڪتاب تاريخ ۽ عورت ۾ لکي ٿو ته، ”فيمنسٽ نقطئه نظر سان پدر شاهي سماج جو قيام تاريخي سلسلي جو نتيجو آهي. پدر شاهي سماج ۾ مرد ۽ عورت جي تعلق ۾ ان وقت تبديلي آئي، جڏهن عورت ٻار کي جنم ڏنو ۽ ان جي پرورش ڪئي.“

حياتياتي فرق کي عورت جي غلامي جو سبب بڻايو ويو. پدر شاهي سماج عورت جي پيداواري صلاحيت جي نگراني ڪرڻ لڳو. سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي روايتن ذريعي ثابت ڪيو ويو ته عورت محڪوم آهي، جسماني طور تي ڪمزور آهي، ان لاءِ عورت جي جسم جو هر اختيار مرد جي حوالي ڪيو ويو، پدر شاهي سماج ۾ نه صرف عورت جو جسم پر عورت جي سوچ ۽ شعور به پابند بڻيل هجي ٿو. سماجي پابنديون رسمون ۽ رواج هن جي ذهن ۽ سوچ کي غلامي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. سماجي ۽ ثقافتي رسمون انسانن جي عادتن ۽ سماجي ماحول مان ئي ٺهنديون آهن. اسان جي سنڌي سماج ۾ سڀ خدمتن ۽ ڪاميابين جون رسمون مردن سان سلهاڙيل هجن ٿيون. مثال طور پٽ جي ڄمڻ تي گهڻي خوشي ڪرڻ، پٽ جي ڄمڻ تي سڄي ڳوٺ يا خاندان ۾ مٺايون ورهائڻ خوشي ملهائڻ ۽ نچڻ ڳالهائڻ جون محفلون منعقد ڪرڻ، پٽ جي ڇٺي ڌام ڌوم سان ڪرڻ کان علاوه شاديءَ جي سلسلي ۾ ڪيل سڀ رسمون ۽ گيت به مرد جي شان ۽ حاڪميت لاءِ ڳايا ويندا آهن، انهن سڀني رسمن ۾ عورت جي حيثيت صرف مرد جي نسبت سان هوندي

آهي، باقي هوءَ هر رسم مان خارج ٿيل ٿي نظر اچي. قانون ۾ تبديلي ٿي سگهي ٿي، پر اسين صدين کان رائج تفريقي رسمن کي ايترو جلدي ختم نٿا ڪري سگهون. عورت لاءِ رسمن ۽ رواجن جي پابندي مذهبي حڪمن جيان مقدس هجي ٿي.

رياستي استحصال

عورت جي سماجي ۽ معاشي حيثيت کي سماجي ۽ خانداني نقطئه نظر سان ڏسڻ کان پوءِ هڪ نظر رياست تي وجهڻ ضروري آهي. رياست هر فرد جي حقن ۽ فرضن جي حفاظت جي پابند هجي ٿي، رياستي ذميوارين ۾ هر فرد لاءِ برابر قانون سازي ڪرڻ برابر تعليم ڏيڻ، برابر تحفظ، برابر صحت جون سهولتون ڏيڻ، برابر روزگار جا موقعا ڏيڻ شامل هجي ٿو. ٿورو غور سان ڏسجي ته، هڪ سيڪيولر رياست جي نسبت مذهبي پابندين ۾ جڪڙيل رياست عورت کي برابر حق ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي رهي، جتي به حڪومتي نظام ۾ جاگيرداراڻو نظام ۽ انتهاپسند قوتون دخل انداز ٿين ٿيون، ان سماج ۾ عورت لاءِ معاشي ترقي جا موقعا ختم ٿي وڃن ٿا. جڏهن پاڪستان ۾ ضياء جو دور آيو ته اُن ۾ آئين کي معطل ڪيو ۽ بنيادي انساني حقن کي سلب ڪيو ويو، ضياء نه صرف آمر هو پر هو تمام گهڻو بنياد پرست به هو، جنهن مذهب جي آڙ ۾ ڪيترائي ڪارا قانون نافذ ڪيا، جن جو سڌو سنئون نشانو عورت بڻي. زاهده حنا پنهنجي ڪتاب، ”عورت، زندگي ڪا زندان“ ۾ لکي ٿي ته“ 1979ع ۾ ڪوڙا هڻڻ جي اسلامي سزا جو آرڊيننس جاري ٿيو، جنهن جي آرٽيڪل (1) 5 ۾ لکيل هو ته مرد کي بيهاري ۽ عورت کي ويهاري ڪوڙا هنيا وڃن ۽ ان ئي آرڊيننس جي آرٽيڪل (5) D ۾ لکيل هو ته قيدي عورت ڳورهاري هجي ته سزا ٻار جي پيدائش يا استقاطِ حمل جي ٻن مهينن تائين ملتوي ڪئي ويندي. ان آرڊيننس تحت روزنامه جنگ 25 جولاءِ 1981ع ۾ ڇپجندڙ هڪ خبر مطابق ڪنهن عورت کي ڪوڙن جي سزا ٻڌائي ويئي.“ ان واقعي جي رد عمل ۾ وومن ايڪشن فورم جو بنياد پيو ۽ عورتن روڊ تي نڪري احتجاج ڪيو. ضياء جي ڪارن قانونن خلاف وومن ايڪشن فورم جي ميمبر عورتن لاهور جي مال روڊ تي احتجاج ڪيو ۽ رياستي جبر کي منهن ڏنائون. پوليس انهن عورتن تي لاٺي چارج ڪيو ۽ ڳوڙها گئس سان انهن کي منتشر ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، ڪيترين ئي عورتون

زخمي ٿيون ۽ جيل حوالي ڪيون ويون. آمريت هميشه شعور کان خوفزده ٿيندي آهي ۽ انتها پسندي روشن خياليءَ کان پري ڀڄندي آهي. آمريت جي جبر واري دور ۾ هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن تشدد کي منهن ڏنو، وڪيلن، مزدورن، ڊاڪٽرن، اديبن، شاگردن سڀني کي اذيتون ڏنيون ويون. عورتن کي به رستن روڊن تي ماريو ويو، جن صرف پنهنجن حقن جي ڳالهه ٿي ڪئي، ڏنو وڃي ته ان پرتشدد اونداهه واري دور ۾ طاري ٿيل انتهاپسندي ۽ مذهبي جنونيت مان رياست اڃا تائين نه نڪري سگهي آهي، عورت لاءِ ٺيل قانون سازي ان انتهاپسندي جي هيٺ آهي. جڏهن جاگيرداري سماج جي هڪ سردار جي فيصلي مطابق مختاران مائي سان جنسي ڏاڍائي ڪئي ويئي ته ملڪي قانون بي وس بڻجي ويو، سالن گذرڻ کان پوءِ به ان کي انصاف نه ملي سگهيو. پدر شاهي سماج جي نظام جو اسان جي رياست تي به حاوي هجڻ عورت جي استحصال جو اهم ڪارڻ آهي. جون 2010ع ۾ ذڪيه وساڻ جو قتل ٿيو، جنهن ۾ سندس مڙس کي جوابدار ڄاڻايو ويو ذڪيه کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو، ڪهاڙين سان ڪپيا ٿيل لاش ڪٽي مائٽن ايف آئي آر درج ڪرائي پر سالن گذرڻ کان پوءِ به قاتل آزاد ٿو گهمي، رياستي قانون عورت کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿو نظر اچي.

عورت جي ذات سان لاڳاپيل جيترا به ڪيس سامهون اچن ٿا، اهي پلي جنسي ڏاڍائيءَ جا هجن، قتل جا هجن، اغوا جا هجن، زبردستي شادي جا هجن، ائين محسوس ٿيندو آهي ته اسين ڪنهن ترقي يافته، تهذيب يافته دور ۾ نه پر صديون پراڻي قبائلي دور ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون. اِنهيءَ حقيقت جو اندازو اِتان به لڳائي سگهجي ٿو ته هِن ايڪيهين صدي ۾ ڪنهن عورت سان ٿيل جنسي ڏاڍائي جي مامري ۾ پاڪستان جي نظرياتي ڪائونسل ڊي اين اي جي ثبوت کي رد ڪندي صرف چار اکين ڏٺي شاهدن جي موجودگيءَ واري ثبوت تي ئي زور ڏي ٿي.

جديد دور جي اهامهرباني آهي ته صدين جي جدوجهد ڪانپوءِ به طبقاتي سماج، جاگيردار طبقو ۽ مذهبي انتهاپسند قوتون، عورت جي سماجي توڙي معاشي حيثيت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ڏنووڃي ته ٻهراڙيءَ سان گڏوگڏ اسان جون شهري عورتون به اوتري ئي جبر پوڙجي رهيون آهن. اسان جي سماج ۾

عورتن کي اچ تائين به تعليم، صحت ۽ روزگار جي حصول ۾ مردن جي برابر آئيني حق حاصل ڪونه آهن. بنيادي انساني حقن کان محروم عورتون پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارڻ وقت به سؤ دفعا سوچين ٿيون، ڇوته رياستي آئين انهن جي تحفظ ۾ به ناڪام ٿو نظر اچي، اچ عدالتن ۾ به عورتن جا قتل ٿين ٿا. پسند جي شاديءَ لاءِ آيل هڪ ڇوڪريءَ کي حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ قتل ڪيو ويو هو. ۽ اهڙا ڪوڙ سارا واقعا روزانو اخبارن جون سرخيون بنجن ٿا.

هن وقت اسان جي سماج لاءِ عورت جي سماجي ۽ معاشي حيثيت هڪ سوال بڻيل آهي. عورت پنهنجي وجود ۽ ذات کي فرد جي حيثيت سان مڃايو آهي، عورت جي ذهني قابليت ۽ صلاحيتون هاڻ لڪل ناهن، پر انهن جي سماجي مڃتا نظر نٿي اچي.

مسٽراٽسڪي پنهنجي؛ 1925ع ۾ ڇپيل آرٽيڪل ۾ لکي ٿو ته، عورت جي ان خراب حالت کي پاڙ کان پٽي ڪڍڻ صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن سماجي، خانداني ۽ گهريلو حالتن کي بدلايو وڃي.”

عورت جي استحصال جي خاتمي کان سواءِ ڪوبه انقلاب اچڻ ممڪن نه آهي. بهتري ۽ روشن خيالي هر اداري ۾ اچڻ کان پوءِ ئي ان تشدد جبر ۽ استحصال جي ڇارن کي ڪٽي سگهبو. اسان جا مذهبي قدر، اسان جو سماج اسان جو خاندان ته عورت کي فرد جي حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، پر اچ جي عورت به انهن نظرين کي مڃڻ کان انڪار ٿي ڪري. هن جو انڪار ئي هن جي ڪاميابي آهي، ايندڙ تاريخ شايد، زاهده حنا جو ناهيل اصطلاح استعمال ڪري پر عورت اهيءَ ”ڪوڪ مزدور“ واري اصطلاح مٽائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي ايندي.

ادب

سليماني ٽوپي ۽ خلق

فقير علي اصغر

مان ڪير آهيان، اهو مان به نٿو ڄاڻان؟

مان حاضر ۽ غائب جو مٿيون ٽپڪو آهيان، نظر نه ايندڙ حڪومت، رياست جون اکيون ۽ ڪن آهيان، اندريون هٽندڙ ۽ ٻاهريون ڪٽندڙ آهيان، شيطاني شاهينگ آهيان. ماڻهن کي ڏاهڻ ۽ ڏاهڻ جو ڏکڻ آهيان مطلب ته مان ڳجهو جاسوس آهيان. حڪم جو ٻندو آهيان پر ڪم لاءِ رندو آهيان. اذن مليو ته ڳتيل آباديءَ واري شهر وچ ۾ خاموش طوفان جو راز فاش ڪري الوپ ٿي وڃ. ڪوهه ڪاف جو جن ٻڌجي پهچي ويس. هارون رشيد وانگر چمڙا پوش ڪري شهر جو گشت ڪيم. پوءِ منصوبه بندي ڪري نتيجو مٿي موڪليم. جتان آفرين نامو مليو ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪليل هٿ.

منهنجو سچو ڪم استاد ”گوئبلز“ جي خاص الخاص ايجاد يعني پروپئگنڊا تي هلندو آهي جيڪا نفسياتي جنگ جو عجيب اوزار آهي. مون کي پنهنجي خوبين تي ناز ۽ خامين تي بصر وجهڻ جو فن خوب ايندو آهي. رات جي حورالعين بيگ ۾ سڄي جهان جو مرڪز ڪٺي آئي ۽ منهنجي حڪم جو بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳي.

ڳجهي ايجنڊا هئي ماڻهن کي غير سياسي ڪرڻ. عوام اڇوت آهي جنهن کي نه ڇهڻو آهي نه ٻڌڻو آهي پر پنهنجي ڪوريئڙي نما ڄار ۾ مک جيان ڦاسائي رکڻو آهي. عوام سياست ڪري ته پوءِ حڪومت ڇا ڪندي؟ مون کي صرف ڪميونسٽ خيالن کي ٻنجو ڏيڻو آهي ڇو ته ڪميونزم ٻوڙ آهي جنهن آڏو سڀ بچاءَ بند هيچ آهن. مون ڪم شروع ڪري ڇڏيو.

مون طالب مان ملان ٿيل روبوٽ کي طلب ڪيو ۽ ڪيس تنبيهه ڪندي چيم ته پنهنجي ”دين ملان في سبيل الله فساد“ واري ڪم کان مايوس ٿي ويو هجين ته پوءِ حلال ٿيڻ لاءِ تيار ٿي. هن عربي شيخن جيان مون کي ”لارونيس آف عريبيا“ جيان نجات دهندو قرار ڏنو ۽ چيائين هٿ وڏايو امير ته بعيت ڪريان جيڪو مون سياري جي طوفاني رات ۾ پير ڪڍي هن ڏانهن وڌايو ته هن منهنجي پير کي حجاج بن يوسف جو پير سمجهي اکين سان مس ڪيو ۽ ڪم کي لڳي ويو.

مشهور صنعتڪار جيڪو پاڻ کي فوس مان فتح خان

سمجھندو ھو منھنجي حاضريءَ لاءِ ائين پھتو جيئن پويان پوليس ھجيس کيس مل ۾ مزدور ساڙڻ، 30 سالن جي ٽئڪس چوري ڪرڻ ۽ ھر قسم جي ابتن ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٺيڻ کي چند پٺيم ته اوقات تي اچي ويو ۽ ڊانبو ڪتي جيان دونھيءَ تي ويھي ويو.

حورالعين مشن امپاسيبل کي پاسيبل ڪرڻ لاءِ ويل ھئي ۽ صبح جو ملڪ جي مشھور سياستدان جي نازڪ لمحن جي منظر نگاري ۽ شاعريءَ جا جيئندڙ ۽ جاڳندڙ مثال ڪٺي آئي. مون کيس مرحبا چيو جيڪو ھن اعزاز پاتيو. شام جو سدورو سياستدان قدم بوسيءَ لاءِ حاضر ٿيو کيس دلداري ڏنم ته اسان جنم جنم جا رازدان آھيون پر ايمان جا سوداگر آھيون. شاھه فيروز جيان پادر چڪ ۾ ڪري ھٿ پويان ٻڌائي آزاي نيزي ڪيائين ته کيس پناھه ڏنم.

آخر ۾ زميني خدا عرف زميندار سان پڻ ملڻ ويس چو ته خدا جي گھر پاڻ وجبو آھي خدا ڪوھه آھي ۽ اسان اجارا، ۽ لوڪ پوڄارا.

مون کي بالي سمجھي مير نما لارا لپا ڏنائين جيڪي مون وقت جي ڪميءَ ڪري رد ڪري ڇڏيا ۽ کيس ھاري خاندان کي جيئرو پورائڻ، سرڪاري زمين تي قبضن ۽ ڌاڙيلن جي پاٿاري واري پڳ جا ثبوت پيش ڪري کيس پورو ڪيو کيس مخصوص لائن سمجھايم ۽ ھزارين دعائون وٺي پنھنجي ڪٽيا ۾ ڪوچ تي براجمان ٿيس. ملڪ ۾ محشر مچي ويو، خاموشي جيڪا نانگ جيان چپ ھٽي ويٺي ھئي سا عالم آشڪار ٿي وئي.

حورالعين منھنجي وارن کان آجي مٿي تي ھٿ کس ڪري منھنجي بي نيازيءَ تي ڪڙھي رھي ھئي پر کيس ڪھڙي خبر ته اسان ڪٿ خسرا ھياسين ۽ تقدير جي ستم ظريفيءَ تي راضي.

مشن پورو ٿي ويو ۽ ان سان گڏ منھنجي ضرورت. مون کي ڪيل خدمتن عيوض ٻئي جھان موڪلڻ جا فرمان پھچي ويا چو ته جاسوس جي پڇاٽي سڪل پادر جيان اپي ھوندي آھي.

مون پوٽاشيم سائنيڊ جو ڪيپسول ڳھڻ کان اڳ ۾ پنھنجا سمورا اثاثا دان ڪري ڇڏيا ۽ حورالعين جيڪا ايوا برائون جيان مون سان والھانه عقيدت رکندي ھئي کي وصيعت ڪيم ته منھنجي منتقلي transformation واري عمل ڪانپوءِ مون کي ساڙي رک (Aish) اڏائي ڇڏجان ته جيئن سميرغ پکي (The Phoinix Bird) جيان نئون پکي ٿي جنم وٺان ته جيئن انسانيت جيڪا پنھنجي آزاديءَ خوشحاليءَ ۽ مساوات لاءِ تڙپي رھي آھي جي چوڌاري ديوار برلن اڏائي ڇڏيان

ته جيئن ڪير سر ڪٽي منهنجي آقائن کي الزام نه ڏي.

شخصيت

ايملڪار ڪيبرال

شاهه عنايت



”جيڪڏهن ڪوئي پڇي ته هر شيءِ کان وانجهيل ۽ هڪ انتهائي ڳمڀير دؤر منجهان گذرندڙ اسان جهڙا ماڻهو آخر ڪيئن پنهنجي آزاديءَ جي جنگ وڙهي سگهندا ۽ کٽي سگهندا؟ ته اسان جو جواب اهو هوندو ته اهو سڀ ممڪن آهي. ان ڪري ته تاريخ ۾ ”لينن“ نالي هڪ شخص ٿي گذريو آهي، جنهن هڪ انسان، هڪ وطن پرست ۽هڪ انقلابي جون سموريون ذميواريون (اهڙين ئي حالتن ۾) پوريون ڪري ڏيکاريون آهن، لينن نه صرف قومن جي قومي آزاديءَ جو عظيم ترين علمبردار هو، پر اڄ پڻ آهي.“

اهي لفظ گني بسائو جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ هڪ انقلابي تنظيم (PAIGC) جي سيڪريٽري جنرل ايملڪار ڪيبرال 1970ع ۾ سوويت روس جي هڪ رياست ڪزاڪستان جي گاديءَ واري هنڌ ”لينن ۽قومي آزادي“ جي نالي سان ڪوٺايل هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ چيا هئا. آفريڪا جي هڪ آدرشي انقلابي ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختار رياست بڻجڻ جي عمل ۾ مصروف رياست گني بساؤ جي اڏيندڙ هڪ انتهائي سچي ۽ مخلص وطن پرست اڳواڻ جا اهي لفظ سندس خيال ۽ عمل ۾ سمايل ”انقلابيت“ جو ڏس ڏين ٿا. هو اڃا لسبن ۾ پنهنجي شاگرديءَ وارا ڏينهن ئي گذاري رهيو هو، جڏهن پهريون دفعو پورچوگال جي ڪميونسٽ پارٽي جي ڪجهه ڪامريڊن سان واسطي ۾ اچڻ ڪري ڪيس انقلابن جي سائنسي نظريي ”مارڪسزم- لينزم“ جو تعارف ٿيو، جيڪو بعد ۾ (سائوٿ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽي

جي هڪ اڳواڻ چواني) آفريڪي انقلابي جي گهري سمجهه ۽ حقيقي/عملي جدوجهد لاءِ هڪ الزوال جذبي جي صورت ۾ هُن جي شخصيت جو هڪ انقلابي پاسو بڻجي اُڀريو.

توڙي جو هُو نظرياتي ڪٽرپڻي کان پاڻ بچائيندو هويو، تنهن هوندي به هڪ انقلابي جي حيثيت ۾ هڪ مضبوط سياسي ۽ نظرياتي بُنياد تي سندس ڀرپور زور هوندو هو. ڪيبرال جدوجهد جو هڪ اعليٰ مثال هو. اولهه آفريڪا ۾ پورچوگال جي ڪالوني ”گني“ جي هڪ شهر ”بفاتا“ ۾ 12 سيپٽمبر 1924ع تي جنم وٺندڙ ڪيبرال هڪ خوش ۽ سرنديءَ ڀڃندي واري گهراڻي ۾ جنم وٺڻ ڪري ملڪ جي گادي جي هنڌ ”بساؤ“ ۾ پنهنجي هاءِ اسڪول جي تعليم پوري ڪري پورچوگال جي گادي جي هنڌ ”لسبن“ ۾ اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ ويو، جتان 1951ع ڌاري زرعي انجنيئرنگ ۾ سَند حاصل ڪري واپس پنهنجي ڏيهه وريو. اهوئي اُهو دور هو جڏهن بيئڪيتي سرڪار ۾ هڪ زرعي ماهر طور نوڪري ڪندي ڪيس ملڪ جي انيڪ ڳوٺن ۽ ڏورانهين وسندين ۾ وڃي، ڳوٺن ۾ موجود بي انتها غربت ۽ بدحالي ڏسڻ جو سڌڳو سنئون تجربو ٿيو. اهوئي اُهو تجربو هو، جنهن ڪيس پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ ۽ پنهنجي ماڻهن کي غلاميءَ جي لعنت مان آجو ڪرائڻ تي مضبوطيءَ سان بيهاريو. ماڻهن طرف سندس اهڙي رويي سبب پورچوگال سرڪار طرفان ويهاريل ان وقت جي گورنر سان سندس اختلاف وڌي ويا ۽ ڪيس مجبوريءَ ۾ انگولا وڃڻو پئجي ويو.

اتي انگولا ۾ رهندي هُن پنهنجو انقلابي ڪم تمام زور شور سان جاري رکيو ۽ 1956ع ڌاري مستقبل ۾ انگوولا جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سڀ کان وڏي تنظيم (MPLA) جا بنياد رکرايا. ساڳي ئي سال هُو گني بساؤ جي آزاديءَ لاءِ جڙندڙ تنظيم (PAIGC) جي جڙڻ جي سموري عمل ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪندو رهيو ۽ اها تنظيم جُڙي وڃڻ بعد مرڻ گهڙيءَ تائين ان جو اڳواڻ رهيو.

سندس ئي رهنمائي هيٺ (PAIGC) پوري مُلڪ جي سمورن ترقي پسند، وطن پرست سياسي ڪارڪنن کي متحرڪ ڪيو ۽گني بساؤ توڙي ڪيپ وردي (Cape verde) جي جزيرن تان پورچوگالين جو قبضو هٽائڻ ۽ پورچوگالي بيئڪيت منجهان پنهنجي قوم کي آزد ڪرائڻ لاءِ هڪ عوامي انقلابي فوج تيار ڪئي. ڪيبرال پنهنجي دشمن کي سمجهو ۽ سڃاتو ٿي. تنهن

ڪري جدوجهد دؤران ڪنيل سندس هر قدم ۽ڪيل هر فيصلو انتهائي توريل تڪيل ۽ جٽائتو هوندو هو. سندس اڳواٽيءَ ۾ (PAIGC) جي گوريلن جي نه صرف عسڪري تربيت ٿيندي هئي، پر سندن نظرياتي پختگي تي پڻ خاص ڌيان ڏنو ويندو هو. هُو هميشه اها ڳالهه زور ڏئي ورجائيندو هو ته ”اسين پنهنجي وطن جي آزاديءَ ي لاءِ وڙندڙ هٿياربند گوريلا آهيون نه ڪِي جنگي جُنون جو شڪار، ڪو جنگ پرست گُروهه“

ڪيبرال وٽ قومي آزادي جو تصور صرف ”گورن“ جي سرڪار ڪيرائي ان جڳهه تي ”ڪارن“ جي سرڪار اڏڻ يا پوءِ صرف نئون جهنڊو يا ڪو نئون قومي ترانو لاڳو ڪرڻ نه هو. هو ته گسني بساؤ منجهان استحصال جي سمورين صورتن جي خاتمي لاءِ وڙهيو ٿي. هُن هڪ ڀيري چيو هو ته ”هِن دور جي بين الاقوامي معيشت جي بنيادي خاصيتن ڪي نظر ۾ رکندي ۽ سامراج مخالف جنگ جو ڇگو خاصو تجربو رکندي، اهو چُڻ بالڪل درست ۽ وقتائتو آهي ته قومي آزاديءَ جي ويڙه اصل ۾ سامراج مخالف ويڙهه ئي ٿي سگهي ٿي ٻي ڪانه!“ ڪيبرال قومي جبر ۽ استحصال ڪي ماڻهن جي چمڙيءَ جي رنگ کان ڌار ڪري ڏسندو هو ۽ اِها ڳالهه سدائين ۽نهايت ئي زور سان ورجائيندو هو ته ”ياد رکو ته اسان جي جنگ پورچوگالين بجاءِ پورچوگالي بينڪيت ۽ استماريت خلاف آهي“، هُن تمام چِٽائيءَ سان چئي ڇڏيو هو ته ”اسان ان ڪري وڙهئون ٿا ته جيئن صدين کان ڦريل، هيسايل، ماريل ۽ ذليل و خُوار ٿيل اسان جا مُلڪ ان تذليل منجهان آجا ٿي سگهن. اسان جي جنگ ان ڪري آهي ته اسان جا پورهيت نه صرف هن ڏُور جي گوري سرڪار، پر ڪڏهن به، ڪنهن به سامراج جي يلغار ۽ استحصال جو شڪار نه ٿين. ڇاڪاڻ ته اسان استحصال يا استحاصلين ڪي ماڻهن جي چمڙيءَ جي رنگ سان هڪ ڪري نه ٿا ڏسئون. اسان پنهنجن مُلڪن ۾ ڦرلٽ جي هر صورت خلاف وڙهئون ٿا، پوءِ پلي اُها اسان جا ڪاري چمڙي وارا آفريڪي ئي ڇو نه ڪندا هجن!“

جيتوڻيڪ ڪيبرال جي سمورين سرگرمين جو محور پورچوگالي بينڪيت خلاف جدوجهد ئي هئي، تنهن هوندي به هو پنهنجن ماڻهن جي ان جدوجهد کي مظلوم قومن ڀاران سڄي دنيا ۾ ٿيندڙ سامراج مخالف جدوجهد جو هڪ حصو ئي سمجهندو هو.

اهو سامراج جيڪو سندس لفظن ۾ ”هڪ ئي وقت اُسريل ملڪن ۾ پورهيت طبقي جو استحصال ڪرڻ ۽ پئي پاسي اڻ اُسريل ملڪن ۽ قومن جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي ڪُچلڻ جون ڪوششون ڪندو رهي ٿو.“

ڪيبرال آزادي ۽ سوشلزم لاءِ ٿيندڙ جنگ ۾ سامراج مخالف محاذ جي هڪ نهايت ئي اهم ۽ طاقتور مورچي طور پنهنجو تاريخي ڪردار نڀائيندڙ سچي سوشلسٽ ڪيمپ جي ڪردار کي ڏاڍي چٽائيءَ سان سمجهندو ۽ مڃتا ڏيندو هو. 1965ع ڌاري بروناَئي جي گاديءَ جي هنڌ دارالسلام ۾ ٿيندڙ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ڪيبرال چيو ته ”اهو اسان جو فرض آهي ته هتي اها ڳالهه پُوري زور ۽ چٽائيءَ سان ڪيون ته سمورا سوشلسٽ مُلڪ اسان جا مضبوط ترين ساٿي آهن. سوشلسٽ انقلاب ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ ٿيندڙ واقعن ڪانپوءِ دنيا ۾ بنيادي تبديليون واقع ٿيون آهن. دنيا ۾ سوشلسٽ ڪيمپ پڻ هڪ طاقت طور اُڀري آئي آهي ۽ اُن شيءِ زمين تي موجود طاقتن جي توازن ۾ بنيادي تبديليون آنديون آهن. اڄ سوشلسٽ ڪيمپ سندس ڪلهن تي پيل تاريخي توڙي بين الاقوامي ذميواريون نڀائڻ ۾ پوريءَ زنجيدگيءَ سان مصروف آهي، پر اها ڪا سندن اخلاقي ذميواري ناهي، پاڪاڻ ته سوشلسٽ ملڪن بيئڪيتي راڄ هيٺ پيسجندڙ ڪنهن ه مُلڪ جو استحصال ناهي ڪيو. اهو ته محظ سندن آزاديءَ جي جنگ ۾ سندن ساٿاري آهن).

هُن جا سوويت يونين سان ڏاڍا سٺا واسطا هئا. هُن ڪئي ڀيرا سوويت روس جا دؤرا ڪيا ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين (CPSU) ۽ (PAIGC) توڙي وڏي پيرائي ۾ گني بساؤ ۽ سوويت يونين وچ ۾ دوستاڻا ناتا پئدا ڪرڻ ۽ سندن باهمي سهڪار کي وڌائڻ ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪريملن ۾ انقلاب جي پنجاهين سالگرهه جي موقعي تي (PAIGC) جي وفد جي اڳواٽي ڪندي ڪيبرال چيو ته ”اڄوڪي هن موقعي جو فائدو وٺندي، اسان گني بساؤ جي عوام طرفان سوويت روس جي عوام،ڪميونسٽ پارٽي روس ۽ اُن جي سينٽرل ڪميٽي جا ٿورا مڃون ٿا ته اوهان آفريڪا ۾ آزادي، امن ۽ ترقيءَ لاءِ جنگ، نسل ڪشي ۽ بيئڪيتي راڄ خلاف هڪ وڏي پاءُ جي حيثيت ۾ اسن سان هميشه هرممڪن سهڪار ڪيو آهي.“

18 سالن تائين گني بساؤ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ۽ 11 سالن تائين پورچوگال جي بيئڪيتي فوج سان منظم انداز ۾ جنگ ڪندڙ تنظيم (PAIGC) ۽ گني بساؤ جي سمورن ترقي پسند،وطن دوست ۽ آزادي پسند جنگجوئن جو نظرياتي ۽ عسڪري سرواڻ "ايملڪارڪيبرال" 20 جنوري 1973ع ڌاري "ڪوناڪري" شهر ۾ ان وقت هڪ غدار جي گوئيءَ جو نشانو بڻيو، جڏهن سندس سرواڻي ۾ پورچوگالي فوج سان 11 سالنت ائين هڪ خون ريز جنگ ڪندڙ گني بساؤ جي "عوامي فوج" پورچوگالي حڪومت جي چيلهه، چٻي ڪري چُڪي هئي ۽ پوءِ سامراجي دنيا ڏٺو ته ڪيبرال جي مارجي وڃڻ بعد به سندس ڪيل ڪم ڪي موت اچي نه سگهي ۽ سندس موت کان ڪجهه ئي مهينا پوءِ عملي طور تي جنگ ۾ فتحيات ٿي ويل (PAIGC) گني بساؤ جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو، جيڪو سُتت ئي دنيا جي ڪور سارن ملڪن مڃي ورتو ۽ خود پورچوگال اندر ڪاٻي ڌر جي فوجي حڪومت اچڻ بعد هڪ سال اندر ئي مڃي ويو. ائين هڪ عظيم وطن پرست، پورهيت دوست ۽ سامراج مخالف انقلابي اڳواڻ جو خواب سندس مرڻ پڄاڻان ساپيان ٿيو.

محبت گولیوں سے بو رہے ہو



وطن کا چہرا خون سے دھو رہے ہو



تمہیں گماں کہ راستہ کٹ رہا ہے



مجھے یقین کہ منزل کھو رہے ہو

